گردش

گردشن

آشيرواد

سري مهنت بابا گنگارام صاحب
بابا شيوارام صاحب اُداسين
پيلواڙا (راجستان)

ليکڪ ۽ سنگرهه ڪرتا :

ڪشن ڏيارام واڌواڻي (ڪملي)

نيو دهلي ·

سمرپڻ

گرو ڪا درشن اَگم اَپارا
گر ڪئي درشن مڪت گت هوءِ
ساچا آپ وسي من سوءِ
گرو درشن اُڌريءِ سنسارا
جي ڪو لائي ڀاءُ پيارا
ڀاءُ پيارا لائي ورلا ڪوءِ
گر ڪئي درشن سدا سک هوءِ
گر ڪئي درشن موک دئارُ
ستگر سيوئي پروار ساڌارُ.

(راڳ آسا گهر ٢ محلا ٣)

ڪيان تو اَرپڻ
هيءَ لماڻي ڀيٽ
ان ستگرن جي
چرن ڪمان ۾.
شل قبول پوي!

ڪشن واڌواڻي

گردشن

(بابا شيوارام بابا هريرام صاحب اُداسين
جي جيون ۽ سکيا جو سار)

ليکڪ ۽ سنگرهه ڪرتا :

ڪشن ٽيارام واڌواڻي (ڪملي)

٣٠١، ڊبل اسٽوري، نيو راجيندر نگر، نيو دهلي - ٦٠

آشيرواد :

سري مهنت بابا گنگارام بابا شيوارام صاحب اُداسين
ڀيلواڙا (راجستان)

سهڪار : ڪمل ميوارام ڪيولراماڻي (ڀياسي)
ويراول
پرمانند چوهڙمل ناواڻي، نيو دهلي

ڇاپو : پهريون — ڪاپيون : هڪ هزار
سال : ١٩٨٦ — مولهه : شردا ۽ پريم

پرڪاشڪ : رميش پرمانند ساولاڻي
٢٢/٢٤، اُوسري گيٽ، اجمير (راجستان)

ڇپيندڙ : ڪي. جي. ڪرنا،
سندر پرنٽنگ پريس، ڪيسر گنج، اجمير



سنت سرمور
بابا ہری رام صاحب اُداسین

هري ڀي اُهو، رام ڀي آ اُهو
مراري مٺو، شيام ڀي آ اُهو
اُهو ستگرو، سام ڀي آ اُهو
ڪلبل ڀي اُهو، مام ڀي آ اُهو
سچو سنت سوئي سٻاجهو سڄاڻ
هريرام بابا، نماڻن جو ماڻ

هري - دلگير

درشن ڏيک جيوان گر تيرا
پورن ڪرم هوءِ پرڀ ميرا

باباجن جي پوتر هٿ اکريءَ جو درشن -

ਬਿਲਾਵਲੁ ਛੰਤੁ ਮਹਲਾ ੫ ॥

ਊਚ ਅਪਾਰ ਬੇਅੰਤ ਸੁਆਮੀ ਕਉਣੁ ਜਾਣੈ
ਗੁਣ ਤੇਰੇ ॥ ਗਾਵਤੇ ਉਧਰਹਿ ਸੁਣਤੇ ਉਧਰਹਿ
ਬਿਨਸਹਿ ਪਾਪ ਘਨੇਰੇ ॥ ਪਸੂ ਪਰੇਤ ਮੁਗਧ
ਕਉ ਤਾਰੇ ਪਾਹਨ ਪਾਰਿ ਉਤਾਰੈ ॥ ਨਾਨਕ ਦਾਸ
ਤੇਰੀ ਸਰਣਾਈ ਸਦਾ ਸਦਾ ਬਲਿਹਾਰੈ ॥

بلاول ڇنت محلا ۵

اوچ اپار بي انت سُئامي ڪؤڻ جاڻي گڻ تيري
گاوتي اڌرهه سڻتي اڌرهه بنسهه پاپ گهنيري
پسون پريت مگد ڪئه تاري پاهن پار اُتاري
نانڪ داس تيري سرڻائي سدا سدا بلهاري ۰



سنت سرومڻي بابا شيوارام صاحب اُداسين

جنم :
ٻڌر اَسو ۱۹۷۳
(برابر ۱۱ آڪٽوبر ۱۹۱۶)

برهم لين :
۱۸ (سائم) چيٽ ۲۰۴۱
(برابر ۲۱ اپريل ۱۹۸۴)

سڀ مهاپرشن جا جيون يادگار
ٿا چٽائن ڪر حياتي شاندار
وقت جي واريءَ تي پيرن جا نشان
ويا ڇڏي تن تي هلڻ لاءِ ٿي تيار

بيوس -

آشيرواد

پياري ڪشن واڌواڻي وڏي جفاڪشي ڪري ٻابا شيوارام صاحب جن جي جيون ۽ سکيا ٻابت جو سنڌر پستڪ لکي پياري رميش ساولاڻيءَ جي سهڪار سان شايع ڪيو آهي تنهن لاءِ هن ٻيشڪ ڪيرون لهڻيون. شل ٻاٻاجن جي آشيرواد مٿس ۽ سندس ساري ڪٽنب پريوار تي رهندي اچي ۽ شل سدائين وڌندا ويجهندا رهن.

هري شيوادام
پياواڙا
٦ جولاءِ ١٩٨٦

بابا گنگارام



سري مهنت بابا گنگارام بابا شيوارام صاحب اُداسين

وشيه سوچي

پرستاونا

گردرشن ستگر بابا شيوارام صاحب جن جي جيون جو
رتانت هڪ آدرش ڀاٽ آهي. ڀاءُ ڪشن واڌواڻي اهڙي
وٽر پستڪ لاءِ پرستاونا لکڻ جو ڪارڻ، مونتي رکيو آهي
ندهن لاءِ عسان سندس نهايت ٿورائتو آهيان. هيءُ ٻندو
ڪير جو سنتن جي وصف جو ملهه ڪٿي سگهي!

لون سمرت وڏا ميري مت ٿوري رام
پالهه اڪرلگهدا پورن درشن ٿيري رام
ٿون درياهه دانا بينا ٻيءُ مڇلي ڪٿسي انت لهان

سچ آهي ته سنت سنسار جي ڪلياڻ لاءِ جڳ ۾ اچن ٿا
ڪي وڏڀاڳي سندن شرڻ ۾ اچن ٿا:

نانڪ پورب جن ڪي لکيا تنهن ستگر مليا آه

پياري ڪشن پستڪ کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي ۽ لور
جو ٿي پنهنجا خواه پين پرميين وٽان آيل مضمون مڪمل
ڪيا اٿس. ڪتاب ۾ طرحين طرحين سندا گلاب جا گل
هندا ۽ گلواڳون سکيادائڪ اپديش ۽ سکيائي وارتائون.
ٿيٿت ڪري سنتن جا اهڙا چمتڪار ۽ سکيائون ته اهڪ
هن مگر هن ڪتاب ۾ فقط اهم وچار ۽ آزمودا ورلن ڪيل
هن جي پانڪ گهڻي سڪ ۽ شرڌا سان پڙهي لاڀ پرائي
گهندا.

مهاپرشن جي جيون رهڻي ڪهڻي ۽ واڻاورڻ اهڙو ته
ملهه آهي جو ڪنهن به سنساري پدارٿ سان ان جي ڀيٽ
ڪري نه سگهبي. سنتن جي واڻي ۽ ٻڌ واڻيءَ ۾ ڪو به
ق نه آهي. سندن جيون جي شڌ وهنوار، دويت ڀاؤ

ڀاڳوت، رامائڻ، سامي جا سلوڪ، شاهه جي رسالي مان
حوالا ۽ سچل سرمست، بابا نانڪ‌راج ۽ ڀڳت ڪنور رام جي
چوڻين جو اڀياس باقاعدي ڪندا هون، جن مان سڀني ڀائي
سيکڻ سک شيوڪ ۽ پريميءَ کي روح پرهاڻ ڪرائيندا
هئا. اها ڳالهه گوشٽي سندن انوکي شخصيت جي سراسر
شاهدي ڏئي ٿي. سائينجن جي اسان سڀني لاءِ اهائي هدايت
هوندي هئي ته اعتبار وڌي آتي نرنڪار جي حضوريءَ
۾ پڪار ڪريو ۽ ڪامل ستگروءَ وٽان مليل منتر جو جاپ
ڪري وڪارن جي ڪُٽ هڻندي روحي آرسيءَ تان ميسارڻ
جي ڪوشش ڪريو. پوءِ ئي پرماتما جو ديدار پنهنجي
سيني ۾ پسي سگهندا. سدائين بابا هريرام صاحب جن جي
سهڻي صورت ۽ لٽ واري مورت ڏانهن اشارو ڪري
هدايت ڪندا هئا ته سندن پاڇو ۾ وساهه رکي ساڻن
متريون مترون لائيون ڀائيون ڪريو. انهن چوندي سندن
نيڻن ۾ اها جوت جرڪندي هئي جنهنجو ورنن ڪرڻ کٺن
آهي. سڀ سڀي کي پنهنجي اهميت آهي. ستگورن سان
سنمک ٿي وڻبو هو ته ڳالهه گوشٽي گوشانٽي اسولي ۾
ڪندا هئا. گرمکن ۽ منمکن جون وارتائون ٻڌنديون
هيون ته بابا هريرام صاحب کي ذهان ۾ رکي مکيه ڏئوي
سمپدائون جن ته اهنسا، سچ ڳالهائڻ، ودبا پرائڻ، ڌيرج،
کميا، دنيا، تياڳ، تپ ۽ دان ڪرڻ، پرميشور ۾ شرڌا ۽
پرسنتا ۽ مکيه آسري سمپدائون جن ته لوڀ، واشنا، ڪروڌ،
پاکنڊ، ابيمان، ڪپٽ ۽ پرميشور ۾ اشرڌا جو وڃالت
پرماڻن سان سمجهائيندا هئا. سندن ٻرهم ليڻ ٿيڻ ڪاڻپوءِ اڄا
اڀين ٿي ته هڪ اهڙو گيان گرنٿ تيار ڪجي جنهن ۾ ٻابن
جي دربار صاحب خواه ٿارو شاهه استان جا رهبر ٿورڙي
پيلوارڙا دربار صاحب جون آلمڪ ڪٿائون مڪمل لموني

کان رهت ٿي، سڀ ۾ پرڀوءَ جو روپ ڏسڻ سان ڪنهن سان وير ڀاءُ نه رهندو.

سنت بابا شيوارام صاحب وٽ گرواڻيءَ جو خزانو ڀرپور هو ۽ هو ڪنهن اُجائل جي پياس گرباڻيءَ جي اک سٽائي نه پهت ڪندا هئا.

سچ منتر نمارا امرت باڻي سڻل پرک درشن سڀ ڪي
لمسڪار ناڪه لک بار، اهه من ڏسجيءَ ناڪه وار
انسي گر ڪه بل بل جائي، آپ مڪت موهي تاريءِ.

سنت سڳورن کي نه فقط گورواڻي جو ابياس هو پر سندن عظمت روحانيت ۽ شخصيت جي قبولي وڌيڪ وڌيڪ ملندي هئي، جڏهن ٻين شاسترن مان حوالا ڏيئي برهمڻ کي آتمڪ قوت جي بخشش ڪري باغ بهار ڪندا هئا. حقيقت آهي ۽ انهيءَ چوڻ ۾ مون کي نهايت اُسي پرسنتا ٿئي ٿي ته مان ڪيترائي سال وڏن جي ڏينهن کان لڳاتار دربار صاحب جو پاٺڪي ڪوڪر ڪري جاتو آهي.

"هئه ڪوڪر تيري درباري"

سنت شيوارام جڏهن دربار صاحب ۾ آيا تڏهن سندن آيو اٽڪل ستن سالن جي هئي. مان کانئن ٿورو وڏيرڙو هوس پر اسانجي پاڻ ۾ گهڻي نه پريت ٿي وئي جو اسان جو گهر ۽ دربار صاحب بلڪل آمهون سامهون هئا. ننڍيءَ اوستا کان ئي ڪين سردي گرميءَ ۾ انهن لسٽت ڏٺم جئن اُلل آڪاس ۾.

جئن اُلل پکي لسٽت رهي آڪاس ۾
انهيءَ بهر عجيب سان ماي موجان ڪن
مڇي راڄ رهن ڪيول ڪنول جان سدا.

واد وواد گهٽ، پريم سرس، سڀ ڪنهن سان سميڪتا.
مطلب ته ڪنول گل جيان جل ۾ رهندي جل کان نرالا.

يا مخلوقات جي سيوا جو مرڪز. زندگي عيش عشرت جو اُسانو آهي يا اُپڪار جي اُپاسنا جي ذاڪو جتان ڏيري ڏيري انسان سنتن سادن مهاپرشن جي اوج وٽي رڙهيون پائي وڃي ٿو جيڪا ٿانوَ ٿائين پهچي. پر سنتن ان ڳالهه لي بہ خاص ڌيان ڇڪايو تہ زندگي هڪ ڪوري ڪاغذ مثل آهي جنهن تي ڪو ڪو ورلي انسان دنيا ۾ اچي پريوء جي پريتا سان جيڪي ڪرم ڪمائي ٿو، سي ان لي اُڪري وڃن ٿا ۽ انهن شبھ پاوناڻن يا شبھ ڪرمن جي ذريعي هضم جي ڪرپا (Divine Grace) جو پاتر يا حقدار ٿئي ٿو. "اي سريرا ميرئا، اس جڳ ۾ آئڪي، ڪيا تد ڪرم ڪمايا." گوتم بد آدرشي جيون جي حد هن طرح نهرائي: "ڪير بہ ڪنهن کي دغا نہ ڏئي ۽ نہ ڪنهن کي ڪين ڇڙو سمجهي." گرو گرانٿ صاحب ۾ بہ انهن ئي ڏهرايو ويو آهي: "نہ ٿون پاڻڪي چڱو جاڻ ۽ نہ ٻين کي برو."

ڪيترن برهمڻن کي ڌيان ۾ هوندو تہ بابا هربرام صاحب جن جي پالشاهيءَ ۾ روزاني نيم سان دربار صاحب ۾ آرتي ڪيرڻ ۽ اوداس ڪانڀوء راس جو اغث جي چوگرد پرڪرما ڏبي هئي هيٺئين شبد سان:

ستگر آئيو شرن تهاري
ملي سوک نام هر سوڀا، چنتا لاهہ هماري (رهاءُ)
اؤر نہ سوُجهي دوُجي ٺاهر، هار پڙيو تہ دواري
ليکا ڇوڊ اليکا ڇوٽهہ، هم نرگن ليهہ اُباري
سد بخشند سدا مهروانا، سڀنا ديهہ آڌاري
نانڪ داس سنت پاڇي پڙيو، راک ليهہ اهہ باري

ساڳيو نت نيم بابا شيوارام صاحب جن پيلواڙا آستان لي پريم پوروڪ اُپنايو آهي. پاڻ بہ باڻيءَ جو پرچار جڳ جو ٻين ڪيائون ۽ هن بندي کي بلاول چهنت محلا ٥ وارو شبد

درج ڪري پاڻکي اڳيان رکجي جو پڙهي ڪين اڳين لڳن
جو اکين ڏٺو ديدار ملي ۽ پوري پڇاڻ ٿئي جڏهن آئينده
جي پيڙهه. پنهنجي نج سروپ کي پروڙي سگهي. گرون
جو شيوڪ سڌائڻ ڪيڏو نه سوکو آهي پر راهه اڻانگي ۽
منزل لمبي آهي. مڪڻ جي شيخ پڇاڻي آهي. ستگرو ئي
منش جي دکن کي جڙ کان ناس ٿو ڪري. انهيءَ ڪري
ئي شاسترن ۽ سڀني سنتن گروءَ جي اپار مهما ڳائي آهي.
گرو ئي شش کي مايا جي منجهيل مارگ کان پار ڪرائي
منزل مقصد تي وٺي وڃڻ ۾ سمرٿ آهي.

جس نون تيري مهر، تس تيري بندگي
جو تيري رنگ راتي سوامي، تن ڪا جنم مرڻ دک لاٿا
تيري بخش نه ميٽي ڪوئي ستگر ڪا دلاسا.

ڀاڳ ڪشن واڌواڻيءَ جو هيءُ پستڪ به هن ڏس ۾ هڪ وک آهي. آشا اٿم ته، جنهن نموني جي گرنٿ جو ذڪر ڪيو اٿم سو به ڪو عالم ساهتيڪار پريمي اڳي شايع ڪندو ۽ هن بندي جو سپنو هڪ ڏينهن ساڪار ٿيندو.

لکندي لکندي ياد ٿيون اچم اُهي گهڙيون جڏهن بابا شيوارام صاحب جن سان زندگي ڇا آهي بابت ڳالهه ڇيڙيم. سندن سڳن لاءِ گيان ديپ مثل آهن. راهيءَ کي راهه ڏيکارن ٿا ۽ سندن زندگيءَ ۾ موڙ آڻين ٿا. زندگيءَ کي سمجهڻ پنهنجي پنهنجي خيالات پرماڻي گهڻن ئي روپن ۾ سُلجهايو آهي. سندن سڳورن به ڌيري ڌيري پنهنجي مڪاروند شبدن ۾ سمجهائي ڏني جنهنجو سار هو: زندگي جاڳوڙ آهي يا ملاکڙو. زندگي اُمنگن جو طوفان آهي يا پورل پاڻي جو جهڳٽو. زندگي ڪرم ڀوميءَ جو دائرو آهي يا ابشوري ڏوريءَ ۾ پوئل مالها. زندگي ٻجهارت آهي يا قدرت جو کيل زندگي دک سک جو ميدان آهي

شرڙا جا ڦول

سا ڌرتي ٿي هرياولي جتي ميرا سنگر بڻيا آهه ايشور جا رنگ نرالا آهن. ڪال ۽ وقت جي تقاضا پربل ۽ اٽر آهي. گهنڊ گهڙيال ۽ گهنگهرين، دهل دماما، ڪال نظارا، شهنائين ۽ نوبتارا چوگرد پيا وڄن.

واهه ڙي ٻيلواڙا تنهنجا ڀاڳ ڀليرا
سڀئي سنت چڙهي ڪيا تو وٽ ڏيرا

جتي سڀئي ڀالا پير، اتي ٿيا سدائين خير. بازيگر ڊانڪ وڄائي، خلق تماشي آئي. ڪٿهوڪا ڏيهن آهن. ورهاڱو ٿيو ۽ سڀئي سڳورن بابا شيوارام صاحب جن اچي راجستان وسائي ۽ ٻيلواڙا جي رونق وڌائي. ساڳيا باغ باغيچا ٻنيون بارا رنگ رسيلا، امت ٿيون سڄ سڳون ساري ٻيلواڙي کي تنهن جوت ملي وئي. پورا ٣٧ سال موج مستي ۾ انهن گذاريا جنهنجو پتو ئي نه پيو. اڪ چپ ۾ اسانجي محبوب جدائي جو وڇوڙو ڏئي وڃي ٻرهم ۾ نواس ڪيو.

وقت نه پهنجي رفتار سان هلندو پيو هلي پر ان سندن تماشي صورت ۽ موهڻي مورت پسڻ لاءِ لنوڻ پيا واجهائين ۽ سندن ڪمل چرن چهڻ کان هٿ رهجي ٿا وڃن. باقي سندن منڙين وار تائن ۽ مندر گيٽن کي ياد ڪري من کي پيا آٿت ڏيون ۽ سندن دان ۾ اچاري باهار پيا وڃون. اهائي آهي پڪار پرڀو ۾ اڳيان ته شل سندن بخشيش اسان تي چمڪندي رهي.

”اوچ اَپار ٻي اَنت سوامي، ڪوڙ ڄاڻي ڪِن ليکي...“ پنهنجي همت آهرن ۽ لکي ڪنهن ڪرڻ لاءِ ڏنو جيو سچر پستڪ جي شروع ۾ ٻانڪن جي درشن لاءِ درج ڪيل آهي.

آخر ۾ ستگرن جا مٺڙا ٻول جي وقت ٻوقت سنسنگين جي ڪنن ۾ گونجندا رهندا آهن سي هيٺ ڏهرائي مٿان ٻاهار ٿو وچان:

گُر شبدا ٿي پرڳت ڪمائي، لب اِهه ماس ڏٺهي ٻاٿي
اِس ڏٺهي ڪئه سمرهه ڏيو، سو ڏٺهي ٻج هرڪي سيو
(پرڳت ڪبير)

جو ڏن آوهه سو ڏن جاهي، ڪرنا ڪوچ رهن ٿرُ ناهي
سنگ چلت هئه، هم ٻي چلڻا
دور گوَن، سر اوپر مرنا
ڪنا ٿو سوئنا، جاڳ اياڻا
لي جيون جڳه سچ ڪر جانا (رهاءِ)
(سو هي پرڳت روداس)

ٻاءِ ڪشن ڪي جس آهي جو ڪشٽ ڪري سنتن جي جيون ۽ سکيا بابت سندر مسودو مڪمل ڪري ٻانڪن اڳيان رکيو اٿس ۽ هن داس کي بہ ٻاٻاجن کان سندن مهر مڱڻ جو عمدو موقعو ڏنو اٿس:

هڪ مهر منگان ڏيال داتار، ڏر تنهنجي وارون وار
ڪر اظر پنهنجي، ڏرد ڏُرمت ٻاو ڏوُجا جو، نوار
آسون اندیشا دور ڪر، گهٽ گهٽ ۾ ٻاڻ ڏيکار
اَڪال، ماٻا موهڻيءَ ۾ بہ شل ڏسان تنهنجو آڪار.

شل اسين سنتن جي سکيا گرهڻ ڪري ۽ سندن ٻتايل راهه تي هلڻ لاءِ يتن ڪندا رهون. اها آهي منهنجي اماڻي ٻرارٿنا ۽ پڪار. شل پنهنجي مهر ۾ داس کي ٿورو ڏاڻين سا الڀ پنڌا.

کار ٻمبئي
١٩ جون ١٩٨٥

جئڪرشن گرسهاڻي

ملي وئي. هڪدم پاڻ رميش کي پتر لکيم جنهن خوشيءَ
سان اهو ڪم ڪرڻ لاءِ جو جواب ڏنو سو ڏيکاري ٿو ته
ڪيئن اسان جا بابا سائين اڄ به حاضر ناظر آهن ۽ سڌ ۾ سڌ
پيا ڏين. پياري رميش لکيو: "توهان جو پتر پڙهي
مون کي ائين لڳو ڄڻڪ بابا جن مهنجي سمک ويٺا آهن
۽ مون کي ڪتاب ڇپائڻ جي هدايت ڪري رهيا آهن.
مون سپني ۾ به ڪين سوچيو هو ته اهڙي ننڍي عمر ۾
مونکي ايڏو وڏو ڪم ڪرڻ لاءِ باباجن جي آشيرواد ملي
سگهندي. مان اهو ڪم خوشيءَ سان ڪندس."

پورن وشواس اٿم ته پيارو رميش پنهنجي ذميواري
پوري لگن سان نباهيندو ۽ پستڪ باباجن جي پوتر سماڌي
استاپنا جي شڀ اوسر تي پرڪاش ڪري پريمين اڳيان
رکندو.

نيو راجندر نگر
نيو دهلي
٢٠ جولاءِ ١٩٨٥


ڪشن ڏيارام واڌواڻي
(دهلي)

تون پرم پتا گرو داتا، ڪر آسيس ستگور داتا
تون الک اگم ور داتا، ڪر آسيس ستگور داتا

سڪ سان بابن جي جيون مان ڪي جهلڪون پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيون اٿم. بالي ٻولي ٻولي ۾ سندن اُڪت ڪٿا جو مختصر ورنن ڪيو اٿم.

ڪهڙا احسان لاهيان بابا ڳايان! رهي جو لڳن تنهنجي چت سدا پيارا؟ پڪڙ ڪر منهنجي، پنهنجو ڌيان ڏي. پنهنجي در کان ڪر تون نه دور پيارا! شل ٿيون قبول هي شردا جا قول. اٿم اها آرزو در تنهنجي تي منا!

پڇاڙيءَ ۾ اهو لکڻ واجب ٿو سمجهان ته، جڏهن مون پياري ڀاءُ هاسارام کيولراماڻيءَ سان بابن جي جيون بابت ڪو سندر پستڪ پرڪاش ڪرڻ جو ذڪر ڇيڙيو ته هن ڀاءُ هيءَ ڪار، مونکي ڀاڻ تي هموار ڪرڻ لاءِ اتساهت ڪيو ۽ ان ڏس ۾ ڀاءُ پرمانند ناواڻيءَ به منهنجي همت افزائي ڪئي. جڏهن پرڪاشن کان پنهنجا پنهنجا آزمودا ڪهڙائي پستڪ لکي پورو ڪيم ته، ڀاءُ جڳڪرشن گرسهاڻي ان لاءِ پرستاونا لکي جو ورڪ ڪيو ۽ پوڄنيه ڀاءُ چراداس گرسهاڻي پستڪ نظر مان ڪڍي جي عملي صلاحون ڏنيون تن لاءِ آءٌ سندن نهايت شڪرگذار آهيان. هاڻي رهيو سوال ڇپائيءَ جو. دهليءَ ۾ عربي سنڌيءَ جي ڇپائڻ جو جوڳو ساڌن نه، هئڻ سبب ۽ عمر جي لحاظ کان ٻاهر ڪنهن ٻئي شهر ۾ وڃي ڇپائڻ مشڪل سمجهي ڪجهه مونجهيل هوس ته هڪ ڏينهن صبوح جو منهنجي ڌرمپتنيءَ ليلان رات جو اڌل سپني جي عجيب وارتا ڪري ٻڌائي. چي: ”سپني ۾ ستگرن جو درشن ڪيم ۽ سندن پڇيان رميش ساولاڻي به بيٺو هو. جڏهن پستڪ ڇپائڻ جي ڳالهه ڇوري ته رميش ڏانهن اشارو ڪري الوپ ٿي ويا.“ بس پريرڻا



ديوان پرمانند ڀلاجراءِ نوڌاڻي



ديوان ڪيمتراءِ ڀلاجراءِ نوڌاڻي

پيرن جي دربار

راڳ پرڀاتي

ٽل - ايشور روپ شري گرو بابا
سڀئي ڪوتڪ ڄاڻو ٿي
ڪنهين ڪنهين سڃاڻو ٿي.

1- پاڻ ديالو ديا ڪندا هئا - دل سڀئي جي خوش ڪندا هئا
اسين مورکن کين سڃاڻو ٿي.

2- پرڀات ويلي سوير اٿن - اٿي پنهنجو نام جپن
پوءِ پوءِ ٻين کي اٿاريائون ٿي.

3- پورڻ پرمانند اپندو هو - ڀيمراءِ سڀ سيوا ڪندو هو
آشا ٽيڪچند ڳائي ٿي.

4- داس سيوڪ ٿي مهر سندن - منهنجي آهي سدا وندن
سدائين پنهنجي مهر ڪيائون ٿي.

بابا شيوارام صاحب جن لاءِ سندن ستگورو بابا هريرام صاحب خود ايشور، هري روپ هئا. پيرن دربار صاحب جو روزانو ڪار به ڪئن شروع ٿيندو هو تنهن جو درشن هيٺين شبد ۾ باباجن پاڻ سندر واڻيءَ ۾ چٽيو آهي. ستگرن به کين سڪ مان پنهنجي گود ۾ ورتو هو. اها به هڪ انوکي وارتا آهي:

خيرپور رياست جي ڳوٺ ڀنگو ڀٽ ۾ ڀائي لعلورام صاحب اوچ ڪوٺيءَ جا درويش ٿي گذريا آهن. گرهست ۾ رهندي سندن وڏي اداسين جيان هئي. شري چرنداس گرسهائي پنهنجي پستڪ ”ستگرن جي چرنن ۾“ سندن

ڄڻيءَ لئي روشني وڌي آهي. اهڙا لاطمع جو رياست جي واليءَ جاگير جو پروانو نذرانو ڪري ڏنو ته ڪٽي ٻاهه ۾ وڃائڻ بدران پنهنجي ڳوٺ جي پاسي ۾ ننڍي زمين جي ٽڪري تي جنهن ۾ کوهه پڻ هو، هٿ سان محنت ڪري گذران ڪندا هئا ۽ گهڻو ٽڪو اڪيلائي رهندا هئا. گرهستي جيون جا نيم پالن ڪندي به هو ڪمل گل جيان نرليپ رهيا ۽ انهيءَ ڪري سندن لنو لالڻ سان لڳل رهندي هئي، جنهنجي هاڪ چوطرف ڦهليل هئي. وڏي ڪٽنب جا والد هوندي به اهڙيءَ منزل تي رسڻ ٻئي مثل آهي. ڳالهه ٿا ڪن ته چولي ڇڏڻ کان اڳ کين ۱۵ ڪن پوٽا ۽ ۱۵ ڪن پوٽيون* هيون ۽ اهڙي چوندا هئا ته جيڪي شيوا ڪندا تهڪي ميوا ملندا. هنين چئن پوٽن جون زالون سندن خاص شيوا ۾ رهنديون هيون:

۱- جڳتراءِ منگهرمل ۲- ڀيرومل منگهرمل ۳- هرداسمل آسودومل ۴- ٽارومل آسنداس.

چار ئي گرڀڻيون هيون. هڪڙي ڏينهن کين چيائون: "اسان جلد ئي چولو ڇڏينداسين ۽ ٻيو جنم وٺي لوهاڻان مان هڪ وقت اينداسين." پاڻي ٽنورام چيٽ سنبت ۱۹۷۳ ۾ برهم لين ٿيا. سمي پاڻي ٽن جڻين کي نيا ڏيئون جائون، باقي هڪ شريمتي سهج ٻائي پاڻي ڀيرومل جي ڌرمپتنيءَ کسي ساڳئي سال اسو مهيني ۾ پؤلم جي شبھ ڏينهن تي ڪڪو جائو جنهنجو نالو رکيائون گُدو. سندس ڪن تي نشان ڏسي سڀني چيو ته ڏاڏو ٽنورام ٻيو جنم وٺي آيو آهي ۽ پنهنجي نشاني به ڪئي اٿن. چوڏاري واڌايون وريون ويئون پالڪ گدو اجان ٽن مهنن جو ٿيو ته ماتا جو ڪاڏو وٺڻ بعد

* ڏسو هن ليک جي آخر ۾ ڏنل شجرع


کيس چيائون. ڀائي ڀيرومل چئي ڏنُن: "ساڌو ٽي
ڏينهن کهڙيون نه ڪريو." بابن نه ٻڌو اڻ ٻڌو
ڪري واپس ڀيران روانا ٿي ويا. پر موقعو وٺي ڀائي
جيٺراءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ ڀيرومل کي سمجهايو ته بابا هربرام
صاحبن جو مطلب ڪهڙو هو. اهو ٻڌي کيس ٻڌايائون ته
بالڪ گنو جڏهن اڃا ٽن مهينن جو هو ته سندس ماتا جا چولو
ڇڏي چڪي هئي. بالڪ بابن جو ڪري ڇڏيو هو ۽
موڪائي وٺڻ جو سنڪلپ ڪيو هئائين. سو بابن ته پنهنجي
امانت وٺڻ جي تقاضا ڪرڻ آيا هئا. ڀائي ڀيرومل تنهن
تي غور سان سوچڻ لڳو ۽ پنهنجي ڌرمپتنيءَ سان صلاح
ڪري نشچو ڪيائين ته بالڪ گنو بابا هربرام صاحب جن
جو ٿيو ۽ موڪائي ڪونه وٺبو. سو جڏهن بالڪ ستن سالن
جو ٿيو ته پاڻ کيس وٺي اچي ڀيران جي درٻار صاحب ۾
بابن کي ارپڻ ڪيائين ته وٺو پنهنجي امانت. بابن
بالڪ کي ڏسي گد گد ٿيا ۽ ڀائي ڀيرومل کي ڪلي چيائون:
"ڪئن ڀائي! اسان ٺيڪ شادي ڪئي نه." هيءَ وار نه
شرڌتي شانتي ڀائيءَ، ڀائي جيٺراءِ ۽ ڀائي ڀيرومل جي
ڀيڻ جا هن وقت ٻراڳڙهه ۾ پنهنجي سپاڙ هر چند سان
رهي ٿي، تنهن ڀيلواڙا اچڻ لاءِ وڃن ڪري ٻڌائي. پاڻ
بابا شيوارام جن کان ١٥ سال ڪن وڏي هئي ۽ ننڍي هوندي
کان کين ڪٺندي کڏائيندي ته هئي پر ٻزار مان شيون
وٺي به لڪي کين کارائيندي هئي. چيائين ته بابا
شيوارام جن جڏهين ٻراڳڙهه ٻڌارا هئا ته ننڍي هوندي
جو ن ڏينهن ياد ڪري کين چوندا هئا: "تون هئينءَ نه
جو گهر مان اَن چوري ڪري ٻزار مان ڪڻي ۽ ڀڳڙا وٺي
مونکي کارائيندي هئينءَ." بالڪ گنو اڄ ننڍو سيان وڏو
درٻار صاحب جي هر ڪار ۾ انهن ڀيڻي وڌو جڻ ته ڄاڻو

ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ ٻيهر ڪرڻ لڳو. ويو ڪمزور ٿيندو. سيٺي کي چنتا ورتي ويئي. هڪ ڏينهن سندس ڏاڏيءَ پاڻي منگهرمل جي گهرواريءَ ٻالڪ کي پنهنجي هنج ۾ کڻي رنجهائڻ لڳي ۽ بابا هربرام صاحب جن کي پڪاري ٻاڏائڻ لڳي ته اچي ٻالڪ سان سهاءِ ٿين ۽ سندن ٻيهر لاهين. ٻالڪ بابا جن جو نالو ٻڌي سالم ٿي ويو. پوءِ سندس ڏاڏيءَ پنهنجي اهن کي کٽ تي سمهاري ٻالڪ سندس گود ۾ ڏنو ته زور زور ڪري ڪيس ڪاڏو ڏني ۽ ٻالڪ به آهستي آهستي ڪري ڏاڏڻ شروع ڪيو. جڏهن ته ڪيترن ڏينهن کان ماتا جو ڪاڏو کونه ورتو هئائين سو پهرين سندس پيٽ خراب ٿي پيو پر وري ته بابا هربرام صاحب جن کي پڪارڻ سان ۽ تريب ڪري ماتا جي تپ مٽائڻ سان ٻالڪ ٺيڪ ٿيندو ويو. پاڻي جڳتراءِ اهو رنگ ڏسي ماتا کي چيو ته هاڻي ته ٻالڪ بابا هربرام صاحبن جو ٿي چڪو. ماتا ورائيو ته پوءِ ڇا. کٽي سؤ ٻه سؤ روپيا ڏيئي موڪلائي ونداسين. ٻالڪ جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو ته سندس ٻال ليلائون ڏسي سيٺ مٿس گهورون گهوريندا هئا. ٻالپڻ کان جو مذهبي ترپيتا جو گڻ هو سو ساراهه جوڳو هو. راندين کيڏي جي ڪوئي ٻالڪ سندس وڏي ڀاءُ ڏيي سان وڙهندو هو ته هو هڪدم ڪيس ڇڏائڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو. پنجن سالن جو ٿيو ته هڪ ڏينهن بابا هربرام صاحب جن پنهنجو ٻهڻ گهوٽ ۾ پڌاريا ۽ ڳالهين ڪندي پاڻي جڳتراءِ کي ڪلهي چيائون: "اسان کي شادي ڪرائيندا" پاڻي جڳتراءِ پهرين ته وائڙو ٿي ويو پر پوءِ مطلب سمجهي ويو. لماڻائيءَ سان چيائين "مون کي ته نياڻيون آهن پر پاڻي پيسو مل کي ٻه ڪڪا آهن." ٻئي ڏينهن باغ ۾ جڏهن پاڻي پيسو مل به ويٺو هو ته ساڳي ڳالهه

نپٽو ئي آيو هو. ننڍي هوندي کان ئي ٻالڪ جي ڏاس
ملپيل هئس. ڪم ۾ ٻيو ڪندو ۽ سُر ۾ ٻيو آلاپيندو هو.
ٿوري وقت ۾ پنهنجي سنگتن جو من کڻجي ورتائين جن
سندس راڳ ۾ رُچي ڏسي دربار صاحب ۾ رکيل هارمونيم
سندس حوالي ڪيو. بس پوءِ ته دربار صاحب جي ٻئي
ڪم مان جئن فارغ ٿئي ته هارمونيم کڻي ويهي مٺا سُر
ڪڍندو. سندس شيوا ڀاءُ ڏسي جئن وڏو ٿيو ته سنگتن
نالو ٻه شيوارام رکيئون. تاريخ ۱۹ جون ۱۹۴۷ بابا هرنام
صاحب جن برهم لين ٿيا. ڪيل وصيت موجب بابا شيوارام
جن گديءَ تي ويٺا. ان وقت سندن آهو ۳۱ ورهيه هئي.
ان مهل ڪانپور ۾ وڏو هاڳو ٿيو ۽ سند مان لڏپلاڻ شروع ٿي
وئي. اوچتو سڀ ٻار اچي سندن ڪلهن تي پيو پر دل
نه لاٿائون ۽ دربار صاحب ۾ رهندڙ شش شيوڪ ڀاڳ سان
وٺي اچي راجستان جي پيلواڙا شهر ۾ دربار صاحب استاپن
ڪياؤن، جنهن کي هاڻي **هري شيوادام** جي نالي سان
سڏجي ٿو.

هري شيوادام،
پيلواڙا.

هاسو ڪيولراماڻي



ساڄي کان کاٻي : (١) ڀائي ديارام (٢) ڀائي ملطمل (٣) سيٺ پيسومل
(٤) ٻابا شيوارام صاحب (٥) ڀائي لاهورمل
پٺيان بيٺل : ڀائي ڪشنچند ڏيارام

شجرو ڀائي ٽنورام صاحب جن جي ڪٽنب جو

- آسنداس
  - ٺارومل
    - گوالداس
    - تلسي ٻائي
  - دائومل
  - ٻلومل
    - ڀيچلداس
  - لاڏڪمل
- * آسودومل
- □ منگھرمل
- جيو[illegible] (ٻابا هرنرام صاحب[illegible]

* آسودومل

- نيڻومل
- ڦيرومل
- هرداسمل
- سڄرام
  - ڀائي رامو (سوامي هردارام صاحب)

□ منگھرمل

- جڳتراءِ
- ڀيسومل
  - ڏيارام
    - ڪشن
  - گنارام (ٻابا شيوارام صاحب)
  - ملڻمل
  - ديارام
  - لاهوريمل
- ٻوهومل
  - ٺاڪومل
    - جڳديش (ڀائي راجارام)
- جهامي ٻائي
- شانتي ٻائي
- جوٺ ٻائي

هري شيواڌام پيهلوانڙا

(استاپنا ۽ سرگرميون)

١- وطن کان وداعي -

پيهلواڙي جا پياڳي چيبا جي سنڌ جي پرسڌ سنت بابا هربرام صاحب جن جي گديسر بابا شيوارام صاحب جن ورهاڱي کان پوءِ پنهنجو ڏيرو اُلهي اچي کيو جنهن کي هاڻي هري شيواڌام ڪري ڪوٺجي ٿو. اهڙي رضا ڪا آئي جو ڇڏڻا پيا آستانا. پر "جتي جاءِ ڀڻهي ميرا سنگرو سو ٿانءُ سُهاوا."

بابا هربرام صاحبن سنت کڻالا ۾ محنت ڪري جهڙي باغ، کوهه، دربار، کٽياڻون وغيره ٺهرايا تن پرتمين جون سڪون ٿي لاٿيون. آخر اهو وقت آيو جو اهي سڀ ڇڏڻا پيا. وڻن سنگورن ڇولو ڇڏڻ کان اڳ ئي اهڙو اشارو ڏنو هئو. بابا شيوارام جن به پاڻو مٿو ڪري وطن ڇڏڻ جون تياريون ڪرائڻ ۾ لڳي ويا. هندن لاءِ هي ۽ نهايت نازڪ سمو هئو ۽ مسافري جوکي ڀري. ڀرا گهنشيامداس هنگورانئي (باباجن جو خاص پريمي) سر جو سانگو نه ڪري نومبر ١٩٤٧ کان مارچ ١٩٤٨ تائين پاڪستان کان هندوستان دربار صاحب جو سامان کڻڻ لاءِ چار ڦيرا ڪيا. ڪجهه ڀاري امگس ألي نيڪال ڪيا ويا ۽ باقي سڀ سامان سنگورن جي ڪرپا سان هندوستان ۾ صحيح سلامت پهچي ويو. اهي چار ئي ڦيرا گهنشيامداس حيدرآباد کان احمدآباد ريل ۾ ڪيا. انهن وقت شرنارٿين جي سخت تلاشي ورتي ويندي هئي. ۽ اچ وڃ ۾ ڀيون به گهڻيئي

ڪراچيءَ ۾ آيا جتي ڪن برهمڻن جي مدد سان ڪيئن گهربل پرمٽ ۽ پاڻيءَ جي جهازن جون ٽڪيٽون ملي ويون. اُتان اُٿڻ مهل ستگورن جي اهڙي ڪرپا ٿي جو بندر تي سندن سامان جي ڪابه چڪاس ڪانه ٿي ۽ سک سان جهاز رستي بمبئيءَ پهچي ويا. بمبئيءَ ۾ سيٺ جهامنداس مهاوالاٽي ۽ لوڪو نوناٽيءَ جو گهڻو ساٿ ملين. ڪجهه وقت رهي ريل گاڏيءَ رستي رتلام کان ڦرندا پيلواڙي پهچي ويا.

٢- پيلواڙا جا پاڳ -

آيا اٿو، سنت سچا، قول جا ناهن ڪچا. پاڻهي تن ٻيرا پاتا ٿئي. پلي پلي پاڳ آيا ٿئي. پيپي اکر سان هٿين ڪري باباجن پيلواڙا شهر کي پنهنجي استان بڻائڻ جو شرف ڏنو. هن شهر جي مٽيءَ کي ۾ وڏي اتهاسڪ اهميت مليل آهي. ڪنهن وقت هيءُ شهر ميواڙ جي رياست ۾ هئو. هتي ميران گرڌر کي پاتو، راڻي پرتاپ ديش پريم جو جوهر ڏيکاريو. هتي جا اصل رهواسي ميواڙي آهن، جي ٻـ قربانيءَ ۽ شيوا جا جيئرا پتلا آهن. هتي جي ورن ۾ ٻـ ڪو شهيديءَ جو جنون هو.

چيتڪ گهوڙي جان ڏيئي راڻي پرتاپ کي بچايو ۽ مغل شهنشاهت کي هلائي ڇڏيو. سو ڪهڙو شڪ ته هتي جي مٽيءَ بابا شيوارام جن کي ازغيبي ڇڪ ڪئي ۽ هتي ئي اچي پنهنجو ڏيرو رچايائون. شروع ۾ باباجن کي ڪافي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. هڪ ته رهڻ لاءِ سهوليت وارو اَجهو ڪونه ملي سگهين. هٿ جهڙي ڪوڙي ۽ ڏاٽڻ واڳر واڙيءَ جو ٽڪر هون، جتي گروءَ جي سواري رکي سهو گذر ڪرڻو ٿي پيو. پلا عمر ڪليل ميدان ۽ ڪشادن

مشڪلاتون هيون. ٻيري ٻيري ڪليڪٽر جي دفتر مان پرمٽ ڪيائڻي پوندي هئي ۽ پوءِ ئي ريل جون ٽڪيٽون ملي سگهنديون هيون. تلاشيءَ ۾ به خوب ڦرمار ٿيندي هئي پر گهنشيامداس همت نه هاري. سڀ مشڪلاتون ستگورن جي ڪرپا سان پاڻهي حل ٿي ويون ۽ سڀ ڪارج اروگهن سماپت ٿي ويا.

سنتان ڪي ڪارج آپ کلوئيا
هر ڪم ڪراوڻ آئيا رام

هت اچڻ وقت گهنشيامداس کي سنتن اشارو ڪيو هو ته هندستان ۾ سنڌن استان لاءِ ڪو ٻيي اکر کان شروع ٿيندڙ شهر ڳولهي ڇڏ نه اصل سنت وڏن جو جنم ٿيو ننگوٻهڻ ۾ ۽ دربار هئي ٻرڻ ۾. سو ڪين پرون پيا ته ٻيي وارو شهر ڀاڳ وارو ٿيندو. گهنشيامداس اجمير پهتو ته معلوم ٿيس ته اُتان ريل ۾ اٽڪل ۴ ڪلاڪن جي پنڌ تي پيلواڙو شهر آهي، جتي گهڻا ئي سنڌي وسي ويا آهن. سو اوڏاهن رخ رکيائين ۽ پيلواڙي ۾ ڪا سادي سودي جاءِ ڪري سڀ سامان اُتي ڇڏي آيو. پوءِ موٽي جا گهنشيامداس ڪئي سا هئي دربار جي زمين وغيره جا سڀ ڪاغذ پٽ ۽ سموري موڙي (روڪڙ) هندوستان ۾ صحيح سلامت پهچائڻ. موٽي ته ماڻهي هٿو سو ڪل رقم لڪيلون لڪيلون ٿهيون ٺاهي ٻانهن ۽ جنگهن ۾ ٻڌي مٿان ڊاڪٽرن واري پٽي ويڙهي ڇڏيائين. ماڻهن سمجهيو زخمي سمجهي سڀري پري پي جاءِ ڏني ته ته گاڏين ۾ اهڙي ڀيڙ هئي جو گاڏي ۾ گهڙڻ ئي محال هئو. حق حلال جي ڪمائي سو پاڻي ۾ ميري ڪانه ٿي. سڀئي پئسا صحيح سلامت هت پهچي ويا. پيلواڙيءَ جو ڦيرو، گهنشيامداس سنت شيوارام صاحب ۽ سنڌن ٽوليءَ سان گڏ مارچ ١٩٤٨ ۾ ڪيو جڏهن پهرين

ته زمين ٻاٻين ٻلين ٿي وئي ۽ ٻنجر مان سون اُگرڻ لڳو. ٻاجهن ۽ اَن جي ٻوڪ مان ڇڳو اُپراسو ٿيڻ لڳو. پنهنجو مال ڏاڍو مينهون ٻه رکيائون ۽ سک جو وقت گذارڻ لڳا. ٻوءِ ته ٻاڻ ستسنگ ۾ ٻه ڳائيندا هئا:-

مڙئا رام شکر ائٿي، سک جو وقت گذاريو ائٿي،
سک جو وقت گذاريندا ان.

ٻاقي رهيو دربار صاحب لاءِ جڳهه جو سوال سا تڪليف ٻه جلد دور ٿي وئي. ٻاٻاجن ڳالهه ڪندا هئا ته هڪ ڏينهن ستگورو ٻاٻا هرٻرام صاحبن کين سپني ۾ چيو: "ٻائي شيوا! ڇو دلگير ٿيو آهين. ٻاڻيهي دربار سنڀالڻي دربار کي، اون شانتيءَ ۾ رهه." انهن چئي ٻاڻ الوپ ٿي ويا. سو ٿيو ٻه سچ ٻيچ انهن. ٻه چار ڏينهن ٿي کين گذريا ته اسٽيشن جي ويجهو هڪ عاليشان جڳهه هئي جنهن ۾ رهندڙ هڪ مالا ٻاٻاجن کي چوائي موڪليو ته اوهين جيڪر دربار ۽ پنهنجو آستان اسانجي جاءِ ۾ ڪرڻ سوڪار ڪريو. جاءِ وڏي خاصي هئي. هڪ وڏو هال ۽ رهڻ لاءِ هيٺ مٿي ڪافي ڪمرا هئا ۽ ٻيو ٻه سڀ سک هئو. ڪجهه وقت ڪاٻوءِ اُها جاءِ مالا ٻلڪل خالي ڪري ويئي ۽ ٻاٻاجن مالڪن کان جڳهه خريد ڪري ورتي. ٿوري وقت ڪاٻوءِ ٻاٻاجن کي شهر کان ٣-٤ ميل دور ٻالدل ۾ هڪ کيت لاءِ زمين ڪليم ۾ ملي، جنهي ٻه کوهه کٽائي ٻوک ڪرڻ لڳا. اَن ٻاندل واريءَ زمين کي ٻاڻ اڪثر نارو شاه ڪري ڪوٺيندا هئا. مطلب ته خود ٻنهنجا اَن ٻاڻي ڀور ڀڳا کير مکڻ ٿيا ۽ ساڳيو ٿي ٻريا نارو شاه وارو اوُج اچي ويو. کيٽن جي اَن ۽ ٻاڄين مان چڱي ٻيدائش اچڻ لڳي جنهن مان کيٽي سُکرت جهڙا ڪم ٿي سگهيا. ٻوءِ ٻيداوار جي ٻاڳ ٿي ڇو ته رسون ڪجن.

ڪمن ۾ گذر ڪرڻ وارا جڏهن ڀُڙتي ۾ اچي پيا. انهيءَ ڳالهه سندن دل کي ڪجهه ڇُلائمان ڪيو ۽ سوز و چان ڳائيندا هئا :-

” رمتيا منهنجي آس اندر جي پل ۾ آس پڄاءِ.
هڪ اتم آس الک اڀوڏي ٻي گهر ڪين رلاءِ.“

ٻيو ته هيڏي حالت لاءِ گذران جو ٻه سوال هئو. بابا جن نه ٿي چاهيو ته ونن جي هيڏن ڪشالن سان ميڙي چونڊي کي پنهنجي سک لاءِ ڦرڪي ڇڏجي. هو انهيءَ ٻوڃيءَ کي امانت سمجهي چاهيندا هئا ته انهيءَ کي اهين وڏائجي جئن ساري سنگت ۽ آيو ويو سڀ سک پائي سگهي. ” مانگن ٿي مولا پلا، اها ستگور کي سيک.“ سو اهو اصول سامهون رکي سڀني پنهنجي پورهئي ٿي ٻاڙڻ واجب سمجهيو. پاسي ۾ ڪجهه زمين مقاطي تي کڻي هڪ رواجي ڪسان وانگر آئي ڪم ڪرڻ لڳا. ٻين به ڪيترن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پين. وقتي گرو گوبند سنگهه مهراج جا هيءُ وچن ياد ڪري ستگرن کي پڪاريندا هئا:
” متر پياري نون، حال مُريدان دا ڪهڻا،
تڌ بن روگ رجائيان دا اوڍڻ، ناگ نواسان دي رهڻا.“

وڏاڻا جو چڪر هر انسان لاءِ ٻٽيو ئي پيو آهي چاهي شاهه هجي يا گدا. وڏا وڏا يوگي پرش ۽ مهاتمائون به انهيءَ چڪر کان ڇٽل نه آهن. ته ته رام ڇو ٻنواس وڃي ها!

ليڪ وڏاڻا ورق ورايو ۽ سندن پوڪار قبول پئي. ڪيٽ مان چڱو اپراسو ٿيو ۽ ڪجهه چڱي رقم حاصل ٿي. آن مان شهر پرسان اٽڪل ۱۲ بيگها هڪ زمين ورتائون ۽ ان کي کيڙڻ ۽ سڌارڻ ۾ جٽي ويا. ٿڌل کوهه جي مرمت ڪرائي مٿس پاٽي چڪڻ جي موٽر چاڙهيائون. بس ٻوءِ

ڪڍي ويئي. اپيل ۾ جڏهن جهڙن ملڪيت جا سڀ ڪاغذ
پٽ ڏٺا ته حيران ٿي ويا. سرڪاري وڪيل کان پڇيائون
ته اوهان ڪيئن هي سڀ ڪاغذ پٽ ڏسڻ بنا اهو ٺهرايو
ته هيءَ ٽرسٽ جي ملڪيت آهي. تڏهن سرڪاري
وڪيل قبول ڪيو ته ڪانئن ڀُل ٿي آهي. هاءِ ڪورٽ،
ڪمشنر جو آرڊر رد ڪري هن ڪيس جي وري جاچ
ڪرڻ جو آرڊر ڏنو. پوءِ ته چيف ڪليم ڪمشنر پاڻ هن
ڪيس جي جاچ ڪئي ۽ سڀ ڪاغذ پٽ ڏسي سمورو
ڪليم پاس ڪري ڏنو. هن ڪليم ۾ باباجن کي دهليءَ
۾ نيو راجيندر نگر ۾ هڪ ڊبل اسٽوري مڪان مليو ۽ ٻي
ڪجهه پيداوار ۾ پانڊل واري زمين ملي. باقي ڪليم باباجن
وڪرو ڪري روڪڙا پئسا ورتا. باباجن خيال ڪيو ته
نيو راجيندر نگر واري مڪان کسي وڪڻي پيداوار ۾
مسواڙ تي رکيل دربار واري جاءِ خريد ڪجي. اُن وقت
ڊبل اسٽوريءَ وارو پاسو نيو راجيندر نگر ۾ اهڙو وسيل
ڪونه هو ۽ باباجن کي پورو اگهه ڪونه ٿي مليو. ڪن
پرڏيهن کي به آڇ ڪيائون پر ڪو وٺڻ لاءِ تيار نه ٿيو.
تڏهن هن داس تي زور رکيائون ته تون وٺ. موکي
هڪ جاءِ پرائي راجيندر نگر ۾ هئي. سو ليٽ اها صلاح
ڏني ته اها جاءِ وڪڻي باقي سرڪار کان قرض وٺي
باباجن کان اها جاءِ وٺان. باباجن ته وڏن جي ملڪيت
امانت ڪري سمجهندا هئا ۽ نه چاهيندا هئا ته دربار کي
ڪنهن به سؤدي ۾ ڪس لڳي. سو دلالن ۽ پرڏيهن کان
پڇي پوري اگهه ۾ اها جاءِ هن داس کي وڪرو ڪري
ڏنائون. پوءِ ته هن داس تي اهڙي مهر ٿي وئي جو
جلد ئي اُلڪي ڪجهه. ٺاهه ٺوڊ ڪرائي لڳين رنگ ۾ آڻي
سگهيس ۽ ناله رکيم "هري سيوا ڪدنج." باباجن جڏهن

"ٻالي ٻون ۾ ميواڙ، جنهن ٻيلاڙو،
سڀن عاشقن جو جنهن هو آکاڙو،
١- جنهن ميران ٻائي ۽ پرتاپ راڻو،
جنهن سنت ۽ سورمن جو ناتو،
اُهي سورهيه سنت سڌ جو سونهارو.
٢- نه ڪنهن جي سلامي نه ڪنهن جي غلامي،
پنهنجو باغ ڪيئي پنهنجو گاهه چارو.
٣- ڇڏي ديس سڌڙي نه ڪرڻون دل ننڍڙي،
اٿئي سنت ساٿون وڏي ۽ پهچ وارو.
٤- ٻئي واٽا هتي ٻـي ٿاروشاه پرنا،
سکون ٿو وطن جون لاهي ٻيلواڙو.
٥- ڦرين ۾ ٻه هتڙي جمون شهيدي،
جنهن وانگر گهوڙو هو چيتڪ ساماڻو.

٣- ڪليم.

سنڌين کي هڪ ديش جي ورهاڱي ۽ پوءِ ڪليمن چڱو پريشان ڪيو. باباڻن جي پاران ڪنهن پريميءَ خوب جاکوڙ ڪري ڪليم جا ڪاغذ تيار ڪرايا. ڪل ڪليم اٽڪل ساڍا اٺيتاليهه هزار روپيا روڪڙ ۽ ١٢٧١ ايڪڙ زمين جو پاس ٿيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ سرڪار اوچتو پنهنجي ليکي فيصلو ڪري سمورو ڪليم رد ڪري ڇڏيو، انهيءَ آڌار تي ته باون جي ملڪيت ٽرسٽ جي آهي يعني دان مان جوڙيل آهي، سو ڪليم پاس ڪرڻ جوڳو نه آهي. اهو ته عالم آشڪار آهي ته وٽن باباڻن سموري ملڪيت پنهنجي هٿن جي پورهئي مان ٺاهي هئي سو هاڻ ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وئي ته اها ڪارروائي ناجائز آهي ۽ رد

هرمندر، پیلواڑا



چمُن سذ ن جون چار سماذیون جۄ جو کن کلیاڑ

جڏهن دهليءَ ايندا هئا تہ هن داس وٽ ئي آسرو ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هيءَ باباڻن جو آکيرو آهي. اهڙا باباڻن جي خاص مهر هئي جو ٻين ڪيترن ٻراهمڻن جا هوادار ۽ ڪشادا گهر ڇڏي بہ اڪثر هن داس وٽ وشرام ڪرڻ چاهيندا هئا.

۴- مکيہ ڪاريہ -

باباڻن خوب محنت ڪري ڪشالا ڪڍي ڪيترن ۾ اُتم وڏائي جنهن مان عام ڀاي ۽ سنگت جي سک لاءِ ڪي اَڏاوتون ڪرايون جي هميشہ لاءِ سنڌ ۾ يادگار رهنديون. مٿي ڄاڻايل باغ واري زمين مان ڪجهہ زمين پاسيري ڪري مندِهس گُرن جون سماڌيون ۽ ڏوٽا صاحب ۽ هري شيوا ڌرمشالا اُستاپن ڪرايون، جن جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو:

١- سال ١٩٦٨ ۾ باباڻن هري مندر تيار ڪرايو جنهن ۾ چئن وڏن ستگورن جون سماڌيون آهن. (١) بابا آتمارام صاحب (٢) بابا منيرام صاحب (٣) بابا ڪرپارام صاحب (۴) بابا هريرام صاحب. مندر جي اڏاوت ۾ سنگمرمر سان جڙيل سماڌيون ڏسي دل بهار ٿيندي آهي ۽ اندر وهڻ سان روحاني شانتي ۽ آنند ملندو آهي. هيءَ سماڌيون وڏيءَ ڪلا واريون آهن. آزمودن مان ڏٺو ويو آهي تہ اهڙو ڪو پرامي ناهي جنهن سچي دل سان همت اچي عرض ڪيو هجي ۽ سندس آس پوري نہ ٿي هجي. باباڻن پاڻ بہ ڪنهن کي منجهيل ڏسندا هئا تہ چوندا هئا تہ وڃي سماڌين اڳيان وهي واڪا ڪر. هو ضرور انهجي پت لهندا ۽ ڪارج ست ڪندا. سماڌين جي پرويش ڪرڻ واري دروازي مٿان هيءُ اُڪريل اکر انهيءَ ڳالهہ جي

اُچي ساک ڏين ٿا:

اوم


"شري جڳت گرو شري چند رائي مهر،
پهلا ست بابا آلمارام هئا، دوسرا ست بابا مهيرام
تيسرا ست بابا ڪرپارام هئا، چوٿا ست بابا هريرام
ان چارون سنتون ڪا درشن ڪرو جو چاهو ڪلياڻ
پورن هو من ڪامنا، يهه نشچيه ڪر ڪي جاڻ."

هنن سماڌين تي هر گيارس تي ميلو لڳندو آهي ۽ ڪيترن سادن فقيرن کي دان پنج ڪيو ويندو آهي. جتي هڪ مهان تيرٿ آستان ٺهيو پيو آهي.

٢- سال ١٩٧١ ۾ سماڌين جي مندر جي لڳ ڌوڻا صاحب ۽ جهنڊا صاحب استاپن ڪيا ويا. اصل اُداسين پنٿ جا چار ڌوڻا آهن:

(١) سري گرو بابا المست صاحب (٢) سري گرو بابا منسا صاحب (٣) سري گرو بابا گوولداس صاحب (٤) سري گرو بابا ڦول صاحب. هن دربار جو ڌوڻو سري گرو بابا المست صاحب ڪشمير نواسيءَ وارن جو آهي. هن ڌوڻي جي پنگت اُلر پدگت آهي، پوڄا شڪتي ماتا منشا ديوي آهي، گولو اڳرار رشي آهي ۽ ڌام جڳناٿ آهي.

سڀني اُداسي مهاتمائن جو گوچر اُچٽ آهي. هيءُ ڌوڻو ٢٤ ئي ڪلاڪ دکندو رهي ٿو ۽ هڪ خاص سيواداري رات ڏينهن سيوا ۾ رهي ٿو. هن ڌوڻي جي ڀڀوتيءَ جون پُڙيون ٺاهي پرساد ڪري هلائيندا آهن. پريمين جو عقيدو آهي ته هيءَ خاڪ بدن جي ڪنهن به ڀاڱي کي لڳائڻ سان ۽ ڪجهه مُک ۾ وجهڻ سان ڪهڙي به بيماري ها



هري شيوا ڌرمشالا، پرڀال گنج، پيهلواڙا

ڪشٽ دور ٿي وڃي ٿو. (اکين کي لڳائڻ جي منع آهي) هن خاڪ لاءِ انهن چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته :-

اس راک کو راک مت سمجهو،
اسي درويشون کي اوشڌ هئي،
اک چٽڪي اسڪي ڪؤلڪ هئي.

٣- ٻيو جيڪو مکيه ڪارج بابا جن پنهنجي جيون ۾ ڪرائي ويا سو هئو هري شيوا ڌرمشالا جي اُستاپنا.

هڪ ته ٻاهران آيل ٻراهمڻن کي هر سال ورسيءَ جي موقعي تي هڪ هنڌ رهڻ جوڳي جڳهه نه هئڻ ڪري ڪافي تڪليف ٿي رهي هئي ته سڄي پيداوارڙي شهر ۾ ڪا صاف سٿري ۽ سهوليت ڀري اهڙي ڌرمشالا نه هئي جتي ياتري سک سان ڪجهه ڏينهن رهي سگهن. تنهنڪري مٿي چاٽاپل باغ واري زمين جي اڌيءَ ننگر ۾ هڪ ڌرمشالا ٺهرائڻ جي ڪم ۾ لڳي ويا. هيءَ هڪ عاليشان ٽمنزلي عمارت آهي، جنهنجو پهريون طبقو ١٩٧٧ ۾ ٺهي تيار ٿيو ۽ هڪ مهان مورتي مهاتما مهنت شري ١٠٨ گنگيشورانند جن انهو پنهنجي پوتر هٿن سان اُدگهاٽن ڪيو. وري ١٩٨٠ ۾ ڌرمشالا جا ٻيا طبقا تيار ٿيا جنهنجو اُدگهاٽن اُڄين جي الڪدام وارن سوامي مهرداس صاحب جن ڪيو. ڌرمشالا جو نالو هري شيوا ڌرمشالا رکيو ويو. هيءَ ڌرمشالا صفائيءَ ستائيءَ ۽ هر سهوليت ۾ بمبئيءَ جي سٺين ڌرمشالائن سان ڪلهو ٿي هڻي ۽ پيداوارڙي جهڙي شهر لاءِ گويا هڪ نعمت آهي. ڌرمشالا ۾ ڪافي ڪمرا آهن ۽ ڪن ڪمرن ۾ ته سنان جاءِ ۽ ڪاڪوس به اندر ئي آهن ۽ پر ۾ هڪ شاهي پرارٿنا هال آهي جتي وڏن بابا صاحبن بابا هريرام صاحبن جي مورتي ١٩٨١ ۾ استاپت ڪئي وئي. مورتي استاپت

ڪرڻ وقت هڪ ڪؤتڪ ٿي گذريو. هون پوڄا ڪالپوءِ مورتيءَ اڳيان جڏهن ٿي پنڊت هڪ آرسي جهلي بيٺو ته اُها آرسي اوچتو ئي ڀُري پيئي. سڀني برهمڻن محسوس ڪيو ته اِهو باباڄڻ جي شڪتيءَ جو اظهار هو ۽ هو اڄ به حاضران حضور آهن. هن ڌرمشالا کي ٺهرائڻ ۾ ڪئين لک روپيا خرچ آيو هوندو. هري شيوا ڌرمشالا ۽ دربار صاحب کي جدا جدا ٽيليفون آهن جن جا نمبر آهن :-

ڌرمشالا فون نمبر: ٦٠٩٦ - دربار صاحب فون نمبر: ٦٧١١

برهمڻن کي هيءَ نمبر پاڻ وٽ نوٽ ڪري رکڻ کپن. هيڏڙي آدرش ڌرمشالا سڄي راجستان لاءِ فخر جو باعث آهي. وڏي حيرت جي ڳالهه آهي ته هيڏي وڏي ڪارڄ لاءِ باباڄڻ ڪنهن جي اڳيان نه هٿ ٽنگيو ۽ نه دان لاءِ گهر ڪئي. ڪن برهمڻن ڪجهه پنهنجي ليکي موڪليو سا ٻي ڳالهه آهي.

هڪ دفعي ڪلنڊي باباڄڻ مونسان ڳالهه ڪئي ته ماڻهو سمجهن ٿا ته هيءَ ڌرمشالا اسانجي دان پنج جي پئسن مان ٺهي آهي پر حقيقت اِها آهي ته فقط هڪ چوٿائي خرچ دان جي پئسن مان هوندو، باقي سڄي اسان جي پگهر جي پورهئي مان آهي. واهه ڙي سخت واهه! بيشڪ ڪمائي ڪري ويا جهان ۾! هري شيوا ڌرمشالا سان گڏو گڏ مٺي جهنڊي صاحب جي به استاپنا ڪرائون جتي به هر سال ورسيءَ جي موقعي تي نئون جهنڊو چاڙهيو ويندو آهي ۽ خوب لعل سائينءَ وارا ڏؤلڪن جي ڏُؤلڪار سان نچندي ڪُڏندي جهر مر لڳائيندا آهن ۽ موج مچائيندا آهن. باباڄڻ پنهنجو پگهر پسيئو هڪ ڪري سونهن سڪي ڪري ويا. جڳان جڳه مشهور ڀالرين لاءِ هيءَ ڌرمشالا هڪ

بابا شيوارام صاحب جن جو هري شيوا ڪنيا وديالي
بڙودا ۾ آگمن .



وچ ۾ بابا شيوارام صاحب پاڻ، سندن ڏائي پاسي
بابا گنگارام ۽ ڪماري ٽلسي ٽوٽاڻي وديالي جي
پرنسپال ۽ ساڄي پاسي کان اڳيان
ڊاڪٽر حڪومتراءِ ڪرمچنداڻي ، ٽرسٽي .

روشن مُنار جو ڪم ڏيندي ۽ سنگتن جي ياد ڏياريندي رهندي. هڪ ڪويءَ ته نه سندر لفظن ۾ هن ڌرمشالا جو اظهار ڪيو آهي:

هيو هنڌڙي نه هڪ واڙو
وڏي ڏس ڇا مان ڇا تيڙو
منزل هيءَ ڌرمشالا ترلوڪناٿ جو ڏيرو
وني ٿي مهر سدامي ٿي ڪڙي ٿي وني ڌرمشالا،
ويا پرجي آهي جهولا جني هست پالڻ ڦهلايا.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن ڌرمشالا ۾ وسرام ڪندڙ ياترين کي رهڻ جو سک ٿيو. گڏو گڏ مٿن باباجن جو ڳجهو مهر جو هٿڙو رهي ٿو ۽ جنهن ڪارڻ سان هو اچن ٿا انهن ۾ سوڀ پائي وڃن ٿا.

٤- ١٩٨٣ ۾ چوپائي مال کي ٽانگيڪو ڪرڻ لاءِ پاڻدل واري زمين تي گئوشالا ٺهرايائون ۽ زمين کي چوڌاري پڪي ديوار جو لوڙهو ڏياريائون. انهيءَ زمين تي پاڻي چڪڻ جا پمپ به لڳل آهن ۽ سٺي پيدائش پئي ٿئي. اها جيڪا ڳالهه دل ۾ رهجي وئي سا هيءَ ته ڌرمشالا جي لڳو لڳ دربار صاحب جي جاءِ ٺهرائجي ۽ اسٽيشن پرسان جڳهه. مان دربار صاحب ڪٽي اچي هڪ نئين هنڌ استان کجي. پر صاحبن کي الائي ڇا وڻيو جو اها آس باباجن جي پنهنجي جيون ۾ پوري نه ٿي سگهي. ليڪن جو سوچيو هئائون سو هڪ ڏينهن ضرور ساڪار روپ وٺندو.

٥- باباجن جي نالي سان ٻيو به هڪ شاندار ڪارج. اڄوڪي ۾ هلي رهيو آهي سو آهي هري شيوا ڪنيا مهاوديالي. هن اسڪول جي عمارت وغيره لئي ڪل خرچ

١٥ لک روپيه کن ٿيو آهي. اسڪول جي پرنسپال ڪماري للسي تولاڻي آهي، جنهن خوب جفاڪشي ڪري نئين دفعا باباڻن سان ولائت وڃي ڏيهه پرڏيهه مان چندا ڪٺا ڪري باباڻن جو هڪ خواب سچو ڪيو، ڇو ته ڪنيائن جي آدرش وديا سان ئي ديش آدرشي ۽ اعليٰ ٿي سگهندو. هتي بلڪل مهران اسڪول جهان ڪنيائن کي آدرشي ۽ اوچ سکيا ملي ٿي ۽ سنڌين لاءِ سڄي گجرات ۾ هڪ فخر جو باعث آهي.

٥- دربار صاحب جا چيلا -

هن دربار صاحب کي وقت بوقت اهڙا لعل مليا آهن، جن چڱوڻي ڀاڳ موکيو آهي. پراڻي ڪٽنبن جا ٻالڪ آهن. گهڻو ڪري ته جمر کان اڳ ئي ماتا پتا سنڪلپ ڪندا ته پت ڄائو ته سڌن کي ارپڻ ڪنداسين. بابا شيوارام صاحب جن جڏهن پيلواڙا پڌاريا ته اهڙا چار لعل ١- ڀائي هيرو ٢- ڀائي ڦيرو ٣- ڀائي ليرت ٤- ڀائي گوپال جي بابا هرپرام صاحب جن جي گود ۾ پلدا هئا سي ساڻن گڏ آيا. چيلو ٿيڻ ڪا آسان ٻات نه ڪانه آهي. مکڻ شيخ پچائڻي آهي. سڀي ڀائي ڀائي هيرو ۽ ڀائي گوپال واپس ماڻن وٽ وڃي گرهست ڪمايو. باقي ٻه ڀائي ڦيرو ۽ ڀائي ليرت رهيا جن کي باباڻن سال ١٩٥٤ ۾ روڏي ڏام ڌوم سان جٽيا ڀائي اداسين ڀيک ڏنو ۽ سنڌن نالا گرن جي وچن پرماڻي ڀائي گنگارام ۽ ڀائي آگيارام رکيا ويا. بابا شيوارام جن کي وري ٻيا ٻالڪ ڀيٽ ٿي مليا جن جا نالا هئا وڪرم، پرڀوي، هرلام ۽ جگديش. سڀي ڀائي وڪرم گرن کان ٻي مڪه ٿي ويو ۽ باقي ٻالڪن جا نالا سال

پوڄ بابا شيوارام صاحب جن پنهنجن ٻن چيلن سان دربار صاحب ڀيلواڙا ۾



بابا شيوارام صاحب

ڀائي آگيارام — ڀائي گنگارام

١٩٨٤ ۾ بابا گنگارام صاحب جن جي گادي استاپنا جي شب اوسر تي جٿيا ڀائي بيکه ڏئي ڀائي هنسرام ڀائي ميارام ۽ ڀائي راجا رام رکيا ويا.

١- ڀائي آگيارام ذهن جو تکو هو دلعزيز ۽ خوش مزاج هو. دربار صاحب جو ڪاروبار ۽ زمين جي سنڀال سندس حوالي هئي. جو به اڏاوت جو ڪارج هري شيوا ڌرمشالا سميت ٿيو تنهن ۾ سندس هٿ هو. قدرت جا کيل عجيب آهن. ننڍي وهيءَ ۾ ئي تندرستي بگڙي وئي ۽ اندور ۾ وڃي قدرتي علاج چالو ڪيائون پر ورتو ڪجهه ڪين ۽ تاريخ ٢٣ آگسٽ ١٩٧٩ تي پرلوڪ پڌاريو. سندس جنم جوءِ پاءُ واريان لوڪن جو اتي رهندو هو تنهن شهر جي سمت مهاتمائن جي صلاح سان اگني سنسڪار وڌيءَ پوروڪ اتي ڪرايو ۽ باقي ڪريا ڪرم پيلواڙي ۾ ڪيو ويو. هن بالڪ جي اوچتي چالاڻي باباجن جي دل تي گهرو اثر ڪيو ۽ جڏهن به دربار صاحب جو اٿت ڪانيو ڪم اڏاوت وغيره جو سامهون ايندو هو ته کيس ياد ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهندا هئا.

٢- بابا گنگارام ڀائي آگيارام کان وڏا هئا. سندن جنم جي پتا بولچند شامداساڻيءَ کي ڪو اولاد ڪونه ٿيندو هو، سو سُکا ڪيائين ته ٿيو بالڪ جيڪو ٿيندو سو دربار صاحب ۾ ڀيٽ ڪندو. ايشور جي ڪرپا ٿي. ڦيرو جڏهن جائو ۽ هلڻ چلڻ جهڙو ٿيو ته دربار صاحب جي ڀيٽ ٿيو. پوءِ ته بولچند کي ٻيو به اولاد ٿيو ۽ سڀ صحيح سلامت آهن. ڀائي گنگارام ڳالهائڻ جو مٺو، شانت سڀاءُ، راڳ ۽ شيوا جو شاعق هو ۽ سڀني کي وڻي ويو. وڏن باباجن سندس ديکه ڀال جو ڪم بابا شيوارام صاحب جن تي رکيو. گل جيئن ڏينهون ڏينهن وڌندو آهي تيئن سرهاڻ

ڪيل ھو آھي، سو ھيءُ ٻالڪ ٻه ٻنھي ڄڻن جي سرھاڻ ڦھلائڻ لڳو. بابا شيوارام جن محنت ڪري ڪيس گروائيءَ جو اڀياس ڪرايو ۽ ڪيس ڳائڻ وڄائڻ ۾ پڪو ڪيو. باباجن جي سائنس اھڙي ته دل ٻڌھي ويئي جو ھندستان ۾ خواھ پرديس ڪيڏانھن به ويندا ھئا ته ڪين ڳڏ وٺي ويندا ھئا. ھڪ دفعو جڏھن بنارس ويا ته گنگارام سخت بيمار ٿي پيو ۽ وڏن وڏن ڊاڪٽرن به سندس ٺيڪ ٿيڻ جي اميد نه ڏيکاري. چوندا آھن ته جيڪي ڪان نيپاج جي چرُ وڍڪ لکي ٿيندي آھي سو باباجن تن من ڌن سان سندس اھڙا شيوا ڪئي جا جيڪر سڳي ماءُ به نه ڪري. شايد ڪين اھي به پرون پيا ته اڳي ٻوءِ ھن ٻالڪ ٿي ٿي گديءَ جي جوت قائم ڪرڻ جو ڀار پوندو. سو جيئن گرو ارجن ديو مھاراج سري ھرگوند صاحب کي سيتلا جي بيماريءَ کان ڇڏائڻ لاءِ سچي سائين کي آراڌنا ڪئي ھئي، تئين بابا شيوارام صاحب به ڏينھن رات ٻالڪ جي مڪتي کان وڌيڪ سچي پاتشاھ کي ٻاڏايو ته گنگارام کي ڪيئن به نؤ ٻنو ڪن. ليڪن سائين سڀاجھل ٻاجھه ڪئي. گنگا رام جن مھيني ڏيڍ جي سخت ڪشٽن ڪاٽڻ کان پوءِ بلڪل ٺيڪ ٿي ويا ۽ اڄ ھن گديءَ جي سوڀيا وڌائي رھيا آھن. اڄ به اھي ڏينھن سائين گنگارام جن کي ياد ايندا آھن ته اکين ۾ پاڻي ڀري ايندو اٿن.

٣- ڀائي ھمسرام جي جنم جي پتا جو نالو يوڳراج روپاڻي آھي جي بنارس ۾ ساڪ جا واپاري آھن. ٻنھن ورھين جي عمر ۾ ئي ھن ٻالڪ کي سندس پتا، ڏاڏيءَ جي سُکا ڪرڻ لئي ڪيس بابا شيوارام صاحب کي ارپڻ ڪيو. تنھن وقت بابا جن ٻالڪ جي ڀيڻ لڇميءَ جي شاديءَ لئي

اهڙا نشڪام شيواداري ورلي ٿين ٿا ليڪن اڄ به هن دربار صاحب ۾ اهڙا به لاڪيڻا لعل موجود آهن. شيوا ٿيندي آهي تن جي، من جي، ڌن جي ۽ واڻيءَ جي. مٺڙا ٻول ٻولڻ آئي ويئي جو سٽڪار ڪرڻ واڻيءَ جي اُم شيوا آهي ۽ ٻئي هر شيوا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هڪ آهي ماڻا ڳرڪل ماڻ جنهن کي سيٽي ائا ڪري چوندا آهن ۽ ٻيو آهي نيڪم، سرڳواسي مهگهارام ٽلسياڻيءَ جو سپٽر، جنهن کي مائٽن گهڻ سمجهه وارو جاڻي سڀني جي حوالي ڪيو ۽ سنڌن مهرمٺا سان اڄ درويشي پد کي پهتو آهي. انهن ٻنهي شيوادارن لاءِ پياءُ هاسارام ۽ ڪمل پياسي الڳ ليڪ لکيا آهن جي هن پستڪ ۾ ڏار ڏنا وڃن ٿا. هنٽڙن استانن لاءِ جٽي پرمارٿ سان گڏ پئسي ڏوڪڙ جو به ڪافي وهنوار جوڙيل رهي ٿو، ڪن اهڙن نشڪامي شيوادارن جي به ضرورت رهي ٿي جي دربار جي هڪ پائي به مهري ڪرڻ نه ڏين. اهڙي نه بابا جن جي چرنن ۾ ٻئي وسندي هئي. پاڻ ته چوندا هئا ته اسين جيڪو ڪاڏو ڪمائون ٿا سو به پنهنجي ٻارن جي پورهئي جو پر دربار صاحب ۾ جو پدارٿ اچي ٿو تنهن جي پوري سنڀال ڪرڻ پنهنجو ڌرم ڪري ٿا سمجهون ۽ ان سبب ڪوٺار ۽ پئسي ڏوڪڙ جي سنڀال ڪنهن وشواس پاتر شيوڪ کي سونپيندا هئا. پهلواڻي اُٿڻ سان شروع ۾ اها شيوا ڀائي لالچند کي هئي، جو وڏن سڀني جي وقت ۾ ٿي اهڙي ڪاريه لاءِ رکيل هو. سندس ديهه ڇڏڻ کانپوءِ اهو ڪم شري هوندراج پنهو مل ٽلسياڻيءَ کي سونپيو ويو جنهن پڻ سڀني امولهي ٽوڙ تائين نباهيو. سندس ديهانت کانپوءِ ڪجهه وقت لاءِ عمر ليٽر خوشيرام ڪٽواڻي چارج ۾ رهيو. هينئڪ هڪ آدرشي شيوڪ هو ٻڙ نوجوان

ڏهاڙيءَ آيل هئا، جتان ڪيس پاڻ سان پيلواڙي وٺي آيا. هيمرام سيٺ جو وڏو ماڻهو، ڏاڍو قدرت هوشيار ۽ ذهن جو تکو آهي، ڏاڻڻ جي ذات به اٿس. ڪار هلائڻ به سکيو آهي. هن وقت دربار صاحب کي جا موٽر ڪار مليل آهي سا اڪثر ڀائي هيمرام هلائيندو آهي. پيلواڙا شهر کان ٻاهر مسافريءَ لاءِ ڊرائيور رکڻ به ايندو آهي.

۴- ڀائي ميارام جي پتا جو نالو آسودو مل ڪلياڻداس ٺهلياڻي آهي، جو ٻهرين پيلواڙي ۽ هاڻي جوڌپور ۾ رهي ٿو. ميارام نرمل سڀاءَ جو سڀاڳو ٻالڪ آهي. شيوا لاءِ هر وقت تيار ۽ گرو واڻيءَ جو به سٺو ابياس اٿس. خوب ٻابا شيوارام صاحبن جي قدمن لئي هاڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اُن سمي ۾ هو ٿي ٻابا جن جي شيوا ۾ هو.

۵- ڀائي راجا رام ٻابا شيوارام صاحبن جي جنم جي سؤمت پوهومل جو پوٽو آهي جي هن وقت اوٺا (سؤراشٽرا) ۾ رهن ٿا. ٻالڪ ڏاڍو خوشمزاج ۽ هسمک آهي ۽ حاضر جوابي به اٿس. ٿوري ئي وقت ۾ سڀني کي موهي ٿو وٺي. ٻابا جن ستسنگ ۾ ٽيان چڪائڻ لاءِ جڏهن پڇندا هئا ته جيڪو ستنام نه چوائيندو، ته راجا رام ترت جواب ڏيندو هو: "لهندو پرساد بند". بس پوءِ ته سنگت ۾ ڏاڍي اچي کل پوندي هئي ۽ سڄو هال ستنام روپي شبد سان گونجي ويندو هو.

۶ - دربار صاحب جا شيوڪ -

"جن شيو ٿا تن پايا مان"

سو برابر پر -

"شيوا ڪرت هوءِ نشڪامي
تس ڪئُ هوت پراپت سوامي"

ڪندو رهي ٿو. ايشور شڪتي ڏيندس جو لوڙ نباهيندو.

ٻي مکيه سيوا آهي کيتي ۽ چوپائي مال جي سنڀال. انهيءَ سيوا لاءِ شروع کان چنڊسنگهه، ايسرسنگهه ۽ سندس ڌرمپتني بسنت ڪؤر رکيل هئا جي پڻ سنت ۾ ٿي وڏن سنتن جي سيوا ۾ رهيا هئا. چنڊسنگهه سال ١٩٧٣ ۾ پرلوڪ پڌاريو. ايسرسنگهه به ٻرڌ اوستا سبب ڪٽ عوالي آهي ۽ باقي بسنت ڪؤر مزورن جي مدد سان اڃا جانورن جي سيوا ڪندي رهي ٿي ۽ دربار صاحب ۾ ڪير ڏڌ وقت سر پهچي، انهن جي اون رکندي پئي اچي.

باغ ۾ هرمندر جتي چئن سنتن (١) بابا آتمارام (٢) بابا منيرام (٣) بابا ڪرپارام ۽ (٤) بابا هرنام جون سماڌيون استاپن ٿيل آهن، انهي سيوا پاڻي آنندداس ٻرڌ اوستا هوندي به ان من سان ڪندو اچي ٿو. هڪ مهراج مونورام به باغ جي سيوا ڪندو آهي. پاندل وارو کيت جنهنکي بابا جن نارو شاه ڪري سڏيندا هئا، انهن جي سنڀال ٻه ٻي سيوڪ ڪري رهيا آهن، جي ٻئي تياڳي ايڪ-ڌاري پرش آهن: (١) ننڪوگر ۽ (٢) مني سکنيو. پوئون ڪئن اچي الي رهيو انهن جي وارتا به عجيب آهي ۽ سندس ئي لفظن ۾ هيٺ ڏجي ٿي:

”اچو اسانجا مني راج. هاڻي ته اسان وٽ ئي رهو. دوارڪا وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هتي ئي دوارڪا سمجهو. وڃي پاندل ۾ رهو جتي ننڪوگر به رهي ٿو ۽ کيتيءَ جي ڪم ۾ لڳي وڃو.“ ڪهڙي نه مڌر واڻي هئي بابا جن جي. اهڙي ته چمق وانگيان ڪشش ڪندا هئا جو هڪ ڀيرو سندن سمپرڪ ۾ جو آيو سو وري عمر ڀر لاءِ سندن ٿي ويو. مٺا مٺا ٻول، سفيد پوشاڪ، ساڌارڻ ويس، ڏيولا روپ، سندر شيام سروپ، جڻ

شاهوڪار ڪٽنب جو ٻالڪ ٿي ڪري جو ٻين ٻالڪن
وانگر دربار ۾ پيهت ٿيل نه هو، وري واپس مائٽن ۾
وڃي گرهستي جيون ۾ پرورش ڪيائين. الهيءَ وچ ۾
پاڻ هاسارام جيسارام ڪيولراماڻي سروس مان رٽائر ڪري
ويٺو هو، جڏهن سنتن کيس دربار صاحب جي اچي
سيوا ڪرڻ جي بخشش ڪئي ۽ هو پاڻ جنوري ١٩٧٥ کان
اچ لائين پوري لگن سان الهيءَ ڪارڻ ڪي لڳو پيو
آهي. سنت سگورا ڪاهو چوندا هئا ته. هاسارام دربار
صاحب ۾ آهي ته اسين نرچنت ٻاهر رٽن پيا ڪريون.
ٽي پيرا نه وديش جي يائرا تي ٻڌاريا ۽ ٻوئين دفعي
پوڄ بابا هرنارام صاحب جن جي پونر وارسڪ لت
جڏهن نئي پيداوارڙي ۾ وڏو ميلو لڳي ويندو آهي سو ٻه
سندن پرپٽ ٿي گذريو. سندن ٻڌارڻ تي جڏهن هاسارام
کين آسؤ جي مالي مدنظر کان واقف ڪرڻ ٿي چاهيو ته
ٻڌڻ کان انڪار ڪيائون. چي: "اسان کي خبر آهي ته
سڀ خوش ٿي ويا. وڌيڪ ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانه
آهي." هاسارام ڳالهه ڪندو آهي ته سنت سگورا ٻين
ساڌن اڳيان سندس واقفيت "بابا جي ڪا چابيدار"
ڪري ڏيندا هئا ۽ هميشه اهيا آسيس ڪندا هئس ته
"لنهنجي همت ۾ جس پوندو." اها آسيس پاڻي خوش ۾
ٿيندو آهي ۽ ڏڪندو به رهندو آهي. چوندو آهي ته
سنگرن اڳيان سندس اهائي پرارٿنا هوندي آهي ته شل
رهجي اچي. شاه صاحب جو دوهو هو سدائين دهرائيندو
رهندو آهي:

"لٽي روني سيڪا، لون رني رونين چو
چي والٽي آهيان هنج ۾، شل ڪٽر نه پولم ڪو."

پرت اوسنا هوندي به سڀ ڪارڻ جي اچا ۾ لنظر

هردوار ۾ ڪنهن آڪاڙي جو ڪوناري ٺهي رهيو آهي.

دربار صاحب ۾ هڪ ٻيو به لڪل لعل آهي جو ڀائي لعلچند جو ننڍو ڀاءُ ٿئي ۽ نالو اُٿس ڀائي ٻودارام. شروع ۾ زمين ۾ ڀاڄيون پوکڻ ۽ دربار صاحب جي گهرج کان وڌيڪ ڀاڄيون سبزي مارڪيٽ ۾ وڃي وڪڻڻ جو ڪافي ڪم ڪيائين. عمر جي لحاظ کان هاڻي ٻئي ڪم کان فارغ ٿي دربار صاحب ۾ رکپال ٿي ويٺو رهندو آهي ۽ ڪير ٿو اچي ۽ وڃي پنهنجي نظر پيو رکي جا پڻ استان لاءِ وڏي شيوا آهي.

٧ - اُتسو ۽ ميلا -

باباڄڻ فرمائيندا هئا ته استان تي ڪو به ميلو لڳائڻ لاءِ وڏن سنتن جي منع ٿيل آهي. سندن فرمودو هو ته ميلو اڻ مٺلو سو انهيءَ کان پري رهجو. اهو ئي سبب آهي جو وڏن سنتن جي وارسڪ تٿ کي ڪڏهن به ورسيءَ جو نالو نه ڏيندا هئا ۽ نه ڪڏهن کي ميلي پٽو ويندو هو. فقط جڏهن ڪي خاص اُتسوَ جهڙوڪ ٻالڪن کي جڻيا ڀائي ٻيڪ ڏيڻ، سماڌين ۽ ٿوٽا صاحب جي استاپنا وغيره رکيا هئا ته برهمڻن کي درشن جو لاڀ وٺڻ لاءِ ڪوٺ ڪبي هئي. اهڙو پهريون اُتسوَ سال ١٩٥٤ ۾ ٿيو جڏهن ٻن ڇيلن ڀائي ٿيرو ۽ ڀائي ليرت کي جڻيا ڀائي ٻيڪ ڏنائون. انهيءَ موقع تي ڪافي پريمي اچي سهڙيا ۽ وڏو جلوس نڪتو. گليءَ گليءَ ۾ جشن ٿي ويا ۽ ٿپي ٿپي تي پيلواڙي جي جهنڊا پاٽمرادو شربت ۽ ٿاڌل سان آيلن جو سواگت ڪيو. اکنڊ پاٺ رکيو ويو ۽ ٺئين ڏينهن ڀرهم ڀوڄ ڪيو ويو جنهن شهر جي هرهڪ نواسيءَ کي ڪليءَ دل سان ڪوٺ

ته هوبهو ڪرشن ڀڳوان لڳندا هئا. ڏکي اڇي ريشمي سونهاري، آسڻ تي براجمان هوندا ته هري شيوا ڌام جو جلوو ڀاسڪي اٿندو هو. واهه منهنجا هري، مونکي ڪهڙي ڄاڻ ته توهانجو پريم پيار ٿوري وقت ۾ ٿي وڃڙو ڏيڻ وارو آهي. هوليءَ جو شب ڏينهن هو. مان گلال کڻي آيس پر لڳائڻ ۾ سنڪوچ ڪيم. پر بابا جن منهنجي من جي ڀاونا پرکي ورتا. پاڻهي چيائون ته جي رنگ آندو اٿئي ته ديرو ڇو ٿو ڪرين. بس پوءِ ته منهنجو پڇڻ وڃڻو رهيو ۽ خوب مٿن رنگ جي ورکا ڪيم.

پاندل ۾ ڇٽن جي ٻوڪ لي ٻڪين کي هڪلڻ لاءِ نوڙ ڦيرائيندو هوس. اهو ٻڌي ته مان نوڙ ٻنهي هٿن سان الڳ ڦيرائي آواز ڪيائيندو آهيان سو هڪ ڏينهن بابا جن ڪار ۾ سوار ٿي پاندل پڌاريا ۽ مونکي نوڙ ٻنهي هٿن سان الڳ ڦيرائڻ جي آگيا ڪيائون. جڏهن مونکي ائين ڪندي ڏٺائون ته ڏاڍو خوش ٿيا. پر هريءَ جي اڇا پربل آهي. ڪال ڀڳوان سندن آتما کي اسان کان هميشه لاءِ جدا ڪري ڇڏيو. وڃي پنهنجي اصلوڪي ديس ۾ واسو ڪيائون. جتان ڪو به واپس نٿو اچي. هن فاني دنيا ۾ هرڪوئي مهمان آهي. پاندل مان جڏهن باغ تي آيس ته هاسارام ساموهون مليو ۽ گنڀير نوع ۾ پڇيائين: مني جي خبر پيئه. اسان جا پوڄيه پرم ڌام پڌاريا. ٻڌي وسميءَ ۾ پئجي ويس. انسان ڇا ٿو ڪري سگهي. پر گرو جن جا آدرش اسانکي هميشه لاءِ پريرڻا ڏيندا رهندا ستيه مارگ تي هلڻ جي ۽ اهائي آهي سکيا گيتا جي.” ڪهڙو نه ودوان آهي هيءُ شيواڌاري سو سندس لکڻي مان پروڙي سگهندا.

موڪليندا آهن پر پوءِ بامراد ٿي گهڻي تعداد ۾ ديس ودیش مان پهچي ويندا آهن ۽ ٻياوارا جڻ هڪ سنڌو نگري ٻڌجي پوندو آهي. گهڻو ڪري اُسوُني ڏينهن هلندو آهي ۽ ڪُوٺو پرهي اکنڊ پاٺ صاحب رکائيندو آهي. عام لنگر ٿيندو آهي ۽ ڪٿان ڪٿان جي سنگت، ساڌ ۽ ڀڳت پهچي ويندا آهن. شهر جا شيوادار شيوا ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيندا آهن. اُهي ٽيئي ڏينهن بابا هريرام صاحب جو ڀڃن ٿيندو آهي. ڀڳتن جي چهرن جي چمڪار ٻڌي دل بي اختيار جهومڻ لڳندي آهي. دنيا جون سڀ چنتائون وسري ويندئون آهن ۽ دل مان هڪ ئي صدا نڪرندي آهي :-

"هي ۽ ستگورن جا ميلا، لڳندا رهن سدائين
استان هي آنند جا، وسندا رهن سدائين
هي ۽ جيئندن جا ميلا آهن، يا پورب جا ليکا آهن،
نانا هي ۽ ستگورن سان، شل جڙيا رهن سدائين."

اتفاق سان ٻاباجن ولائت ويل هئا ۽ هن موقع لاءِ وقت سر موٽي نه سگهيا. ليڪن موڪليائون نه ڪارج جيئن جو تيئن هلائو سو هڪ عجيب اسرار ٿيو. سندن غيرحاضريءَ ۾ نه اهائي موج مستي ۽ رنگ لڳو. آيو ويو راضي ٿي ويو ڪنهن ڳالهه جي ڪمي نه رهي. انهن ٻي لڳ ڀڳ جڻ سائينجن پاڻ ڪنهن آلمڪ ۽ ازغيبي شڪتيءَ سان هر هڪ ڪارڻ-پاڻ هلائي رهيا آهن. سچ چيو اٿن، "ستان ڪي ڪارج آپ ڪيو ئيا، هر ڪم ڪراون آيا رام."

وڏن ٻاباجن جي جنم تٿ ٢١ مانگهه (اڪثر فيبروري مهني ۾) پوندي آهي. اها به دربار ۾ ٺي مدائي ويندي آهي. جن شردالن کي خبر آهي سي پاٺيهي دربار صاحب ۾ پهچي ويندا آهن يا پيٽا موڪليندا آهن.

ڏني وئي. سنت ڀورنداس ميواڙي سنتن جي سرڪردي،
اُتسو جي اڳواڻي ڪئي. باباڄن کين ڀنڊاري ۾ چڙن گھمائڻ
لاءِ وٺي ڪئي. هُن تيار ٿيل ڀوڄن ۽ لڏن جا ٿالهه نظر
مان ڪڍي باباڄن کي ٽيڙي آواز ۾ چيو: "پاڻي ساڃ!
هيءُ ڀوڄن ته ميواڙي بيراڳين جي هڪڙيءَ ٽي ڀنگت لاءِ
مس پورو ٿيندو." باباڄن وراڻيو، "بابا هربرام صاحب
پاڻ برڪت وجھندا، اوهان خيال نه ڪريو." ڀنڊاري
جي شيواڌارين کي آگيا ٿي وئي ته ٿالهه ۽ ديڳڙا چادرن
سان ڍڪي ڇڏين ۽ پاسي کان گھرجل مال ڪڍي هلائين.
چيائون ڀنڊارا پرپور، ڪال ڪنٽڪ دُور. پوءِ نه هڪ
ڪُوڪ ٿي گذري. نه فقط بيراڳين جي منڊلين پر ساريءَ
سنگت اُهو ڀوڄن کاڌو ۽ سڄي شهر اسڪولن آفيسن ويندي
جيل جي قيدين کي به اُهي لڏون ڏنا ويا ته به بچي پيا.
باباڄن جي دل ٿي ته ريل گاڏين جا سڀ مسافر به هن لنگر
جي ڀوڄن مان ڪجھه ورتائين سو ديڳڙا ۽ ٿالهه اسٽيشن
تي پهچي ويا ۽ اسٽيشن ماستر کي عرض ڪيو ويو ته
گاڏيءَ کي ٿورو وقت ترسايو. پر اسٽيشن ماستر مڃي
ٿي نه. شيواڌارين اڃان مس هڪ گاڏي ۾ ٿي مال پهچايو
ته گاڏي هلڻ لڳي. شيواڌاري منجھي پيا. پوءِ نه هڪ
اسرار ٿيو، گاڏي هلي ۽ اوچتو بيهجي وئي ۽ برابر ايلائي
ڪلاڪ اسٽيشن تي بيٺي هئي ۽ هرهڪ مسافر پيٽ ڀري ڀوڄن
ورتايو. پوءِ معلوم ٿيو ته گاڏيءَ جي انجڻ بلڪل بيڪار
ٿي پئي ۽ جڏهن ٻي انجڻ گھرائي تڏهن اها گاڏي هلي.
باباڄن جي هيءَ اپار شڪتي جاڻي اسٽيشن ماستر ڏاڍو
شرمسار ٿيو.

بابا هربرام صاحب جي برهملين ٿيڻ جي تٿ هر سال
جيٺ مهني جي اڪم تي ملهائي ويندي آهي (جا گهڻو
ڪري جون - جولاءِ ۾ ٿيندي آهي). ڪرت پتر ڪونه

مان ڀڄن ٻالڪا ۾ پاڻي هندرام ۽ ٻيا ٻالڪا ۾ پاڻي راجارام کي وٺي ويا هئا. ٻمبئي مان پاڻ منو واڌواڻي ۽ ڌرمپتني سميت انهي ٻالڪائن ۾ گڏ هون. ٻيا ٻالڪا ۾ پاڻ منوهر اُجي ڌرمپتني ۽ گهر جا پالي ٻه شريڪ ٿيا. ٻئي پاڻ منوهر ۽ منو جي ڪوتا ناهڻ ۽ ڳائڻ ۾ ٻئي ماهر آهن ۽ مٺن ٻابل پائرن جو ناٽو ٿي بابا هرديرام صاحب جن جي حضوري ۾ ڳايل شبد:

"منا ٻابل پيارا بابل، ڪيان توکي ياد مان پل پل" ڪارڻ ٻيو، جنهنجي ٻڌڻ سان ونڊل ٻرلمي گڏ گڏ ٿي وندا آهن، سي ڪيرتن ۾ ٻه ڀاڳ وٺندا هئا.

ٻي ٻالڪا سڪ سان پوري ڪري جڏهن وطن واپس ٿي ورِيا ته هوائي جهاز دهلي مان ٿي پوءِ بمبئي پهچڻو هو. هن داس جي دل ۾ ته بابا جن جو دهلي هوائي اڏي تي درشن ڪريون سو ڌرمپتني کي وٺي ٻئي هوائي اڏي تي پهتاسين. انهن وقت ۾ ايمرجنسي هئڻ سبب ڪنهن کي به هوائي جهاز ۾ ويٺل پاترن سان گڏجڻ جي اجازت ڪانه ملندي هئي. جهاز اٽڪل ساڍي ٽين بجي رات جو اچڻ وارو هو. اسين ساڍي ٻارهين بجي پهچي ويا هئاسين ۽ ٻنهي ٿي انسپيڪٽر سان دل جو حال ڪيوسين. چيائين آهي ته ڏکيو پر ڪوشش ڪندس. ٻياري جي رات سو ٿڌ به ڏاڍي هئي. انسپيڪٽر اسان کي ڪنٽرول روم ۾ ويهاري هڪ ڪمبل ڍڪڻ لاءِ ڏنو. جيئن جهاز اچي ٿيئن اسان اندر ۾ سنگرن کي ٻاڌائيندا رهياسين ته ڪڏهن ته ڪري اسانجي آس پڄائيندا. جڏهن ئي جهاز لٿو ته انسپيڪٽر اسانکي خاص ماڻهن واري گيٽ کان چپ چاپ ڪسڪائي جهاز لائين وٺي هليو. جهاز تي لهڻ سان سخت پهرو ڏيهي ويو. ته ٻالڪي ٻاهر

٨- وديشي ياترائون -

بابا شيوارام صاحب سدائين اهو دهرائيندا هئا:

”جو سک آهي چوٻاري
سو سک بلخ نه بخاري“

اڪثر ڪري ٻاهر وڃڻ ۾ رهڻ گهٽ وڻندو هون پر پريمين جو سڏ موٽائڻ به ڏکيو لڳندو هون. پريمي به ديس پرديس ۾ پکڙيل آهن - آمريڪا مان پاڻ سچل نولاٽي ۽ پاڻ لکو مانڪاٽي وقت بوقت ڪين پيا ٻاڏائيندا هئا ته وڃن چرڻ گهمائي ٻاهر رهندڙ پريمين کي پنهنجي مدرڪيرتن جو آنند وٺائين ۽ اچي آسيس ڪن. بمبئي ۾ بابل پاٽرن منوهر ۽ منو واڌواڻي جن جي هڪ نئي پيڙهي راجو ۽ ڪي پاٽر انگلنڊ ۽ اميريڪا ۾ وسيل آهن. تن به سندن سنگ جو لاڀ وٺڻ جي چاهنا ڏيکاري. سو جڏهن گرو نانڪ جن ديس وديش جا وڃن ڪري نام جو پرچار ڪيو تڏهن پاڻ به وديش جون ٽي ياترائون ڪيائون. پهرين ياترا سال ١٩٧٥ ۾ اپريل کان جون تائين ٻي ياترا سال ١٩٧٩ ۾ سيپٽمبر کان نومبر تائين ۽ ٽين ياترا سال ١٩٨١ ۾ مئي کان جولاءِ تائين. چوندا هئا:

”اٿ فريدا گُون ڪر، دنيا ويکڻ جاءِ
مت ڪو بخشيا مِل وڃي، تون ڀي بخشيا جاءِ.“

پيڻ ٽلسي ٻائي هري شيوا ڪنيا مهاودياليه ٻڙودا جي پرنسپال ٽنهي ياترائن ۾ سندن منڊليءَ ۾ شامل هئي. سال ١٩٧٩ جي ياترا جو وچتوار وستار لکي موڪليو اٿس جو هن پستڪ ۾ ڌار ڏنل آهي. دربار صاحب مان بابا گنگارام جن به ٽنهي ياترائن ۾ ساڻ هئا. باقي پالڪن

هئا. هڪ دفعي مون کين عرض ڪيو ته ڇو ڪين ٿا ڏک
جو علاج ڪرايو ته ڳالهه ٽاري ڇڏيائون. گهڻي زور ڀرڻ
تي چيائون ته ننڊون ڦٽائڻ لاءِ جوڳي ڪيترا جتن ڪندا
آهن. سو هيءَ سوغات ته سڄڻ اسانکي ڏني آهي، سا
اُهيءَ سڄڻ جي ياد ڏياري ٿي، اُها اسين ڇو گنوائي
ڇڏيون. باقي شبد ڪيرتن وقت هڪ ڦوهاري وانگر
شيشيءَ جو استعمال ڪندا هئا ته جيئن سائينءَ جي سار ۾
ڪو وگهن نه پوي. سندن جيون شيوا جو هڪ اڻٽڪ مثال
آهي. صبوح جو شبد ڪيرتن کان فارغ ٿي سڌو کيت ڏانهن
اُسهندا هئا ۽ شام جو سج لٿي آستان تي ايندا هئا. جڏهن
باغ ۾ وڃبو هئو ته هيءَ شيوا جو مضمون ڪڏهن گاهه پٽيو
ڪٽي، ڪڏهن هر پيو هلائي ته ڪڏهن کوهه جو پٽو پيو
نيڪ ڪري يا ڪتر پيو هڻي. وري رات جو شبد ڪيرتن
ڪرڻ وهندا ته ڀڳت ڪنور رام وانگر سڌ ٻڌ ڀلجي ويندا
۽ رات جا ٻه اڍائي ٻه لڳي ويندا يا پوئون پهر پيو ٿيندو.
پنهنجي ستگورن بابا هرنام صاحب جي ناليءَ ٽان ٻاهار پيا
ويندا هئا. لڳن ۾ لڳن جهڙي هئين. انهنجي ٽات طالب ۾
تن لنبو رو ڪري ڇڏيائون. ويندي پوئين دم ٽائين پـ
سندن ڌيان ستگورن جي چرنن ۾ هئو. جيڪي ڳائيندا
هئا سو ڪري ڏيکاريائون :

” لائڻ وارا پريت سان، لائجانءِ
لاتي اٿئي ته تو نباهجانءِ.“

١٠- دانيئن ۾ داني -

باباجن ڪڏهن به سک شيوڪن جي پيٽائي يا دان تي
نه ڀاڙيو. ”مانگن تي مرنا ڀلا، يه ستگور ڪي سيک.“

اچي ٿي سگهيا ۽ نه ڪو اندر ڪين ملي ٿي سگهيو. اوڏي مهل اوچتو ڪو انسپيڪٽر جو وڏو آفيسر به اچي آيو. ڪيس ڪنهن وزير وٽان ٽيليفون آئي ته سندس به ماڻهو انهيءَ جهاز ۾ ڪنهن شخص سان ملڻ اچي رهيا آهن. سو اهي ماڻهو نه ڪو نه آيا ۽ هو آفيسر، اسانکي وزير جا ماڻهو سمجهي انسپيڪٽر کي چوڻ لڳو: ”هي لوگ باهر ڪيون کڙي هين. انڪو اندر جهاز ۾ لي جائو“. اِهو ٻڌي انسپيڪٽر وائڙو ٿي ويو. ڪيس نه ڊپ اهو هو ته آفيسر متس ڪو قدم کڻندو. اِهو سڀ سنگورن جي شڪتيءَ جو پرتاپ سمجهي انسپيڪٽر اسانکي اندر جهاز ۾ وٺي هليو جتي بابا جن ۽ ٻيا ويٺل هاري اسانکي جهاز ۾ ڏسي وائڙا ٿي ويا. اسان پاڪستان سرڪاريءَ جو ٽڪيٽ آندو هو جو سنگورن اڳيان رکيوسين. سنگورن اُها پرساد طور ڪجھ اسانکي ڪجھ ويٺل هارين کي ۽ آخر انسپيڪٽر کي به ڏني ۽ گهڻي آسيس ڪيائون. اهو حيرت انگيز واقعو اڄ ڏينهن اسانجي دلين تان نٿو وسري.

٩- شيوا جو مجنون-

”ڪر شيوا نه ماڻي ميوا!“ اهو هر وقت سندن زبان تي هو. جهڙو هُين نالو تهڙي هُين شيوا سان لڳن. ننڍپڻ کان وٺي سرير جي ڪا پرواهه نه ڪري رات ڏينهن شيوا ۾ لڳا پيا هوندا هئا. انساني سرير پلا ڪيتري سَٽَ سهي سگهندو. دم جي تڪليف اچي ٿين. وقت بوقت ڪي مرض جا چاڙهو ۽ ڊاڪٽر ڪين دوائون ڏيئي ويندا هئا، پر مون ڏٺو ته اهي دوائن جا پڙا ائين جو ائين رکيا هوندا

١١- سنڌ ۽ سنڌ -

"سنڌ ۽ سنڌ سدائين گڏ"، اهو سدائين ڏهرائيندا رهندا هئا. جاڳي جاڳائيندڙ هئا. ڏک سک ۾ چڱو کين ياد ڪرڻ جي دير هئي. اماڻڪ پاڻ اچي حاضر ٿيندا هئا. خبر ناهي پوي ٿي، اها ڪهڙي شڪتي هئي جو ڪو پريمي پل ڪيتري دوري تان کين ڏک ۾ پڪاريندو هو ته تتڪال اُتي پهچي سنڌس ڏک نورت ڪندا هئا. هڪ دفعي دهليءَ ۾ پرمانند ناواڻيءَ جي گهر پاڻ رکيو هئائون ۽ پوڄا پاٺ اسان وٽ اچڻا هئا. اُن ڏينهن شام جو جڏهن مان کين وٺڻ ويس ته چرڪ ڀري اُٿيا ۽ موڪي لاچاري ڏيکاريندي ناواڻي کي چيائون ته هينئر جو هينئر هوائي جهاز جي ٽڪيٽن جو بندوبست ڪر ته جيئن اڄ رات ئي بمبئي وڃون. اسانکي عجب لڳو ته اهڙو بمبئيءَ جو پروگرام ته هو ئي ڪونه ۽ نکو ڪا اهڙي ڪڙي تار يا ٽيليفون آيل هئي. هن راز جو پتو تڏهن پيو جڏهن خبر پئي ته بمبئيءَ جو مشهور فلم ڊسٽريبيوٽر ٻي. سي. شنڪر اوچتو رات جو دل ٽٽڻ ڪري گذاري ويو هو ۽ سنڌس ترميتيءَ باباجن لاءِ ڏاڍو ٻي ٻاڏايو ته هنوقت سنت اچي سهاءِ ٿين. سو پاڻ هنوقت منجهل هئا ته باباجن کي ڪٿي تار يا ٽيليفون ڪجي. جڏهن ئي منو واڌواڻيءَ کان ٽيليفون تي سنڌن لاءِ پڇا ڪيائون ته منوءَ چيو ته سنت هتي پهچي ويا آهن. اهڙا آزمودا پيا ئي پريمين کي گهڻا آهن، جو نه فقط سنڌن حياتيءَ ۾ پر پرهلاڀين ٿيڻ کان پوءِ به اوکيءَ سوڪيءَ ۾ ياد ڪرڻ تي پاڻ اچي درشن ڏنو اٿئون.

منهنجي پيڙا ڪملا مهروتري ٻڌائي ٿي ته مان ڪيدارناٿ ۽ بدري ناراڻ جي ياترا ڪرڻ جي خيال کان ٢٤-٥-١٩٨٤

پگهر جو پورهيو ڪري ڪيٽ سان لکن جوڙي پڇاڙيءَ تائين بيپرواهه رهيا. انهيءَ محنت جي ڪمائيءَ مان چڱائي سُڪرت جا ڪم ڪري ۽ ڳجها دان پنج ڪري سڀني کي سکيو ڪري ويا.

سڄي جيون سنجم ۽ سادگيءَ سان گذاريائون. هميشه ٿلهي کاڌي پائيندا هئا ۽ پنهنجي سک آرام لاءِ يا ٻاهرين ڏيک ويک لاءِ اجايو خرچ نه ڪندا هئا. ڪنهن به پرمارٿ جي ڪارڻ ڪرڻ ۾ خرچ ڪرڻ کان ڪڏهن ڪونه ڪيٻائيندا هئا. جڏهن ٻالڪن کي جڻيا پاتائون ۽ ٻيک ڏنائون ۽ سماڌين جي اُدگهاٽن ۽ وڏن سنتن جي مورتيءَ جي استاپنا ڪيائون ته دل کولي اُهي دان ڪيائون جيڪي راجائن ۽ مهاراجائن کان گهٽ نه هئا. هڪ دفعي ڪنهن گهرجائوءَ ڪاٺين ٽولي گهري. چيائونس: ”ترس، بزار کلي ته گهرائي ٿا ڏيونوَ“، پر هو ترسي نه سگهيو ۽ وڃڻ لڳو. تڏهن ٻاٻاڄن ڪيس سڏائي پنهنجي ٽولي لاهي ڏني ۽ پاڻ انگوڇو ٻڌي ويٺي رهيا. ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن ٻابا گنگارام جن هردوار ويا ته اُتي ڪيترن اکاڙي وارن سائين شيوارام صاحب جي پرهلين ٿيڻ جو ٻڌي روئي ڏنو. اُنهن اکاڙن ۾ گهڻيئي سنام جا پيارا ٻيا ٻابا آهن ۽ ٻاٻاڄن ڪين هر سال چڱي رقم ۽ اَن ڳجهي طرح پنداري لاءِ موڪليندا هئا. سوچڻ لڳا ته هاڻي اهڙو درياهه دل داني ڪٿان ملندو. ڪنيائن جي ڪارج ۾ ۽ ٻين ڪيترن دکين گهرجائن کي ڳجها دان ڪيائون ۽ ڪين ڪڏهن به ائين محسوس ٿيڻ نه ڏنائون ته ڪير مٿن احسان ڪري رهيو آهي. واه دان ته اهڙو! هڪ هٿ ڏئي ته ٻئي هٿ کي خبر نه پوي.

انهن مول منترن ۾ ٻه ڄڻا جادو سمايل آهي. ڪهڙيءَ
اوکيءَ ۾ ڀاڳ ڦيرو ڏکن انهن منترن اچارڻ سان ۽ ستگورن
وشواس رکي سنڌن ڌيان ڪرڻ سان انهن محسوس
ندو آهي جڻ ته باباڄن پاڻ اچي سر مٿان هٿ رکيو آهي.

"جس ڪي سر اوپر تون سوامي،
سو دکھ ڪيسا پاوي."

ڪشت ڪافور ٿي ويندا آهن ۽ اوکي مان سؤکي ٿي
ندي آهي. گوروواڻيءَ جا اُهي وچن اَٽل آهن. اِهو وردان
هن منترن کي مليل آهي ته ڪو به ڪارو شروع ڪرڻ
ن اڳ اهي وچن ڌيان ڌري اچارڻ کپن ته ڪاميابي
حاصل ٿيندي. اِهو نسخو پريمين بار بار آزمايو آهي.

باباڄن رِڌين سِڌين نَو ندين جا مالڪ هئا. سنڌن واڻي
ڌ پرشن وانگر پُر اثر هئي. هڪوار ڪو وچن وات مان
ڪري وڃي ته ڪين ٽرندو هو. ڪنهن پريميءَ جي ٻالڪا
ين هڪ دفعي ڪافي ٻاڏايو: "باباجي مُجهي پائي دي دو."
ن پريميءَ کي فقط هڪ ڌيءُ هئي. باباڄن کان ٻه دفعا
هن مان نڪري ويو. "هوگا هوگا!" پوءِ ته ان پريميءَ
ٻ هڪ ٻئي پٺيان جاڻي ٻه پٽ ڄاوا ۽ هينئر اميراڪا
پاڙن سوڌو سکي ويٺو آهي. اهڙيءَ طرح ٻين به گهڻن
ميين کي سندس آسيس سان اولاد ٿيو.

عام طور سڌ پرش ڪرامت ڪين هلائيندا آهن جو ڇيو
ن ته ڪرامت قهر جو گهر آهي. پر هيءَ سنت بلڪل
م دل هئڻ ڪري ڪنهنجو دکھ ڏسي سنڌن دل پگهري
ندي هئي ۽ پنهنجي ستگورن بابا هرنام صاحب جن
ي ٻاڏائي پريمين جون آسون پوريون ڪندا هئا. دهلي
ناواڻين جو هڪ ٻالڪ چگو وڏو ٿي ويو هو ته به پنڌ نه

تي ڪوڙي ڪنڊ تي پهتس، جتان مولڪي ١٥-٢٠ ڪلوميٽر دوريءَ تي سائين ڪيدارناٿ پهچڻ لاءِ ڏوليءَ ۾ سفر ڪرڻو هو. رستو ڏاڍو ڀيڙدار ۽ اڻانگو آهي ۽ مان ڏاڍو ڏکيس ٿي. باباجن کي ياد ٿي ڪيم ته سائين منهنجي ياترا سولي ڪريو، ساٿ ڏيو. اڃا ڏوليءَ ۾ پير رکي سؤ کن گز اڳتي هليس ته ڏٺم ته ستگورو پاڻ حاضر ناضر بيٺا آهن. پڇيائون پٽ ڪيڏانهن پيئي وڃين؟ مان ته سُڌ ٻُڌ ئي ڀلجي ويس ۽ چيومانِ ته ڪيدارناٿ کان موٽان پئي. چيائون ته تون ڀلجي رهي آهين. تون ڪيدارناٿ وڃي رهي آهين. هل ته اسان توکي اوستائين پهچائي ٿا اچون. پوءِ ته ڏٺم هو سڄي واٽ ڏوليءَ سان گڏ هئا ۽ ڪيدارناٿ پهچڻ تي ڏٺم ته الوپ ٿي ويا. اهو ڪوتڪ ڏسي آءٌ ته ڏاڍو حيران ٿي ويس جو ٻڌو هوم ته باباجن اڳئين مهني ۾ برهم لين ٿي چڪا هئا، پر هت ساکيات پاڻ اچي منهنجي ياترا سولي ڪيائون. نشچيه ٿيو ته باباجن چولي ڇڏڻ کان پوءِ به، پنهنجي داسن جي دک سک ۾ سار لهندا رهن ٿا.

١٢- چمتڪار ۽ بخشيشون -

وڏي پهري ميري ۽ ڪمائيءَ وارا سڌ پرش هئا باباجن، پر پاڻ ڪڏهن ڏيکاري نه ڏيائون. چوندا هئا ته سڀ بابا هري-رام صاحب جي شڪتيءَ جو پرتاب آهي ۽ اهي سمرٿ آهن. سو دک ۾ يا سک ۾ انهن کي ئي پڪاريو. ستگورو جي ناتي جا ٻه مول منتر ته پريمين کي ڏيندا هئا:

(١) هي هري پِت ديا جي درِي.

(٢) سري سمرٿ بابا هريرام کو وندنون وار وار
جاس نام پرتاپ تي، مٽيء هئه پاپ پهاڙ.

ڪجهه وستر ڏوليءَ سميت گهر ۾ ڏولي ڏوليءَ کي پريس
ڪرڻ لاءِ ڏني آهاسين. ڪپڙا وٺڻ مهل پيا سڀ ڪپڙا ته
ڏٺائين ۽ ڏولي ڏٺي ٿي ڪين. جي لوهان ڏني ٿي
ڪونهي. صاف اُلي ويو. ڪيس ڏهڻو ٿي سمجهائو سين ته
هڪ مهاپرش جي ڏولي هيٺ مٿي ڪرڻ سان ڪيس ڇا
پلئه پوندو ۽ هو مهجي ٿي نه. سو لاچار ٿي سنڌن سان ڳالهه
ڪرڻي پئي ته ڪائين مڪه مان نڪري ويو. "اسانجي وڃائي
انس ڏولي ته پنهنجي وڃائيندو پولي." لڏهن اسانکي
الهن لفظن جو مطلب سمجهه ۾ ڪين آيو. پئي ڏينهن
پڏوسين ته سنڌس زال لنيڏا پار چڏي رالو راس گهر مان
پڇي وئي، جا پوءِ ڪيترائي ڪوشش ڪندي ڪين
لڌي. لڏهن اسان اهڙا پولي پڇي سگهياسين ته پوليءَ
جو مطلب هو عورت. اُهو ڏوپي اڄ لائين دکي آهي.
اهڙا سنت مهاپرش پلي چپ ٿي وڃن ته ۽ انهن کي
رنجائڻ مان سندن سڄڻ (ايشور) جو ڪوپ ڪڙڪو پوي ٿو.
انهيءَ تي هڪ درشٽانت اچي ٿو ته هڪ دفعي ڪوسائينءَ
جو پيارو الاهه لوڪ فقير پنهنجي مستيءَ ۾ سائين مان
ٿنهنجو لون مهنجو چولدو بازار مان پيو وڃي ته سنڌس
پير هڪ ڪپ واري ڪڏي ۾ وڃي پيو، جنهنڪري ڪي
قيمگون هڪ ونشيا تي وڃي پيون جا ۾ واري دڪان تي
پنهنجي پار سان گڏ خريداري ڪرڻ آئي هئي. ونشيا ته
ماٺ ڪري ڇهي رهي پر لڳو جو سنڌس پار کي غصو سو
ڏنڊو ڪٽي فقير کي وهائي ڪڍيائين. فقير ته ڪجهه ڪين
ڪڇيو ۽ پنهنجي مستيءَ ۾ روامت وٺي روانو ٿيو. هيڏانهن
ونشيا جي پار جي حالت وڃي بگڙجندي. هٿ پير ٻهڪجي
ويس ۽ سور ڪان ڪيڪرائون ڪرڻ لڳو. جڏهن گهڻن
حيلن هلائڻ سان به هو ٺيڪ نه ٿيو ته اُچاڪ ونشيا کي

کندو هو. گھڻيئي علاج ڪري ٿڪا هئا پر ڪو فرق نہ
پيو. سو باباڄن پڇيو تہ بالڪ جو نالو ڇا آهي، مائٽن ٻڌايو
تہ ايشور! تنهن تي باباڄن چيو واه! ايشور اِهو پنڌ ڪندو
تہ ٻيا ڪيئن هلي سگھندا، ضرور پنڌ ڪندو. وٽن هڪ
وڏن جي ٻوٽي ملي هئي. انهان منتر ڪري، رکيائون
ٿاهي ڏنائون ۽ هدايت ڪيائون تہ هڪ هڪ ٻوٽي وڌ
صاف جل ۾ گھي اهو پاڻي بالڪ کي پيار پندا ڪيو.
قدرت الاهي! ٻن ستن ڏينهن کانپوءِ بالڪ پاڻيهي پنڌ
ڪرڻ لڳو.

انهيءَ ٻوٽيءَ مان سهائي آرتوار تي وچن وٺي رکيائون
ٿاهي ڏيندا هئا، ۽ تہ چنڊ جهڙو مرض بہ دور ٿي ويندو
هو. منهنجي پيڻ چتري ملڪاڻيءَ جي ڌيءَ کي بہ اهڙي
ڪا لڳت هئي جو ڪڏهن اوچتو ، ڏيون ڪري
بيهوش ٿي ويندي هئي ۽ ٣-٣ ڏينهن انهن بنا ڪاڌي
پاڻيءَ جي پئي هوندي هئي. گھڻيئي علاج ڪيا ويا پر
ڊاڪٽر ڪجھ نہ ڪري سگھيا. نيٺ باباڄن سان حال
ڪيائون، جن ٻوٽيءَ مان منتر ڪري ٢١ رکيائون ٿاهي
ڏنيون. برابر ٢١ ڏينهن ۾ اهي رکيائون جل ۾ پيارڻ سان
بالڪي بلڪل نيڪ ٿي وئي.

چوندا آهن تہ اوچ آتمائن کي رهائڻ چڱو نہ آهي
اڪثر تہ اهڙيون آتمائون ڪروڌ ۾ ويندڙيون آهن پر
جي وقتي ڪائن ڪو اڪر نڪري ويو تہ اٽ ٿي پيندو آهي
باباڄن بلڪل شانت سروپ ستچت آنند هئا. ڪڏهن
ڪنهن تي غصو ڪين ڪندا هئا. پر هڪ دفعي رائج مان
سندن مڪاروند مان کي وچن نڪري ويا جنهنڪري
انهيءَ شخص کي سخت ڀوڳڻو پيو. اهو هو اسانجي ٻاڙ
۾ هڪ ڊوڪي. باباڄن اسان وٽ دهليءَ آيل هئا ۽ سندن

موڪلي دهليءَ ۾ نوڪري ملي ۽ جڏهن سڀئي اُتي وياسين ته ٻيهران نيو دهلي اسٽيشن لڳ بيٺل خالي گاڏن ۾ وڃي داخل ڪيوسين. ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ خبر پئي ته اهي گاڏا اُتان ڪڍي ويندا ۽ ڪرزن روڊ تي ڪي آفيسن جا بلاڪ خالي آهن سو سڀئي شرنارٿي ٻڌي ڪري وڃي انهن بلاڪن جو قبضو ڪيوسين ۽ ٻه اڍائي سال مزي سان اتي رهياسين. پر هڪ ڏينهن جڏهن آفيس مان موٽيس ته ڏسان ته پوليس گهر جا ٽپڙ ڪڍي ٻاهر رکيا هئا ۽ بلاڪن کي تالا ڏئي ڇڏيائون. سڀ شرنارٿي ٽرٽلي ۾ پهچي ويا. ٽرت ئي خبر پئي ته سامهون بلڊنگ ۾ پردان منتري جواهرلعل نهرو آيل آهي سو پٽ ٿيسين ته جڏهن ٻاهر اچي ته سندس ڪار اڳيان ڌرڻو ماريون ۽ ساڻس پنهنجي ڏک جو حال ڪريون. جڏهن پردان منتري ٻاهر آيو ۽ پنهنجي ڪار اڳيان شرنارٿي سمهيل ڏٺائين ته ڪروڌ ۾ ٻرجي ويو. پر شري ديوداس گانڌي (مهاتما گانڌيءَ جي سپتر) وچ ۾ پئي ڪيس ٺاريو ۽ اسانجي مشڪلاتن جو احساس ڪرايو. هڪدم ٽرڪون ڪلي وئون. ڪجهه وقت ڪانپوءِ اسانکي راجيندر نگر ۾ پڪيءَ طرح سان وسايو ويو. اهي آهن وڏ اسانجي سائينءَ جا جهڙن ديس پرديس ۾ اسانجي سار ٻي لڌي:

"ايڪ رانجها لاکان دي مُٺ".

وڏن سنتن ٻابا هريرام صاحب جن جي ٻه هن داس ٽي گهڻي مهر هئي ۽ منهنجي ڌرمپتني ليلان سندن اُتي مائل سوغات آهي. هڪ دفعي جڏهن ڪراچيءَ پڌاريا ته منهنجي ماتا هڪ ننڍين ٽولي کين ڀيٽ ڪري ڏني جا خوشيءَ سان سوئيڪار ڪري اوڏي مهل ڀريائون ۽ ٻالل ٽولي لاهي ماتا کي ڏنائون ۽ ساڳئي وقت وچن ڪيائون: "هاڻي وٽ هيءَ ٽولي ڪشن کي ڪکو جمي ته انکي ڀرائج"

خيال آيو ته هيءُ اُن اَلله لوڪ فقير کي سنائڻ جو قول آهي سو فقير وٽ وڃي ۽ ڪيس چوڻ لڳي ته مهر ڪريو. فقير ورائيو: ”توتي ڪنهن ٻاٽيءَ جون ڦينگون تنهنجو ٻار نه سهي سگهيو ۽ مونتي ڏنبي جو ڏنڪ منهنجو ٻار نه سهي سگهيو. اِها آهي ٻارن جي لڙائي. تون ۽ مان ته تماشبين آهيون. ٻار ڄاڻن ٻارن ٻ.“ اِهو ٻڌي اُن ونشيا کي اهڙو ته ڳيان اچي ويو جو اُها ڪرت ڇڏي فقير جي شرن ورتائين ۽ جنم سڦلو ڪيائين.

سو واهگروءَ جي پيارن سان سدائين اَدب ۽ نمرتا سان هلڻ کپي ۽ جي ڀُل ۾ ٿئي ته ترت بخشائجي ڇو جو هو ته سدائين مهروان آهن ؛ جي ٻيو ڪجهه نه ڪري سگهندا ته ۾ ڪو اُپاءُ ضرور ٻڌائيندا جنهنسان انسان جو دک گهٽجي سگهي ٿو.

لکندي لکندي هن داس سان جيڪي ٻاٻاڄن قرب ڪيا سي اکين اڳيان ترين ٿا اچن. جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيو ته سنڌي لاءِ اهو هڪ اَهم مسئلو هو ته هندستان ۾ ڪٿي وڃي اچهو ونداسين. اسان سان ته ٻڍڙي ماتا ۾ ساڻ هئي. ٻاٻاڄن تازو گادي نشين ٿيا هئا. پر جڏهن کين منهنجي مشڪلات کان واقف ڪيوسين ته ٻي ڏڙڪ لکائي موڪليائون:

”اَچهو توهان لاءِ ڇڇهو، توهين بي فڪر هندستان وڃو.“

اسانکي وڏو آٿت ملي ويو. ڏياريءَ جا ڏينهن هئا جڏهن چوڌاري ڏين جي ڇهرمر لڳي پئي هئي ۽ اسين ڪراچيءَ مان پاڻيءَ جي جهاز رستي وطن ڇڏي بمبئيءَ لاءِ اُسهياسين. جڏهن بمبئي پهتاسين ته اتين گهڻن شرنارٿين کي بمبئيءَ کان ٻاهر ٻي موڪليائون پر ستگرن جي مهر سان اسانکي بمبئيءَ جي پراڻي ڪئمپ ۾ رهڻ ڏنائون. جلد ئي

اڄ منوهر سکي جيون گذاري رهيو آهي ۽ پُٽر به تولد ٿيو اٿس. اسان آزمايو آهي ته باباڄن جي آڳيا سان ڪيل ڪارڄ ۾ هميشه سڦلتا ملي آهي ۽ اوکي به سوکي ٿي آهي.

دهليءَ ۾ جڏهن به باباڄن پڌاريا هئا ته آسڻ هن داس وٽ ڪندا هئا. سڀاويڪ باباڄن سان ڪي ساڌ سنت ۽ سک سيوڪ به گڏ هوندا هئا ۽ سندن براجمان هئڻ وقت ٻي سنگت به پئي ايندي ويندي هئي. باباڄن آئي وئي کي به چوندا هئا: "ڀنڊاري مان ڪري کائي وڃو، اٽين نه وڃو." پرساد نه گهر گرهستيءَ جي مد نظر کان چڱيءَ طرح ليا، ڪجهه هو لڏهن به ڪنهن ڪنهن وقت آيل سنگت کي ڏسي من ۾ سنڪوچ پيو ٿيندو هو ته شل پورو ٿي اچي. قدرتن اهڙو موقع ڪڏهن نه ٿيو جو ڪو پريمي پرساد ورتائڻ کانسواءِ وڃي. اهڙي نه ڀنڊاري ۾ برڪت پئجي ويندي هئي. پاڻ به ڀنڊاري ۾ چرن گهمائي "ڀنڊارا ڀرپور" ضرور چوندا. پاڻ جڏهن به سنگت سان پرساد پائڻ ويهندا هئا ته هيٺيان شبد اُچار ڪندا هئا:

١- "ڪام ڪروڌ اور لوڀ موهه بنس جاءِ اهنمميو
نانڪ پرڀ سرڻاگتي ڪر پرساد گرديو.

٢- سامي چلها چاڙهيا، سامي پيٺي چڪي
صدقي نانڪ شاه ٿان، جو دپدا پيٺي پڪي.

٣- نانڪ اُسريان پڪائيٿان، پڪيٿان ٿالهي ماهه
جني گرو مڪائيٿا، رڄ رڄ سيٿي کاءِ."

ڀڄاڙيءَ ۾ "ڳاجو، پرلم سان پرساد ڪاجو" چئي پرساد پائڻ شروع ڪندا هئا. جتي اهڙن وچن جي ورکا پئي ٿئي، اتي ڀلا کهڙي ڪمي ٿيندي.

ڳالهيون ته گهڻيئي اٿم پر اڄ پريمين لاءِ به جاءِ ڇڏي

ماڻا ڏولي وٺي سانديءَ رکي. انهيءَ ڳالهه کي پورا ٧ سال
گذري ويا. تنهن وچ ۾ بابا هرنام صاحب جن برهم لين ٿيا،
ورهاڱو ٿيو ۽ سندن گدي سر بابا شيوارام جن اچي ويلواڙا
وسايو ۽ اسين نوڪريءَ سانگي دهليءَ ۾ رهياسين. هڪ
ڏينهن اوچتو بابا شيوارام صاحب جن اسانجي گهر پڌاريا.
ورهاڱي کانپوءِ اهو پهريون دفعو هو جو اسانجي گهر چرن
گهمايائون ۽ ماڻا کان پڇيائون: "ڪشن جو ڪو ڪٿي
آهي." ماڻا ته ساڻن ۾ رهي سو سمجهي ويا ۽ چيائونس:
"اهڙ ڪاٿي دير ڪا آهي، وات منو ڪراءِ." باباجن ته پوءِ
انهيءَ رات ئي ڪانپور روانا ٿي ويا. جلد ئي منهنجي
گهر واري گرڀوتي ٿي ۽ ساڳئي سال ڪڪو جائو جنهنجو
نالو رکيو منوهر. هيءُ به اسرار ائين ٿيو جئن شاهه صاحب
فرمايو هو ته اسان جيڪا ڳُنڍي چاڙهي آهي تنهنجو پيڪڙ
سڀل سائين لاهيندو. سو بابا هرنام صاحب جن جو نڪتل
وچن بابا شيوارام صاحب جن سڀ ڪري ڏيکاريو. انوقت
دهليءَ ۾ سائيءَ جي بيماري ڦهليل هئي ۽ منوهر کي به
سائي ٿي. اسپتال ۾ پئي ڪرائوسين پر ڊاڪٽر اميد لاهي
ويٺا. اچانڪ ماڻا کي وڏن سنتن جي ڏاڍ ڏولي ياد آئي
۽ ڪٽي اچي بالڪ منوهر کي ان ۾ وجهيائين. ٻئي ڏينهن
بالڪ بلڪل ٺيڪ ٿي ويو جو ڏسي ڊاڪٽر به عجب کائڻ
لڳا ۽ خوشيءَ سان گهر وڃڻ جي موڪل ڏنائون.

سمي پائي منوهر بنگلور ۾ انجنيرنگ جو امتحان پاس
ڪيو ۽ سندس شادي به اتي هڪ ڊاڪٽري پاس ڪيل
منور جي ڪنيا سان ٿي جنهن لي باباجن پاڻ اڄمان ٿي
جوڙي کي آسيس ڪئي ۽ سڀني کي درشن ڏيئي نهال
ڪيو. اها مانئي ڪرڻ کان اڳ، سندن آگيا ورتل هئي
جڏهن فرمايائون: "ڪٿي جون ڇو ڪريون، ڪٿي جا انگ"

(ا)

گرو واڻيءَ ۾ گرو ۽ سنتن جي سنگت کي سڀ کان اوچو درجو ڏنو ويو آهي.

سنسار هڪ ڀؤل ڀُلايا مهاجار آهي جنهنکي سُلجهائڻ جي چاٻي ايشور سنتن جي حوالي ڪئي آهي ۽ اهي، اُئي هن مهاجار جي ڦاسي ڪاٽي مالڪ سان ملائي سگهن ٿا جنهن کان وڇڙي اسان آواگون جي چڪر ۾ ڦٽڪي رهيا آهيون. بابا جن شبد ڪيرتن ذريعي اڪثر اها ڌُني لڳائيندا هئا:

” اُنهن جا ڪُلي ڪارج راس، اُنهن گهر آنند ٻارهن ماس
جني گهر پيرُ گُرن پاڻا، جني گهر پيرُ گُرن پاڻا.
وڏن سي ولين جيان وانگي، مرادون ماڻن مَن مانگي
اُنهن جا ڀلؤ سيئي پاس، اُنهن جا دشمن سيئي داس
جني گهر پيرُ گرن پاڻا، جني گهر پيرُ گرون پاڻا.“

بار بار چوائيندا هئا ته گرن کان ڇا گهرو:

” نام ڏيندا، دان ڏيندا، مانُ ڏيندا،
شانُ ڏيندا، گيان ڏيندا، ڌيان ڏيندا.
سک جو وقت گذاريو اٿو،
سک جو وقت گذاريندا.“

چوڻ:

سڄڻ سولا سنت جنَ، ٽُوٽِ ملائي هروار
دُرجن ڪميءَ دوار جئن، ملت لهين هروار

سڄڻ پرش ۽ سنت سونَ جيان بار بار ٽٽي به وري ملي سگهن ٿا، پر دُرجن پرش ڪُمهر جي دلي وانگر هڪ وار ٽٽڻ سان وري ٻيهر اُها ڳنڍجي سگهن.

آهي. باقي هڪ وارتا ورڻ ڪرڻ کان رهي ٿو سگهان.
باباجن دهليءَ پڌاريا هئا ۽ ڪنهن پريميءَ وٽ ڊفينس
ڪالوني ۾ ستسنگ هون. مان به ترمپنڌي کي وٺي اُتي
درشن لاءِ ويس. رات جو هڪ ڏيڍ ٿيو هو جو پنهنجي
اسڪوٽر تي سوار ٿي پنهنجي گهر ڏي روانو ٿيس، رستي ۾ ٿي
موٽياسين ته اچانڪ اسڪوٽر بيهي ويو. ڏٺوسين ته پيٽرول
خلاص. اهڙي اڌ راتيءَ وقت پيٽرول ڪٿان ملي. اڃا گهر
۸-۱۰ ڪلو ميٽر دور هو سو اسڪوٽر ڌڪلي وٺي هلڻ به
ڏکيو. سائينءَ کي ياد ڪيوسين ته هن اوکيءَ گهڙيءَ ۾ اچي
سهاءِ ٿين: ”هي هري پت دڳ جي دري.“ ڇو نه ڪو
پيو اسڪوٽر وارو به اچي اُتان لنگهائو ٿيو. اسان کي
منجهيل ڏسي بيهي رهيو. پڇيائين ته رستي جي ٿي هجي
ته پيٽرول پنهنجي اسڪوٽر مان ڪڍي ڏني. پر اسان وٽ
ته نلي هئي ڪانه سو ويندو رهيو. اسان ته وري به
سائينءَ کي پڪارڻ لڳاسين ۽ ڏٺوسين ته ساڳيو اسڪوٽر
وارو وري اچي پهتو ۽ پاڻ سان رٻڙ جي نلي کڻي آيو
هو جنهن جي ذريعي پيٽرول پنهنجي اسڪوٽر مان ڏيئي
رمندو رهيو. پيٽرول جا پئسا به ڪونه ورتائين ۽ اسان
جلد ئي گهر پهچي سگهياسين. بيشڪ باباجن پنهنجو
واعدو: ”سڏ ۾ سڏ، سدائين گڏ“، پوري طرح نڀايو.

۱۳- سڪيا ساگر -

باباجن پنهنجي شبد ڪيرتن سان مندر واڻيءَ ۾ گيان
جا موتي ڀري وڌا آهن جي ڪيترن پريمين خصيت
پوري رکيا آهن. انهن مان ڪي چونڊ موتي هيٺ
ڏجن ٿا:

(٣)

من گهڙو نه چنچل آهي. انکي اسٿر رکڻ آسان ڪم نه آهي. گيتا ۾ به من کي وس ۾ رکڻ جيڳياسوءَ لاءِ مکيه ڪرتويه ليکيو ويو آهي. ٻاٻاڄن به ستسنگ ۾ من کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ رمزون سڻائيندا هئا:

١- من موڙ ٻانورا، توکي وار وار سمجهايان
سمجهائي نٿو سمجهين، توکي گهڙو قدم هلايان

٢. هاٿي هڻين توکي ڪنڊو لڳايان
ڪڙن ۾ توکي قابو ڪرايان
پيرن ۾ توکي زنجير لڳايان
پر تون آهين هاٿيءَ کان ٻي زور
توسي گهڙو زور هلايان....

٣. پنڇي هڻين توکي پڃري ۾ پايان
اُڏڻ کان توکي بند ڪرايان
تنهنجي راڄ جون راهون روڪايان
تون پنڇيءَ کان ٻي زور،
توکي ڪهڙيءَ طرح ڦاسايان.

٤. ستگر جو توکي شبد سڻايان
برهم جو لالا توکي ٻوت پڙهايان
تنهنجا پولا پرم پڄايان
سُرت جي شڪتيءَ سان تنهنجا مڙئي مرض مٽايان.

شبد جي آخر ۾ من کي وس ۾ رکڻ جو هڪڙو ٿي عمدو اُپاءُ ٻڌائين ٿا جو آهي گروءَ جو ڏنل وچن ڪمائڻ. ابڪالعت ۾ وڏهي ستگرن جو ڏنل ڏاري الهن کان ملبل شبد وار وار اُچارڻ سان من کي شانتي ملي ٿي. ٻيءَ طرح به ست سگورا ڪنهنجو والدو وهڻ پسند نه ڪندا

(٢)

اڄ ڌيءَ وارن جي ٻول ٻالا آهي. ڏيتي ليتيءَ جي چڪر ۾ ڪيترن گهر ڄائو گهرن جون ڪنيائون ويهي ويون آهن. ساڳئي وقت سُگهڙت جا ڪم به ڌيءَ مان أي ٿين ٿا. سو پنهنجي مدد ڪرڻ ۾ ڌيءَ جي مَدَ ۾ مبتلا ٿيل گرهستين کي ٽوڪيندا به هئا ته ساڳئي وقت ڌيءَ جو پورو اپيوگ ڪرڻ جي به هدايت ڏيندا هئا:

جنهنجي داتا گهر ۾ لهنجا ڄرڻا پئي سياڻا
جنهنجي داتا ....

ڌيءَ ٻڌا نه، سو ڀيا ڀائين لوڙي وڃ گهراڻا
جنهنجي داتا ....

جن وٽ آهن ڏوڪڙ لکن جا سيئي نوڪر
جن وٽ ناهن ڏوڪڙ سي در در ڪائن ٺوڪر
ڌيءَ ٻن وِچ پئي وڃن ويڳاڻا
جنهنجي داتا ....

پير عيسيٰ پير موسيٰ، ٻڙا پير پنجا
مولائن ڀيا مائيون جن جا پُر ڪيسا
ڌيءَ وارا وڃن اُگهامي لوڙي اُلٽا ڪاڻا
جنهنجي داتا ....

پر

ڌيءَ مهمان لمڪ ڏي لڳ، ڌيءَ مهمان شاد ٿون
ڌيءَ مهمان ليرت لپ، ڌيءَ مهمان گاد ٿون
ڌيءَ مهمان پالڻ ٿو چائون ڌيءَ مان ٻهراڻا
جنهنجي داتا ....

سو چڱيءَ طرح ڄاڻائيندا هئا:

لائڻ وارا نسريت سان لائج
جي لاليءَ اٿئي ته نوڙ نباهج.

(٥)

شيوا جو انيڪ انسان لاءِ اُتم گهڻو آهي. باباجن ٻاڻي ۾ شيوا مان ئي پاتو: "شيوا مان شيوارام بڻي ويا، مالڪ مهر ڪئي." ستسنگ ۾ پائي جيتي جو مثال مٽر ڪيرلن ذريع ڏيندا هئا. ڪڏهن هڪ ڪوهريءَ مان گرو رامداس بڻيا سو سندن انيڪ ۽ گروءَ لاءِ اٽل شردا سان ڪيل شيوا جو پرتاپ هو. "ڪٿو ڏاها ۽ ڏاهيو ڏلها" واريءَ ڪٿا ۾ ڪڏهن گرو امرداس صاحب جن ڪاڻن گهڻي محنت سان ناهيل ڏاها ڊهرائي وري بيا ڏلها نهرايا ۽ انهيءَ پريکشا ۾ پاس ٿيڻ ڪانپوءِ گديءَ جا حقدار بڻيا سا ڪٿا پرامي گهڻي چرچ سان ٻڌائيندا هئا. گرهستين لاءِ ڪنهن ۾ اٿنيءَ جي شيوا ڪرڻ ڪيڏي نه اُتم آهي تنهن جي سکيا هيٺين شبدن ۾ ڏيندا هئا:

"سنت مليا، ستسنگ مايا، مدڪتا اؤر مهمان
المسي پاڳ اَدنو ڪا يهه چار نشاني جان"

پرپوءِ در اهائي وڏتي ڪرڻ جي پرپرتا ڏيندا هئا:

"صاحب اِتنا ديجئي جا مئن ڪٽمب سماءِ
مئن ڀي ڀوڪا نا رهون، ساڌ نه ڀوڪا جاءِ"

شيوا جي ته مهل آهي ۽ ڪنهن ڀاڳ سان ملي ٿي سو اهڙي گهڙي هٿن مان نه وڃي تنهن لاءِ به ڄاڻائيندا رهندا هئا:

"نهل مهل ناڪيءَ ملي جاڪيءَ سنت ڪرپال"

اُلي دروش جو دوهرو بار بار دهرائي گرهستي جيون

هئا. هدايت ڪندا هئا ته جي ليکڪ آهيو ته ليک لکو، ڪوي آهيو ته ڪويتا ٺاهيو، سڀي ڇاڏو ته سڀو پريو، ستسنگ ۾ رُچي هجي ته پاڻ ۾ گڏجي واهي ڀڄن ڀاءِ ڪريو يا نام جو سمرن ڪريو:

تالو من روپي ڏکيو جنهن ۾ پيور لک هزار
نام سندي چابي ڪٺي، کولي کولڻهار.

(٤)

پريم ۽ پريوءَ جي وچ ۾ خير ڪو فرق آهي. پريم اُها عجيب شڪتي آهي جا مالڪ سان ملائي ٿي ۽ ان سان روح رهاڻ ڪرڻ لاءِ بڻا ٺند ڏار آهي. پريم مئه انسان سڀ ۾ پريوءَ جي صورت ڏسي ٿو. بابا جن پنهنجي مڌر ڪيرتن ۾ پريم جي مهما سندر شبدن ۾ ڪندا هئا:

موهن جي مرلي ڇا پئي بولي
ڪرشن جي مرلي ڇا پئي بولي
پريم، پريم، پريم

اُهي شبد ڳائيندي جڏهن وٺل پريمين کان "پريم، پريم، پريم" چوائيندا هئا ته هر ڪنهن جو من پريم سان پرجي ويندو هو ۽ وري مٿان جو هيٺئون ڀڄن ڳائيندا هئا ته نيڻن مان پريم روپي لڙڪ وهڻ لڳندا هئا:

گذاريم ساري رات سڄڻ تنهنجي سِڪ ۾
سڄڻ تنهنجي سڪ ۾ پوليا تنهنجي حُب ۾
اٿـئي پهر اندر ۾ پيارا مٿون ٿي پرڀات
ناهي ننڊ نيڻن ۾ پيارا، اٿم اهائي تات
سڄڻ تنهنجي سڪ ۾........

ساڳئي وقت ياد ڏياريندا هئا ته پريم ڪريو ته ڪوڙ نه ٺاهيو. چاڪاڻ ته پريت ڪرڻ سولي پر نڀاهڻ اوکي آهي.

(٧)

ڪيترن ئي ڪٿائون پنهنجي مٿن ڪيرتن ۾ ڳائي جن ٻڌندڙن کي وس وڻائيندا هئا سو ته وسرڻ جو نه آهي ۽ هر هڪ ڪٿا نرالي رهسيه ۽ اوچ سکيا سان ڀرپور هئي. انهن ۾ ڪجهه ڪٿائون هيون:

١. ڪٿا نانڪيءَ جي - ڪئن سندس ڀاءُ گرو نانڪ جنهن کي ڀاءُ وير ڪري سڏيندي هئي سندس سچيءَ دل سان ياد ڪرڻ تي پل ۾ اچي مڪي مديني مان سندس گهر پهتا ۽ سندس هٿ جو سيڪيل ڦلڪو ورتائو.

٢. ڪٿا ماتا گنگا جي - گرو ارجن ديو جي صلاح تي نه سندس گود ڀاڳ ڀريو ڀري سگهندو نه جڏهن هوءَ پيڪي سان ڏوليءَ ۾ چڙهي ويئي ته نراس ٿي واپس آئي. پر وري جڏهن نمرتائيءَ سان بندگي ڪري ويئي ته آس پوري ٿيس ۽ گرو هرگوبند جي بخشش ٿيس.

٣. ڪٿا شيخ فريد جي - پنهنجي ماتا جو وچن ڪٺي جو هن جوڳ ڪمايو ۽ ٻڌي حاصل ڪئي سا اتهاس ۾ هڪ انوکي وارتا آهي. جڏهن ڪوٺ ۾ پاڻ کي اُبو لٽڪايو اٿس ۽ ڪانو سندس ماس ڪاڻڻ لڳا ته وِلاپ ڪري ڪين وينتي ڪيائين:

ڪاڳا چونڊ مَ پڃرا سگلا کائيا ماس
اي دو نيناں مت ڇوهو جو پيئا ملڻ جي آس.

٤. ڪٿا ڀائي جيٺي جي - ڪئن شيوا ڪري گرگديءَ جو حقدار بڻيا ۽ گرو رامداس صاحب جن جي لالي سان پرسن ٿيا تنهنجو ذڪر اڳ ڪيل آهي.

٥. ڪٿا بابا موهن جي - جڏهن گرو ارجن ديو جن گرو گرنٿ صاحب جي رچنا لئي ڪئي ته اڳين گرن جي

جو سچو سک ڇا ۾ آهي تنهن ڏي ڌيان ڇڪائيندا هئا:

۱- ”ايئا ڪرڻ ڪن، ڌڪڙ ٻاجهن، لهندا رهن ڇاها
اُن ڄاڻون راضي ڄاڻون، تني مالڪي ٻُلا.“

مطلب ته، ڪماءُ ٻائي ٻر سُڪرت جا ڪارج ٻه ڪندا رهو ۽ گهر ۾ ٻاجهن ٻاڻا سان گڏ لنگر جاري هجي ۽ آئي صورت راضي رهي، اها هئي سندن اُتم سکيا شيوا ٻابت.

(٦)

زالن لاءِ وڏا ستمت گهر اندر رهي ٻڌن ڇڻن جي شيوا ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا. جهڙوڪ: (١) چلهه (٢) ڇاڏي (٣) ڇونڪو (٤) چڪي ۽ (٥) چرخو. اڄ زمانو گهڻو اڳتي وڌي ويو آهي ۽ زالون به مردن سان ڪلهو ڪلهي سان لائي نوڪري ٻيون ڪن. ٻاٻاجن تنهن تي انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائيندا هئا ته جڏهن ٻئي زال مرس ٻيا ڪمائين تڏهن ٻه ٻاندي ٻوري ڪانه ٿيئي ٻوي ۽ ٻيج ته چنيان وارو قصو لڳو ٻيو آهي. سو سائين وسڻ شاهه جو شبد سڻائي زالن کي خاص اُپديش ڏيندا هئا:

زالون سڀي ڇڻن جي نيئي ڪل تارين
ڪل ٻيڪو، ڪل ساهرو، ٻني جهٽڪ نه ڏين
ڪڏهين ٻه ٻنهنجي منهن سان ڪوڙو نه ٻولين
تن کي ٻڪائيون، ٻاڙي وارٻون، ساهيڙيون
ستمت ٻيون سنڀارين
وسڻ اهڙيون کي آهين، جي ملن ڪنهن مرد کي.

هون ۽ ته زالن کي ٻنهنجي ٻتيءَ جي خيال تي هلڻ ۽ سو ٻ آهر ٻير ڊگهيرڻ جي هدايت ڪندا رهندا هئا ڇو ته وقت ٻڇي لٿو اچي. مردن جي همت قاڙ عادتن تي ته زالن کي نظر رکڻ ضروري سمجهي کين ٻتيءَ جي سچيءَ دل سان شيوا ڪري ٻنهنجي وس ۾ آڻڻ جي رمز ڏسيندا هئا.

هيٺان وڃي سمهيو ۽ پنهنجا سواس چاڙهي ڇڏيائين. اها آهي هڪ درد ڀري ڪٿا ٻاري ٻاهڻ جي. باباجن جڏهن اها ڪٿا سُر ۾ ڳائيندا هئا ته اکين ۾ پاڻي اچي ويندو هو. اڄ ٻ انهيءَ وڻ جي هيٺان بابا اٽل جي ٿالي پڪي پڪائي روٽي ملندي آهي ۽ ٿي لڳندي آهي:

”بابا اٽل، پڪي پڪائي گهل.“

٧. ڪٿا نرملا پانيءَ جي - هيءَ ڪٿا ”پنج پيڙا ۽ ساڍا ٽڪيءَ جو“ جي نالي سان مشهور آهي ۽ باباجن جي ڪٿائن ۾ پريمي جن انهيءَ ڪٿا ٻڌڻ لاءِ گهڻي اُتڪنٺا ڪندا هئا. انهيءَ ڪٿا ڪي وڏ ملهل هئا ۽ جنهن ٻه آس سان پريمي اها ڪٿا ڪرائيندا هئا ته انهن جي اها آس پوري ٿيندي هئي. سنڪيپ ۾ ڪٿا هن ريت آهي:

پنجاب جي امرتسر شهر ۾ هڪ گرهستي جوڙو گهڻن سالن کان بي اولاد هو. کين ڏس مليو ته گرو ارجن ديو جن وٽ وڃي ونتي ڪريو ته توهان جي جهول ڀري ويندا. سو ٻنهي زال مڙس گرو ارجن ديو جن جي آستان تي اچي خوب سيوا ڪئي. اتري قدر جو ڀنڊاري جي ٽڪري نه پنگت ۾ ويهي ڪو نه کائيندا هئا ۽ جوٺين ٿالهن ۾ جيڪي بچيل هوندو هو سو کائي گذر ڪندا هئا. جڏهن گرو ارجن ديو جن جي ڪن تي اها ڳالهه آئي ته کين گهرائي پڇيائون ته هيڏي سيوا ڇا ڪريو پيو ته پنگت ۾ ويهي لنگر جي ٽڪري نٿا ورتايو تنهن جو ڪارڻ ڪهڙو. تنهن تي عرض ڪيائون ته جڏهن پنگت ۾ ويهڻ جي لائق ٿينداسين تڏهن ضرور ويهنداسين ۽ پنهنجي دل جو حال کولي ڪيائون.

گرو جن ميري پيريءَ جا مالڪ سڀڪن جو درد پرکيو داستان ٻڌي کين هڪ پوٿيءَ تي هٿ رکائي جا ڏسي کين چيائون: ”توهان کي نه اولاد لکيل ئي ڪونه آهي.“

واٽي (سنڌيون) هن سخت وقت ڪٽي نيل هئي. جڏهن ٻين کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليائون ته پڪاري پيئا ته ٻه ڏر ڪونه لڳن. پر جڏهن پاڻ پنڌ ڪري ويا ته هڪ ئي سڏ سان سندن مقصد پورو ٿيو.

٦. ڪٿا موهن ۽ بابا اَٽل جي - بابا اَٽل گرو هرگوبند صاحب جن جا فرزند هئا ۽ بالڪ اوسٿا ۾ ئي وڏي منزل کي پهچي چڪا هئا. پنهنجي هم ساٿي موهن سان لنئي ڏڪر راند ڪندي جڏهن دير ٿي وئي ته بابا اَٽل جي واري رهجي وئي ۽ موهن وچن ڏنو ته ٻئي ڏينهن تي ڪين واري ڏيندو. رات جو اهڙو اتفاق ٿيو جو موهن کي ڪارو نانگ ڏنگيو ۽ گذاري ويو. صبوح جو بابا اَٽل جڏهن سندس گهر ٻاهران اچي پڪاريو:

"اٿ جاڳ، موهن ميرا يار وي
اُگيا سورج ڪنول کِڙا وي"

ته موهن جي مائٽ اکين ۾ ڳوڙها آڻي رات جو ڏکدائڪ حادثو ورنن ڪري ٻڌايو. پر بابا اَٽل کان سٺو نه ويو ۽ اندر وڃي موهن جي ڪن ۾ چيائون: "يار، مڪر ڇڏ، اسانکي واري ڏي ۽ پنهنجو وچن پورو ڪر." ائين چوڻ سان موهن اُٿي کڙو ٿيو ۽ سڄي اَمرتسر شهر ۾ واهه واهه ٿي وئي. جڏهن سري هرگوبند صاحب جن جي ڪن تي اها ڳالهه پئي ۽ بابا اَٽل راند پوري ڪري گهر آيا ته ڪاوڙس مٿن ڦيري ڇڏيائون ۽ چيائونس: "ڪرامت قهر جو گهر آهي. تو ائين ڇو ڪيو. هاڻي دنيا ۾ ٻه ٽون رهڻا مان." اهي وچن ٻڌي بابا اَٽل هراسجي ويو ۽ هٿ جوڙي ڀُل ٻخشايائين ۽ وينتي ڪيائين: "ڀڳتن جي ڪلياڻ لاءِ توهان جو دنيا ۾ هئڻ ضروري آهي." مٿو ٽيڪي چپ چاپ اتان اُٿي امرتسر ڪلاءِ جي پاسي ۾ هڪ وڻ جي

ورائيو ته تو اڳ ۾ گهڻا دفعا ٻڌي چڪو آهي پر اسين هلي
نه سگهيا آهيون، هاڻي ضرور هلنداسين. جڏهن گرو
ارجن ديو جن ڪشمير پڌاريا ته راجا شهر ۾ پڙهو گهمايو
ته سڀئي اچي درشن ۽ ستسنگ جو لاڀ وٺن. نرملا پڙهو
ٻڌو ته ڏاڍو گد گد ٿي ته هاڻي گروجن منهنجي آس ضرور
پوري ڪندا. سو پنهنجي گهوٽ کي وٽن وٺي هارڻ لاءِ
ونتي ڪيائين. پر سندس گهوٽ مڃيئي نه. جڏهن چيائين
ته گروجن امرتسر مان ٿا اچن ۽ سندس مانڻ ضرور ڪيا
هڻ پڌري آندي هوندي سا هلي وٺي اچون ته. انهيءَ
لالچ لئي جواب ڏنائينس ته پاڻ اڪيلو وڃي گڏجي ايندو.
نرملا انهيءَ ۾ به خوش ٿي. جڏهن نرملا جو گهوٽ ستسنگ
۾ پهتو ته ڪافي ڀيڙ لڳل هئي ۽ پاڻ هڪ ڪنڊ وٺي ويهي
رهيو. ستسنگ پورو ٿيو ته گروجن جي نظر مٿس پيئي ۽
سمجهي ويا ته هيءُ نرملا جو گهوٽ آهي. اشارو ڪري
ڪيس ويجهو اچڻ لاءِ چيائون ۽ ٻڌايائونس ته نرملا جي مانڻ
گهڻيئي شيون سندس لاءِ موڪليون آهن ۽ هڪ ناڻي جي
ٿيلهي به ڏني جا سندس هٿن ۾ ڏيڻي آهي. نرملا جي
گهوٽ انهن لئي عرض ڪين ته پاڻ سندن گهر ۾ اچي پوڄن
ڪن ۽ ناڻي جي ٿيلهي روبرو نرملا کي ڏين. گروجن قبول
ڪيو ۽ چيائونس ته اسين ضرور اينداسين ۽ اسان سان گڏ
هيءَ ساري سنگت جا ڏسين ٿو سا به ايندي. نرملا جو
گهوٽ شين جو گاڏو ڀرائي اچي گهر پهتو ۽ سڀ ڳالهه
ڪري ٻڌايائينس. انهيءَ تي نرملا پڇيس ته گروجن کي
ڪڏهن پوڄن اچي ڪرڻ لاءِ چيو اٿس ته جواب ڏنائين:
”سڀاڻي، مون گروجن کي اڪيلو اچي پوڄن ڪرڻ لاءِ
چيو ته پاڻ وري سڄي سنگت به وٺي اچڻ لاءِ خيال ڏيکاريو
سو ايڏي خلق لاءِ ڪيئن پوڄن ٿي سگهندو. مان ته

سڀکن گھڙي ٺهرڻ سان وراڻيو: ”لکڻ وارا به نه لوهين
آهيو. جي اڳ نه لکيو اٿو ته هاڻي ڪٿي لکو.“ گرو جن
کين مُنجهيل سمجهي وري ٻيهر همت رکايو ۽ فرمايو: ”پٽ
نه پر توهان کي ڪنيا ملي سگهندي.“ ٻئي زال مڙس
گرن جو وچن اکين لي رکي چيو: ”اها ڪنيا به ٻئي.
اولاد وارا نه سڏبا سين.“ سمي پاڻي کين هڪ ڪنيا ڄائي
جنهن جو نالو رکيائون نرملا باني. اچ نندي سيان وڏي،
گرن جي بخشيش ٿيل ٻالڪي اهڙي نه گڻن واري ٿي جو
ڪي سڀ سولي ته ڪي ٻچي ڪري سمجهندا هئس.
روزانو نيم سان گرن جي درشن لاءِ به پيئي ايندي هئي.
گرن به منس مهر ڪري کيس گرمکي اکر سيکاريا ۽ هڪ
پنج گرنٿي ظهو ڪري ڏني جا گهڙي سڪ ۽ شردا سان
پڙهندي هئي. جڏهن جوان ٿي ته ماٽن سندس شادي
ڪشمير جي ڪنهن شهر ۾ هڪ لائق ڪٽنب ۾ ڪرائي ۽
گرن جي ڏنل بخشيش پنج گرنٿي به پهرائي ڏني. نرملا
نت نيم سان صبوح جو سويل اٿي ان مان پاٺ ڪندي
هئي. پر نرملا جو گهوٽ اها ڳالهه سهن ڪري نه سگهيو ۽
هڪ ڏينهن کيس کهرو ڳالهائي ته روز اسان جي ننڊ ڦٽي
ڦٽائين، بوتي وني ڪٿي لڪائي ڇڏي. نرملا وچاري ته
صبر ڪري ويٺي ۽ روز گرو جن کي پڪاريندي رهندي
هئي ته هاڻي ٻانهڙ اچي سندس گهوٽ کي سمجهائين ۽
کيس پنج گرنٿيءَ جو پاٺ اڳي وانگر شروع ڪرائين. انهيءَ
وچم نرملا کي ڪڪو ڄائو جنهنجو نالو رکيائون موهن.

وساکيءَ جي ميلي تي جڏهن ڪتان جي خلق
اچي امرسر ۾ ڪٺي ٿيندي هئي، ڪشمير جو راجا به
اچي الي نڪتو ۽ گرو ارجن ديو جن کي ونتي ڪيائين
ته ڪڇه ڏينهن راجڌاني ۾ هلي چرن گهمائين. گرو جن

جاڻو آهي سو ان کي ڪٺي اچو ته. پڪر ڪري پوءِ پنڌار و ورتائون. نرملا پنهنجي مجبوري ڏيکاري ته سندن ڪٽو موهن ڏهري تنهن ۾ سمهيو پيو آهي ۽ جي کيس اٿاريندي ته سندس گهوٽ غصو ڪندو. گروجن ٻنهني وراڻيس ته جي اسين اٿارينداسين. نرملا چيو: "تو هين ڌڻي مالڪ آهيو"، ۽ جنهن ڪوٺيءَ ۾ موهن سمهيل هو اوڏاهن وٺي ويئي. در کولڻ سان جو درشن ڏٺائون سو ڏسي سڀئي سنگت وسميءَ ۾ پئجي ويئي ۽ موهن جو پتا خوب اوچڳاروڻ ڏيئي رئڻ لڳو. گروجن پنهنجي لکڻ سان نانگ کي ماري مات ڪيو ۽ ان کي مڪتي ڏنائون. پوءِ موهن جي پتا کي پرڀوت ڏنائون ته سانت ڪري. پڇيائونس ته اسان نرملا کي لڏي هولڏي هڪ پوٽي ڏني هئي سا رکيل آهي؟ هڻي ته ڪٺي اچ. نرملا جو گهوٽ هڪدم ها ڪري ڊوڙي اها پوٽي پنهنجي گرنٿي ڪڍي آيو. گروجن صاف لوٽي ۾ جل پري اچڻ لاءِ چيس جو به ڀري آيو. پوءِ ٻنهي گهوٽ ڪنوار کي گڏ وهاري پنهنجي گرنٿيءَ مان سکمنيءَ جي پنڌرهين اشٽپديءَ جي سٽين پڙهي:

"مرتڪ کو جيوالڻ هار
بوکي کو ديوت آڌار ..."

پڙهڻ لاءِ آڳيا ڪئي. پڙهي پڙهي بس ڪيائون ته لوٽي واري جل مان ٿاڻ موهن تي ڇنڊو وڌائون. ڇنڊي وجهڻ سان موهن اٿي کڙو ٿيو ۽ ڇوڏاري وائيون وري ويون. پوءِ نرملا کي چيائون ته هاڻي ٻڌاري ۾ هل ته اڻي ۽ ڇنڊو وجهون ۽ پوءِ سڀئي ٻاهر ورتائون. سو نرملا جي ڪيار تيل "پنج پيوا ۽ ساڳيءَ ٿڪيءَ" سان به ڇنڊو وجهي "ٻڌارا پرپور، ڪال ڪنٽڪ دور" جو شبد اچاري سڀني سنگت جي پنگت لڳارايائون. ان رڱو سڀني وڻل

انهيءَ ڪري چپ رهيس." نرملا چيس: "پتي، ڳالهه نه
گهٽ ڪري ڇڏيو. دعوت ڏيئي واپس وٺڻ ڪيئن ٿيندو.
هاڻي گروجن ٿي جڏهن دعوت ئي ڏنو ته ڪجهه نه من ۾
سوچيو هوندو. سو ڀلي ايترو ئي سيڌو موڪلي ڏيندا ۽
وري وٺي گروجن کي مڃائي اچو." هونءَ نه نرملا جو
گهوٽ ميڙڻ وارو ڪونه هو پر ناٽي جي ڳنڍ جا خيال ۾
ڏٺس سو نرملا کي چيائين: "مان رڳو سير اٽو ٽڪيءَ جو
۽ ساڳيءَ ٽڪيءَ جو ڏيندوسانءِ." نرملا چيس: "اهو به
چڱو. تون هين وٺي گروجن کي مڃائي اچو." وري به
نرملا سان ٻڪ ٻڪاڻ ڪري گروجن کي ٽوٽو ڏيڻ ويو.
گروجن ته هڪدم ها ڪئي ۽ کيس ٽائيم ڏنو. ڏلال ٽائيم
کان اڳ نرملا وڏيءَ شرڌا سان ڀنڊاري جي تياري ڪئي.
سمجهيائين ته سندس ڪڪو موهن متان ڀنڊاري ۾ اچي
آٽي وغيره ۾ هٿ وجهي سو کيس ڀرواري ڪوٺيءَ ۾
سمهاري آئي ۽ ٻاڻ وٺي ڄُڀتيءَ سان پوڄن تيار ڪرڻ
کي لڳي وئي. ٻتيءَ کان ماڻل مڪيءَ جي آٽي مان پورا
ٻيج پاڻ ڪري، هٿ سان ٺپي هڪ هڪ پيڙو ٿئي تي
پچائڻ لڳي ۽ جڏن پچائي بس پئي ته ڇڇي صاحب جي
پوڙي به پئي پڙهي. جڏهن پنج پيڙا ۽ ساڳيءَ ٽڪيءَ جو
ٿهي تيار ٿيا ته چڱيءَ طرح ڍڪي، موهن جو سماءُ ڪرڻ
وئي. در کولي ڏسي ته موهن مٿو پيو آهي ۽ هڪ ڪنڊ
۾ ناڻگ پيو ڦوڪون ڏئي. هڪدم در کٽي بند ڪيائين.
سوچيائين ته جي هاڻي رڙ واڪو ڪندس ته گروجن ٿهيل
ڀنڊارو ڪئن سوڪار ڪندا سو جئن تئن ڪري سُڙ پئي
وئي. جڏهن گروجن سڀني سنگت سان اچي پڌاريا ته
سندن جوڳو سٽڪار ڪيائين. گروجن وڃائل آسڻ تي
براجمان ٿي پڇين ته اسان پتو آهي ته ٽوهان کي ڪڪو

(٣) مڙس جو منهن پنهنجو ۽ زال جو منهن پنهنجو يعني گهر ۾ اڻبڻت هوندي ته اُلٽي به هيءَ ڪٿا ڪرائڻ سان ٻئي کير کنڊ ٿي وڃن ٿا.

(٤) گهر ۾ صبوح جو ڪانءُ لاءِ آهي ته شام جو ڪولهي ته الي به ڪٿا ٻڌڻ سان ڀنڊارا ڀرپور ٿي وڃن ٿا.

(٥) نردن آهن ۽ ڌن ڪانسواءِ ڏاڍو ڏکيو وقت پيا گذارين ته هيءَ ڪٿا ٻڌڻ سان ڌنوان ٻڻجي وڃن ٿا جئن گرو جن لاٽي جي ڳنڍ نرملا جي هٿن ۾ ڏيئي سندن گهر کي ڌن سان ڀري ڇڏيو."

اڪثر ڏٺو ويو آهي ته جن به پريمين جنهن آس سان ڪٿا ڪرائي آهي تن جي اها آس پوري ٿي آهي. هن ڪٿا جي آخر ۾ پرساد به ڀوڳي ۽ ساڳ جو وراهيو ويندو آهي. دربار صاحب ۾ بابا جن هيءَ ڪٿا گرپرب جي شب اُلوَ ٿي ڏينهن جاري رکندا هئا پر پريمين وقت وقت جي ڪميءَ سبب ٽن ڪلاڪن ۾ سمائتي ڪندا هئا. گهڻن ئي پريمين انهيءَ ڪٿا جا پاٺوٽ ڪئسيٽ ڀري رکيا آهن ۽ اوکيءَ ويل ڪٿا ٻڌي راحت پائين ٿا.

(٨)

گروڙائيءَ ۾ اَٽل وشواس هون. ايڏي ته ٻاٽي ڪنمت هئن جو ستسنگ ۾ گهڻو ڪري چار گرواٽيءَ جو ٺيءَ ڪندا هئا. شروع ٿي ڪندا هئا امبرت ويلي گرو گرنٿ صاحب مان وڙال وچن سان. اهو وچن سر ۾ به ڳائيندا ته ارٿ به سمجهائيندا. هڪ دفعي وچن آيو: "چتر دِسا ڪينو پل اپيا، سر اوپر ڪر ڌاريو...." چتر دسا ۾ ڏهه ئي ڏسائون اچي وڃن ٿيون: چار طرف اولهه اوڀر ڏکڻ اتر چار اُنهن طرفن جون ڪنڊون ۽ ٻه آڪاس ۽ پاتال، مطلب ته هر

سنگت ۾ اِي ٻه جيڪا آئي وئي هئي، پوءِ ٻي ڪافي آئي:

پنهنجن مان جڻ گڏبج ئي ويڙا،
ويٺي ساري سنگت ڪانئي
رباب اُنسي راڳ ٿي ڳايا،
جھٽ جھٽ ڪار منائي
ڪاڏو گرن ٻه پويو مڪيءَ جو
ڪاڏو سنگت ٻه پويو مڪيءَ جو
پنهنج پويا ساڳيءَ نڪيءَ جو.

آخر ۾ اُنهيءَ ڏنيءَ سان ڪٿا جي سماپتي ڪندا هئا. وچ وچ ۾ گروٽي مان شبد ٻُڌيا لاڳاپو رکندڙ پڙهن ڳائي سنگت کي جو آنند ونائيندا هئا سو ورڻن ڪرڻ کان ٻاهر آهي. انت ۾ ڪٿا جو مول سار ور ور ڪري دهرائيندا هئا: ”هن ڪٿا کي پنج ور مليل آهن:

(١) نانڪ جهڙن موهن کي ڏنگيو سو گرو امرداس صاحب جن جي پالشاهيءَ ۾ سِکُ هو پر ستسنگ ۾ سانت ڪري نه وهندو هو ۽ ٻين سکن جي ڏيان ۾ ٻه پنگ وجهندو هو. جڏهن سکن گرو اَمرداس صاحب جن کي شڪايت ڪئي ته گرو جن کيس سراپ ڏنو ته نانڪ جي جونِ پائيندو. لمهنتي اُنهيءَ سک هراسجي پل بخشڻ لاءِ وينتي ڪئي. گرو جن فرمايو ته نانڪ جي جونِ ته پائيندين پر اسان جي گديءَ ٿي پنهنجن پالشاهي لمهنجي مُڪتي ڪندا. سو گرو ارجن ديو ان نانڪ جي مُڪتي ڪئي. ڪهڙن ٻه گهر ۾ اگهوري دک هجي ته هيءَ ڪٿا ٻڌڻ سان دک دور ٿي ويچي ٿو.

(٢) جن کي اولاد ڪونه آهي سي به هيءَ ڪٿا ٻڌڻ سان اولاد وارا ٿين ٿا.

يو هلندو. رات جو اڌ پهر سڀ اُپرنٽ ۾ پيو هوندو ته
ٿي وڃي سمهڻ ڪندا. پاڻ هاسارام ڳالهه ٿو ڪري ته
ڪ رات جو اڌ پهر مس لڳا هئا ته سنتن کي پنهنجي
ستري تي وٺي ڏنائين ۽ پڇڻ لڳي ته ڪا تڪليف سمجهو
ڇا ته ڪنهن جواب ۾ چيائون:
"ته ڪا تڪليف ڪانه آهي. وهاري ٿو ته وهون ٿا."
شڪ جوڳي جوڳ ڪمائي ويا، پنهنجو پاڻ لڪائي ويا.

ا- آنتم ياترا -

چوندا آهن، ميلو متو ڇڏجي، پر ڪنهن ٿي ڄاتو ته
هڙ و دلبر سنت ائين چپ چاپ وڃڻون پاڻ کسڪائي هليو
ندو. ڪجهه اشارا ته پاڻ اڳ ئي پي ڏنائون پر اهڙي
ڇڏا رچيائون جو سمجهڻ سالڪ ته هي سڀ اشارا پاڇي
يا. شايد اهو ئي خيال هون ته انتم گهڙيون پنهنجي
ڇي سنگون سان روح رهاڻ ۾ گذاريون ۽ وچ ۾ ڪا
ڪتاڻ نه ستائي. اهو ئي شايد سبب هو جو پڇاڙيءَ جا
ڪجهه ڏينهن باباجن دربار واري جڳهه ڇڏي پنهنجي پريتم
اري ستگورن جي سماڌ جي ڀر ۾ ڏيرو ڪيو. پر مهنا
فيبروري ١٩٨٤ ۾ وڏن باباجن جي جنم اُتسو تي ڪين
ڳي تڪليف ٿي هئي. ان وقت راڄچند ٽاسياڻيءَ،
و، متو واڌ واڻي وارن سان گڏجي سنتن جي درشن لاءِ
واڙا آيل هو. راڄچند ٻڌائي ٿو ته باباجن ٻاڦون اکريءَ مان
چن ورتو ته ائين آيو، "نوٽ ٻڌن." وڏا باباجن پڻ
ڏهن سرپر ڇڏڻ کان اڳ ڪراچيءَ ٿي ويا ۽ ڏنڊڻ
ري پاڻ پڇي پئي ته پائي لولي کي اُهي اکر چيائون؛
نوٽ ٻڌن." چون ٿا ته ١٥ ڏينهن اڳ هري مندر جي
ران ڏٺي ڏي نهاري (جتي گيارس جو ميلو لڳائيندا
) اشارو ڪري پڇيائون ته هت جيڪڏهن ڪنهن

جڳهہ ڀريو پرماتما پنهنجي ٻل سان جيون جي مٿي لئي همٿ رکي رهيو آهي. صبوح جو اُٿڻ سان آسا دي وار جپجي صاحب ۽ سکمني صاحب جو پاٺ ڪرڻ، شام جو رهراس صاحب ۽ رات جو ڪيرتن سوهلي جو جاپ ڪري آرامي ٿيڻ جي هدايت ڪندا هئا. ڪو سرير جي دک جي شڪايت ڪندو هو ته کيس گروءَ جو وچن:

” گر دک ڪاٽيا ديو دان، سڦل جنم جيون پروان “
ڏيئي آٿت ڏيندا هئا. ٻيا خاص شبد جي ڪمت ڪرڻ لاءِ چوندا هئا جيئن دک ويجهو ئي نه اچي سي هئا:

(۱) ” ستگر آئيو ممه شرن تهاري
ملي سوک نام هر سوڀا، چنتا لاهه هماري .... “

(۲) ٽالي واءِ نه لاڳئي پار برهم شرنائي
چوگرد هماري رام ڪار دک لڳي نه ڀائي .... “

(۳) ” گر ڪا شبد رکواري، چؤڪي چوگرد هماري
رام نام من لاڳا، جم لجاءِ ڪر ڀاڳا .... “

ڪاهه مسافري ڪرڻ کان اڳ هيٺيون شبد ضرور اُچاريندا ۽ سڀني ٻرهمڻن کي به ائين ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا جئن سفر سؤکو ٿئي:

گهر ٻاهر تيرا ڀروسا تون جنڪي هڻن سنگ
ڪر ڪرپا پريتم پرڀ اپني نام ججهه هر رنگ
جن ڪنه پرڀ اپني ڪي تاڻ
جو تون ڪرهه ڪراوهه سڀائي سا مصلحت پرواڻ
پت پرميشور گت ناراڻ، ڌن گوپال گڻ ساکي
چرن شرن نانڪ داس هر هر سنتي لاهه ٻڌ جالي .

ايڪانت ۾ سڀدن مڪ ۾ هر وقت گروائي جو سمرن

تپاس ڪري علاج چالو ڪيائين. مون ڊاڪٽر کان ورجائي
پڇيو ته حالت ڪهڙي آهي؟ جواب ۾ چيائين ته اهڙي
چنتا جي ڳالهه ڪانهي. اڄ ٢١ فيبروريءَ تي تڪليف ٿي
هين ته ان وقت ڊاڪٽر آڪسيجن ڏني هئي. اها ڳالهه
کولي ٻڌڻ تي چيائين ته اهڙي ڪا ضرورت ڪانهي.
علاج ذيل هدايت موجب ڊاڪٽر موهن ٿانواڻيءَ شروع ڪيو.
اهو سڄو ڏينهن پوڄ سوامي جن ساڳي حالت ۾ رهيا. ڪابه
شڪايت مک سان ڪين ڪيائون. ائين چئجي ته سماڌي
ورتي هئائون ۽ پنهنجي ستگورن جي ڌيان ۾ مگن هئا.
شام جو ساڍي ٧ بجي وري ساڳيو ڊاڪٽر سالومن ڏسڻ
آيو ۽ تپاس بعد ضروري هدايت ڏئي واپس ويو. تڏهن
به ڪو اشارو ڪين ڏنائين ته اسانجا سڀ باقي ٿورن منٽن
جا مهمان آهن. اٺ ٿيڻ وارا هئا ته اوچتو سندن نبض
ڍلي ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر ڏانهن ماڻهو ڊوڙيو. جڏهن
سوا اٺين بجي ڌاري ڊاڪٽر آيو ته راءِ ڏنائين ته پکيئڙو
پڃري مان پرواز ڪري ويو آهي. اهڙي حالت ۾ ٻه مک
ڀڪنڊڙ هون. قدرت سان بابا گنگارام ۽ ڀائي هنسراج
جاود مان پوڄ ڀائي اوڏي مهل اچي سهڙيا نه ته ٻئي
ڏينهن اچڻ جو ويچار هون. اوچتو هيءُ درشن ڏسي
دنگ رهجي ويا ۽ ٻارن جيان ٻاڪارڻ لڳا. پيغل پڙهين
ڪين شانت ڏني. بابا گنگارام جن دل ڏاڍي ڪري پنهنجي
جوابداري سمجهي پاڻ سنڀاليو." چيو اٿن ته:

"سنت مئي ڪيا روئيئي، جو اپني گهر جاءِ."

سو سنت سدائين امر آهن. هو سنسار ۾ پنهنجي مرضيءَ
انوسار اچن ٿا ۽ پنهنجو ڪارج پورو ڪري پنهنجي اصلوڪي
وطن واپس ورن ٿا.

مهاپرش جو اوچتو سرڳو ٿيڻ وڃي تنهن باغ ۾ اگڏي
سنسڪار ڪرائڻ ۾ ڪا قانوني اَڙچڻ نه ڪانه ايندي.
ڪنهن پرڏيهيءَ وراڻيو ته رڳو ميونسپالٽيءَ کان اجازت
وٺڻي پوندي. تنهن ته ڪنهن کي اهڙا پرون ڪونه پيا.
صرف ٻه ڏينهن اڳ، اُن جڳهه جي صفائي ڪرائي ويئي
پارائي ڇڏيو هئائون. بابا گنگارام ۽ ڀائي هسارام جاوِد
پاڻ رکڻ لاءِ ويا هئا ۽ راجا رام اُتان ڏينهن ٽي
اڳ موٽيو هو، سو گهڻو ڪٽو ڀائي ميارام سندن شيوا ۾ هو.
اهڙيءَ ريت پاڻڪي بلڪل تيار ڪري ڇڏيو هئائون.
هڪ ٻنهي جي سنگورن ۾ ٿي ورتي لڳل رهندي هئي.
آخرين ڏينهن يعني ۲۱ اپريل ۱۹۸۴ جو درد ڀريو داستان
ڀائي هاسارام هن ريت ٿو ڪري:

”اُن ڏينهن باباجن کي جاوِد ڊاڪٽر واسومل وٽ
پوڻي ٻائڻ لاءِ ويٺو هو. جاوِد ڀيلواڙي کان اٽڪل سوا سؤ
ڪلوميٽرن جي دوريءَ تي آهي، سو صبوح جو ڇهين
ٻجي اُسهڻ جو ويچار هون. مان ڪين ڪار ۾ وهارڻ لاءِ
وارد ٿيو هوس. هٿ ٻڌي سندن آڳيا لاءِ وينتي ڪيم
ته آڪيائون: ”اسانجي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت پئي
آهي؟ ٻه ڇٽا اُتي اڳيئي ويٺا آهن.“ ڀائي ميارام جو
سندن شيوا ۾ هو تنهن اڳيئي ٻڌايو هو ته رات جو پورو
آرام ڪونه ڪيو اٿن. سو نمرتا سان وراڻيم: ”هاڻو سائين؛
خاص ضرورت نه ڪانهي آهي. آڳيا ڏيو ته ڊاڪٽر کي
سڏايون.“ جواب ڪونه ڏنائون ۽ شانت ۾ رهيا. ڪجهه
جهڪائي ٻاهر اچي ڊاڪٽر سالومن جو ڀيلواڙي جو چيف
ميڊيڪل آفيسر هو، تنهن کي سنت ٽي گهرائڻ جو پڪو ٻڌ
ڪيم. ڊاڪٽر ستين ٻجي ڌاري اچي پهتو ۽ چڱيءَ طرح

پوڄ بابا شيوارام صاحب جن جو پوتر سماڌي مندر،
جنهن جو اُدگهاٽن تاريخ ٧ جولاءِ ١٩٨٦
تي ڪيو ويندو.



اوم نمه شواء

نمو نمو بابا شيوارام، جا مهما شو سمانا
شو شنڪر ڀولي ڀنڊاري، مهش روپ ڌر آئيا،
اس ڌرتي پي جوڳي آڪي اپنا سيس نوايا،
ڀڳتن ماڻڪي سڀ ڪڇ پائيا، اپنا دک مٽائيا.

خبر پوڻ تي سڄي شهر ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي ۽ ٻئي ڏينهن تي هڙتال ٿي. پيپاواڙي جي رهواسين جي دلين ۾ باباڄي اهڙو ته گهر ڪري ويا هئا جو انهن ٿي سمجهيائون ته پنهنجي جگر جو لعل وڃايو هئائون. هرهڪ پريميءَ ۽ درشن ابلاشيءَ کي سندن انتم درشن جو موقعو ڏيڻ لاءِ سندن وڃان ٽئين ڏينهن تاريخ ٢٣ اپريل سومر تي سڄي شهر مان گهمائي باغ ۾ سماڌين جي اڳيان سندن اڇا انوسار متي ذڪر ڪيل ٿلهي تي اگني سنسڪار ڪرڻ جو وچار ڪيو ويو. راجستان جو چيف منسٽر شو چرڻ ماٿر ۽ ههڙي مهان سنت جي چالاڻي جو ٻڌي ٻيا سڀ پروگرام رد ڪري انتم درشن لاءِ آيو پهتو. ارٿيءَ کي ڏوليءَ ۾ سانڍي اهولي ۾ وهاري ڪڍيائون جنهن اهوڻي ۾ سماڌي ورتي هيائون. جيئن ٿي ڏولي باغ مان ڪڍي ايئن ٿي سڄي شهر جا ماڻهو شامل ٿيندا ويا. ٻار ٻڍا، ننڍا وڏا سڀ اکين مان آب اڇي، گلال اڏائيندا اڳتي وڌندا رهيا ته ان جو هڪ وشال ماڻهن جو سمندر ٺهجي پيو. هيءُ دل ڇهائيندڙ درشيه ڏسڻ وٽان هو ۽ سڀئي هيءَ ڌن ڳائيندا ٿي هليا:

” رگهوپتي راگهو راجا رام پتت پاون سيتارام
امر رهي بابا شيوارام.“

جلوس شهر مان ڦري باغ وٽ پهتو جتي نشچيه ڪيل استان تي سندن ارٿي چکيا تي رکي وئي. ڌسندي ڌسندي هڪ مهان هستيءَ جي پنڄن تتون جو پتلو اگنيءَ ۾ گپت ٿي ويو ۽ سندن آتما پرم پتا پرميشور سان لين ٿي وئي. هينئر اتي هڪ نهايت ئي سندر سماڌي ٺهي آهي. هيءُ سڄو درشيه هڪ وڏو ڪشيت تي اٿاريل آهي ۽ ڏسڻ سان دلين ۾ دبيل درد اڀري ٿو اچي ۽ اکين مان

آ جهل ڳوڙها ڳڙيو پون. درد ڀري دل کي سمجهائڻ لاءِ
ڇا ڪائي دوا ڪنهن ڳولهي ڪانهِ آهي. هيڙي لعلن جي
لعل لاءِ جيڪر ائين چئجي:

سنت نه هيڙو دل گهريو دلبر ڪٿي نه ڏٺ،
هو رنگ انسو لاڳو، جئسو رنگ مجيٺ
شيوا ۽ هو پاڻ پچايو، جيئن ڪوري ۽ اڻت
سڀ سان نباهي پرهت، هليو اڳم ديش ڏانهن.

١٥- شوڪ اظهار -

انيڪ پريمين ڪالسواءِ ڪيترن سنستائن ۽ دربارن
پيغمون ڪري باباجن جي اوچتو برهملين ٿيڻ جي سماچار
ملڻ تي شوڪ جو اظهار ڪيو، هت ڪن چونڊ سنستائن ۽
دربارن جا شوڪ پتر ڏجن ٿا:

١. اکل ڀارتيه سنڌي سماج، اجمير

اکل ڀارتيه سنڌي سماج (رجسٽرڊ) اجمير جي هيءَ
ورڪنگ ميٽنگ، ڀيلواڙا ۽ بابا شيوارام جي سنساري چولي
ڇڏڻ تي دک ۽ شوڪ ظاهر ٿي ڪري.

جيتوڻيڪ سنت شرومڻي جي ڪڏهن مرتيو نه ٿيندي
هي، هو صرف هي سنساري چولو ڇڏيندا آهن ۽ برهملين
ٿيندا آهن نه ڪڏهن به. لوڪاچاري مطابق اسين بابا شيوارام
جي مرتيو تي دک ظاهر ڪندي پرم پتا پرماتما کي پرارٿنا
ڪريون ٿا هو اسانتي ديا ڪري اسان مان ٻين ڪيترن
بابا شيوارام جيان جيون کي سدگڻي بڻائڻ لاءِ پريرڻا
ڏي جيئن اسين سڀ سنڌس سڀيائن انوسار سنڌس
پرڪارنل راهه تي هلي پنهنجو جيون سڦلو ڪري سگهون.

٣٠. ٻوج سنڌي پنچات، ديولالي

شوڪ سيپا –

بابا سوامي شيوارام اُداسي بابا هربرام صاحب جي گدي پريا نواب شاهه (سنڌ) ۾ هئي. هنوقت گادي نشين سوامي بابا شيوارام جن هئا جن جو آستان ڀيلواڙا (راجستان) هري ڌام جي لالي پرسڌ آهي.

بابا شيوارام اُداسي ٢١-٤-٨٤ جولي جوت سمايا. جن جي اُرٿي تاريخ ٢٣-٤-٨٤ لي ٿي. هي سمت سنڌ هند ۾ ڪمائيءَ وارا ۽ مشهور هئا.

سندن رهڻي ڪهڻي تمام سادي. سيني سنتن ۾ پريم راجستان جي سيني سنڌي اُداسي سنتن جا پرڌان هئا. راجستان ۾ جتي به ڪو ٻاهر سنسار کان وڇڙي وڃي ۽ ڪوبه اُنم ڪارڻ تئي ته اُلي روبرو وڃي اُن ڪارڻ کي سهڻو ۽ سوڀياوان بڻائي پورو ڪندا هئا. دل جا پرط اُدار هئا.

ديولالي ڪئمپ ۾ ڪوي ڀهلاجراءِ جن سان به ڪافي سنديھ هين. مهراج جن جي جولي جوت سمائڻ کان پوءِ سي باباجي ٻاغ ۾ ورسيءَ لي ٻهڄن ڪيرتن لاءِ ايندا هئا. ن کان اڳ. به ديولاليءَ ۾ ڪيترا دفعا آيا هئا. سندن ريک شيوڪ اٿن.

بابا سوامي شيوارام جن جي جولي جوت سمائڻ ڪري همت ديولالي ۾ سيني سنتن ۽ ڀڳتن کي ڏاڍو دک ٿيو. اهڙو سمت وري اسان کي نه ملندو، جي عام جا ڀنڊارا ڀيا ڪرين. تنهن ڪري ديولالي ڪئمپ ۾ ڀڳتن، جهوليلعل مندر جي ميمبرن، سوامي ڪوي راج ڀهلاجراءِ جن جي

اکل ڀارتيه سنڌي سماج هن دک جي موقعي تي باباجن جي سڀني ششن سان دک ۾ هم شريڪ ٿي ٿئي.

نانڪرام اسراڻي — سوامي گيان رشي

پرڌان — پرچار منتري

آچاريه پريداس ڪنڊناڻي، مهامنتري

٢. ڀارتيه سنڌي سماج، اجمير

آدرڻيه بابا شيوارام جي سرڳواس ٿيڻ جي خبر پڙهي سڀني پريمين کي گهرو دک رسيو. سنڌي سماج جي هڪ مهان مورتي اوجهل ٿي وئي، روشني غائب ٿي وئي. مارگ درشن ۾ ڪيتري ئي کنتائي محسوس ٿيندي. مونکي هڪ دفعو بابا شيوارام جن سان رتلام کان بڙودا تائين گڏوگڏ سفر ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. رستي ۾ ساڻن گڏ نزديڪ رهڻ سان ڪيترو نه گيان ۽ سندن وچارن جو انڀؤ حاصل ٿيو. اهڙو موقعو هاڻ ملڻ مشڪل آهي.

مان ڀارتيه سنڌي سماج جي پرڌان جي حيثيت ۾ پنهنجن سڀني ساٿين طرفان گهڻو افسوس جو اظهار ٿو ڪريان. شال پرماتما سندن آتما کي شانتي بخشي ۽ پنهنجي چرڻن ۾ جوڳيه استان ڏئي، توهان ۽ اسان سڀني کي هيءَ صدمو سهڻ جي شڪتي پردان ڪري. پرماتما جو ڀاڻو صبر ۽ شانتي سان منظور ڪري پوڻو آهي. صبر ۽ شانتيءَ سان سندن سکيائن جو پالن ڪرڻو آهي.

هڪوار وري به اسانکي - ڀارتيه سنڌي سماج کي - پنهنجي دک ۾ شريڪ ڄاڻندا.

ايسر سنگهه ايبدي

پرڌان ڀارتيه سنڌي سماج، اجمير

آشيرواد اور مارگ درشن ملتا رهتا ٿا. باباجي کي ياد کو اتشوپط رکني کا ايڪ هي اپاي هي ڪه هم انکي آدرشون کي پرتي آستاوان رهتي هوئي دين دکيون کي سيوا مِ نرنتر لڳ رهين. يهي انکي پرتي هماري سچي شرڌانجلي هوگي.

پرڀشد باباجي کي دِونگت آتما کي چِر شانتي کي لئي اور هم سڀي کو انکي مارگ پر چلني کي پررڻا پردان کرني کي لئي ايشور سي پرارٿنا کرتي هيں.

ڀوَديه

مدن لعل اگروال

٥٠ هالاڏي دربار، سيان ويسٽ، بمبئي

گهڻي افسوس سان پوجيه سوامي مهنت صاحبن بابا شيوارام صاحب جي هن فاني دنيا مان چولي ڇڏڻ جو احوال ڪن پائرن کان مليو. ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان واقع کان ساڌ سنگت کي واقف ڪيو. شوڪ جي لهر لڳي وئي ٻر وڃارو انسان ڪري ڇاتو سگهي. ان وقت ساري سنگت اُداس گوروءَ اڳيان ڪئي.

سنت مهاتمائون پنهنجي اڇا سان انساني چولو پائي اچن ٿا ۽ اهو لاهين ٻه پنهنجي اڇا سان ٿا. شل اسان سڀني جي مٿان هميشه سندن ڪرپا جو هٿ رهندو اچي ۽ اسانجي پنهنجي ستگورن (بابا مهنت هريرام صاحب) وٽان ٿي رهنمائي ڪندا اچن.

دادار باباجن جي ساري سنگت کي ٻه ٻل طاقت ڏيندا جو هن وڇوڙي جو ڏک سهارو ڪري سگهن.

گادي نشين سوامي نارائڻ پرڪاش، بابا هرداسڱهه، ڀائي رامچند، ڀائي لوڪراج ۽ سڀني ڀائرن جو مون ڏيو، جنهن سنڌي پنچائت جي پريزيڊنٽ شري نيڪمداس ڪنارا ۽ سوامي نارائڻ پرڪاش جن بابا سوامي شيوارام جن جي جيون تي روشني وڌي ۽ هيئنون شوڪ پرستاو پاس ڪيو ويو.

هي ۽ ديولالي ڪئمپ جي سڀني رهواسين جو مون سوامي بابا شيوارام اُداسين جن جي جوتي جوت سمائڻ ڪري غم جو اظهار ٿو ڪري ۽ ڪين شرڌانجلي پيش ٿو ڪري.

نيڪمداس جگومل ڪنارا
پريزيڊنٽ پوج سنڌي پنچائت
ديولالي ڪئمپ

٤. وشو هندو پريشد

شاخ پيلواڙا،
تاريخ ٢٣-٤-١٩٨٤
مهوديه،

پوم پوجنيه سنت شرومڻي ١٠٠٨ شري بابا شيوارام داس جي مهراج ڪا نرواڻ هم سڀي ڪي لئي ايڪ بڙا آگهات هئه. يهه سهي هئه ڪ جو جنم ليتا هئه اُسي نرواڻ پراپت ڪرنا هي هوتا هئه. ليڪن جب بابا شيوارام داس جي جيسي پُنيه آتما سنسار سي جاتي هئن تو ايڪ پرڪار ڪي اُپوريه رِڪتتا ڇوڙ جاتي هئن جسي پورنا ساڌارڻ ورلي ڪي لئي سنڀوَ نهي هئه.

بابا شيوارام داس جي ڪيول ڀارت هي نهي ورنا وشو ڪي ايڪ وڀوتي ٿي. اُنڪي من م پيڙتون اور دُکيون ڪي لئي اپار ممتا ٿي. پرشد ڪو اُنڪا سدا

نہ آهن، انهن سنگ آهن، رهندا. سندن آتما پرڀوءَ جي چرڻن ڪملن ۾ پرم ڌام ۾ وڃي پهتي آهي، جتان اسانکي هردم سک جو سنيهو، آسيس ۽ ڪرپا موڪليندا رهندا.

سري گرو نانڪ سچکنڊ دربار، ملند ڪالوني طرفان هيءُ پاس ڪيل شوڪ پتر اوهان اڳيان پيش ڪيان ٿو. اوهان ۾ به انهيءَ جوت آهي. اها جوت سدائين جڳندي رهندي، آستان، سنگت ڏيرا سدائين قائم دائم رهندا، جتي پريمي پرم جو پيالو پي آتما جو آنند ونندا.

داس شيوارام

ملند ڪالوني سري گرو نانڪ سچکنڊ دربار

١٦- گادي اِستاپنا -

پوري ٻيرهين ڏينهن يعني ٥ مئي ١٩٨٤ باباجن جي بارهين جو ڪارج پوريءَ وڌيءَ ۽ هنون نڪيه سان ڪيو ويو. (سنتن مهنت پرشن جو بارهو ٻيرهين ڏينهن ٿيندو آهي.) اُهيءَ ساڳئي ڏينهن گادي اِستاپنا پڻ ڪئي وئي. بابا گنگارام صاحب جن گدي نشين ٿيا. ٽن بالڪن پرٿوي، هرنام ۽ جگديش کي اداسين ڀيک ۾ آڻي سندن نالا مٽائي پرٿوي هنسرام، پرانِي ميارام ۽ پرانِي راجارام رکيا ويا. هن گاديءَ جو حقدار ٿيڻ ۾ ڪا اُرچڻ پيش ڪانہ آئي. رواجي طرح نہ سمادي ونڊڻ گدينشين اَنتم سمي ۾ پنهنجي حقدار جي پترائي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان کي گرو پائي بخشي، ڪيس مٿو ٽيڪي جوت ۾ جوت سمائيندو آهي. پر باباجن اَنتم گهڙيءَ تائين اهڙو ڪو به اشارو ڪو نہ ڏنو هو. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪي چيلا ڀيک ۾ آيل هوندا آهن، اُنهن مان ئي ڪنهن هڪ کي ٽڪيو ويندو آهي. اُن وقت صرف

هن داس جو سندن چرڻن ۾ هروار نمسڪار آهي هوندو
هو ۽ رهندو ايندو.

داس سندر مورجاڻي
هالاڻي دربار ۾ سيان

٦. سري گرو نانڪ سچکنڊ دربار،
ملند ڪالوني، بمبئي

.... پوڄيه بابا صاحب شيوارام جي چولي ڇڏڻ جو ٻڌي سڄي ڪالوني ۾ شوڪ جي لهر ڦهلجي وئي. سڀني جي اکين ۾ آنسون ۽ دک هو ته اهڙا اسان جا پيارا ڪلندڙ، من کي موهيندڙ، آتما کي آنند ڏيندڙ، ستسنگ جا سرمور، پرُاپڪاري، سداچار...، برهم گياني، برهم نيشٽ، غريبن جا رکواري، سداچاري، اشڪامي، جن جي درشن ڪرڻ سان دل ۽ دماغ کي راحت اچي، ستسنگ ٻڌڻ سان آتما آنند اچي. اڄ وڃڙي وڃي سڄي پرم ڌام ۾ پرويش ڪيو ائن. اهڙا سچا سنت ڪڏهين به نه وسرندا، سدا ياد رهندا سندن مٺڙا مٺڙا وچن. سکدائڪ سکيائون، گرو واڻي ۽ ڀڳتن جا پرسنگ اڄ به ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن. هو ٻراٻر سرٻرڪ ڪري اسان کي ڏسڻ ۾ نٿا اچن پر جڏهن به سندن ياد اچي ٿي ته جڻ ساکيات براجمان آهن. جڻ ته سندن ستسنگ ۾ پيا ري رڌن پنجواڻي جي گهر ۾ ويٺا آهيون. هنجي گڻن، گيان، ستسنگ، سداچار ۽ پرُاپڪار جي جيتري ساراهه ڪجي اوتري ٿوري آهي. اوهان ۽ اسانجي مٿان سندن مهر ميا ۽ ديا جو هٿ هميشهه رهندو. سدائين ٻچڙن اچڙن جي مٿان آسيس ڪندا رهندا. اوهان ۽ اسان لاءِ هيءَ جدائي ڀاري پهاڙ آهي مگر سنت اسان وٽان ويا



"هري روپ"
بابا هريرام صاحب اُداسين


ٻاٻا گنگارام جن ٻئي ٻيڪ ۾ آهل هئا. ٻاٻاڻن جو ڀائي گنگارام سان ڪافي اڳاٽ هو. جيڏانهن ٻه ويندا هئا، ڏيس ٻوڙي ٻرديس ۾. ڪين ٻاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا ۽ ڪين گوڙ واٽيءَ خواه ٻئي ٻهڻ ڪيرڻ ڪرڻ ۽ اِستان جي ساري ڪارڻ سنڀالڻ جو ڪافي تجربو هو. سو اهي سڀ ڳالهيون ويچاري اُداسين ٻيڪ معتبل ۽ سيٺي ٻرهمڻ ٻڪراءِ ٻاٻا گنگارام جن کي گاديءَ تي وهاري چادر چاڙهي. دولت صاحب ٻهراڻڻ جي رسم ڏوم ڏام سان ستسنگ هال ۾ ادا ڪئي وئي. سچو هال جئه ٻاٻا گنگارام جي ڏُنيءَ سان گونجي اٿيو.

اڪ نـدي کي دو ڪناري،
اڪ ٻاٻا شيوارام دوجا ٻاٻا هريرام
ٻيچ ۾ ٻهتي گنگا ڌارا،
جئه ٻولو جئه ٻاٻا گنگارام.

هاڻي دربار صاحب ۾ ستسنگ جي سمايت ٿيڻ کان اڳ هيٺين ڏُني لڳندي آهي:

ٻاٻا هريرام ٻاٻا شيوارام
ٻاٻا شيوارام ٻاٻا هريرام
شِوُ روپ ٻاٻا شيوارام
هري روپ ٻاٻا هري رام

ٻاٻا شيوارام جن هئا ٻه سچا شِوُ سروپ. هڪ ٻاسي ٻولا ڀنڊاري - ٻرڪس جا ٻادل وسائڻ وارا ۽ ٻئي طرف سنگهار ڪرڻ وارا ۽ سنگهار ڪيائون ڪامني ڪنچن جي گهور دشمن کي جو گهٽڻ درويشن کي ڏولائيمان ڪندو رهندو آهي. ڪنهن ٻه ماڻا کي سندن حاضريءَ ۾ ضرورت



”شوَ روپ“

بابا شيوارام صاحب اُداسين

کان وڌيڪ ورڻ جي همت نه ٿيندي هُئي. آسپاس ورتي
دک جو حل ملهو ۾ هئي. ڪيڏا نه لاطمع ۽ نشڪامي هُئا
اسان جا باباجن. پهاڙيءَ ۾ وڏن سنتن جي آرتيءَ ڪانپوءِ
هيءَ آرتي ڳائبي آهي:

آرتي

اوم جيءِ ستگرو بابا - سوامي جيءِ ستگرو بابا
شيوارام سمت اُداسي، دانين ۾ داتا - اوم جيءِ

١- هردي روپي ٿالهه بڻائي - پريم جو تيل وجهي
جگ مگ جگ مگ جوت جڳائي - آرتي ڪيون تنهنجي
اوم جيءِ

٢- پريا چڙهي پهلواڙي آيا - ڏاهيو گر دربار
ستگرو بابا هريرام هُئا - ساڪي سرجڻهار - اوم جيءِ

٣- شيوا ڀڳتي ڪري گرن جي، جاڻ اها جاڻو
سرب نواسي سدا اڪيلا - پرڀوءَ ڪي ڀاڻو - اوم جيءِ

٤- سرڌون گرمون سيڙڻي سهاري شيوا ڪئو سهي
شيوادان شيوارام ڀڻي ويا - مالڪ مهر ڪئي - اوم جيءِ

٥- مک ۾ ٻاڻي هاج هٿن سان، سڀ جو ڪيو ڪاڄ
باڇهن ڪي ڏيئي پٽڙا - نرڌن ڪيو ڌنوان - اوم جيءِ

٦- رڌين سڌين جا مالڪ - گيان جا پورل ڀنڊار
سنتن ۾ سونهارا قدرت جا ڪرتار - اوم جيءِ

٧- نام جو دان ڏيو بابا - گيان ڌيان شان مان
پرم پرک اڀناسي - گهرون اهو وردان - اوم جيءِ

٨- سڪ مان سرڙو لمائي - ڪيون اها اَرداس
شرن ۾ رکجو بابا - چرنن جو ڪري داس - اوم جيءِ

ڀاڱو ٻيو

وديشي ياترائون -

(ڪماري ٽاسي نوناڻي ديوان ڦيمتراءِ جي سپتري ۽
پياري سچل، جو امريڪا ۾ رهندڙ آهي، تنهنجي پيڻ
ٿئي. باباڄن جي پهرين وديشي ياترا ۾ پاڻ سچل جو وڏو
هٿ هو. ٻالڪ اوستا ۾ پاڻ سچل تي وڏن سنتن جي
ڪيڏي مهر ٿيل هئي تنهن جو وستار "سنمک منهنجا
سپرين" ۾ ڪيل آهي. سندس ڌرمپتني اِندو به باباڄن جي
پريمي ڪٽنب مان آهي. انهي باباڄن تي زور رکيو ته
امريڪا اچي سندن گهر ۾ چرڻ گهمائين. سياوڪ سچل
پنهنجي ان پيترن ٽاسي ۽ روشن ۽ پيٽوئي منو واڌوائي
ڪئي پڻ باباڄن سان گڏجي اچڻ لاءِ آگرهه ڪيو. پوءِ ته
باباڄن جي ٻين ۽ ٽين ياترا ۾ به اهي موڙتون شامل هيون.
هتي باباڄن جي ٻين ياترا جو سلسليوار سماچار ڪماري
ٽاسي جو قاصد ڪيل ڏجي ٿو.)

پينسلوانيا، فلاڊلفيا

١٩٧٩-٩-٢٦

هن ڏينهن منهنجي پاڻ سڃو - اِندرا جي گهر ۾ ستسنگ
ٿيو. اسانجي پتا ديوان ڦيمتراءِ جي ورسيءَ جو شبُ ڏينهن
هو. رواجي طرح باباڄن اُن ڏينهن لي ٻڙودا پڌاريا آهن
رکيل پاڻ صاحب جو پاٺ اچي پوءِ پائيندا آهن. اڄ پاڻ
ڇو ڪي اهو شبُ ڏينهن ملهائڻ جو شرف مليو. پنهنجن
ٿي ٻرنتوان کي لينڊ ڏني هئائين. ڪيئي امريڪن ۽

سلوڪ

”سري سنت بابا شيوارام کو سمري جو انسان
ڌن پتر اور لڇمي دي اسکو ڀڳوان .
سري سنت بابا هرنرام کو وندئون وار وار
جاس نام پرتاپ تي منت هٿ پاپ پهاڙ.“

اهي آهن ڪي جهلڪون باباڻن جي جيون، سکيا ۽ سندن پوڄ استان هري شيوادام ۾ هلندڙ ڪارج جون. سچ ته اڪٿ آهي سندن ڪٿا جنهن جي ڪا حد ٿي نٿي سگهي. هتي ڪمل پياسي جي وڏن سنتن جي صفت ۾ رچيل ڪوتا جا هي شبد بيشڪ دهرائڻ جوڳا آهن:

”جو جمنا جو جهرڻو هو ۽ گنگا جو هو پاڻي
ڪيئن چوان تنهن رشي راج جي پوري ٿي آکاڻي.“

ڪشن واڌواڻي
نيو راجيندر نگر،
دهلي.

مچيگان، ڊيٽرائيٽ
٦-١٠-١٩٧٩

اُن ڏينهن ٻاءِ لکي مالڪاڻي جي گهر ستسنگ ٿيو. وڏي شرڌا سان ٻئي لکو ۽ سندس ڌرمپتني پارو هڪ ماهي وانگر ڪٽي سنتن کي وٺڻ آيا هئا. گهڻيئي ٻرهمي ۽ پاڻ سان وٺي مچيگان هليو. سڄي واٽ ڳائيندا وڄائيندا وياسين. رات رستي ۾ آيل ڪليولئنڊ ۾ ٻال ڪاڻي ڪرمچنداڻي وٽ وشرام ڪيوسين ۽ ٻئي ڏينهن ٿي مچيگان پهتاسين. واٽ تي ٻاءِ هاسارام ڪيولراماڻي جا ڏيءُ ڏاڻي ويئنا ڏارائڻ ۽ موهن جوٽي ڪرمچنداڻي به گڏيا.

ستسنگ هيٺين شبد سان آرنڀ ٿيو:

آوهه سڄڻا، هڪ ڏيکا ڏرسن تيرا رام
گهر آپڻڙي کڙي اڪان، مڪ من چاءُ گهڻيرا رام.

ڪٿا چنڊ جي ڪيائون ته جيئن ٻيج جو چندرما ڏينهن پوءِ ڏينهن وڌندو ٿو رهي تيئن گرمک جي پريت به گروءَ سان وڌندي ٿي رهي. گرمک گروءَ سان ائين ملي ٿو وڃي جيئن کير ۾ کنڊ. منمک جي پريت ٿيندي آهي سنڌر چنڊ جيان جو ڏينهن پوءِ ڏينهن ڇڻندو رهي ٿو جيئن ڇاڻيءَ ۾ پاڻي.

ٽورانٽو، ڪئناڊا
١٠-١٠-١٩٧٩

گوپال ۽ نانڪي ڪرلا ٽورانٽو مان لکي مانڪاڻي وٽ مني سائينءَ کي مڃائڻ آيا. انڪل ١٧ ڄڻا ٽورنٽو جي پاڻرا لاءِ روانا ٿياسين. گوپال ڪرلا پنهنجي ماڻا انهيءَ پاڻيءَ جي لاءِ ستسنگ ڪرايو جو گرو گرنٿ صاحب جي هيٺين شبد

هندوستاني ڪٽنب اچي ڪٺا ٿيا. سڀني جو خاص پريمي لکو مانڪاڻي ۽ مڇيگان مان آيل هو. هيٺين وچن سان باباجن ڏاڍي قرب مان ستسنگ شروع ڪيو:

گھول گھمائي لالنا، گر من دينارام
سڻ شبد تمهارا، ميرا من پتيارام

آرت ڪري پڙهائون: مان پنهنجي لالڻ - مالڪ تان سر گھوري ڇڏيان. پنهنجو من گروءَ کي ارپڻ ڪري ڇڏيان. سڀني شبد پڙهي منهنجو من پڪي پيو آهي.

پوءِ شيوا تي پرسنگ هليو:

شيوا ڪري، ڪري وت مالش جنم سڄايو ري
مالش جنم سڄايو، انهن نه ڪر اجايو ري

پاڻي لهڻي گرو نانڪ صاحب جي شيوا ڪئي ۽ گرو انگد جي ناني سان پرسن ٿيو. گرو رامداس گرو امرداس جن جي شيوا ڪئي. ماتا پاڻيءَ ڀري گرو امرداس جن جي سماڌيءَ وقت منجهيءَ کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ جهلي بيٺي نه جئن سماڌيءَ ۾ ڀنگ نه پوي. صاحب به خوش ٿي ڪيس ور ڏنو ته گور گوريائي گھر اندر رهندي ۽ سندس پٽيءَ (گرو رامداس) جي عمر وڏي ٿيندي. مطلب ته شيوا جو گڻ انسان کي ڪٿي جو ڪٿي ٿو پهچائي.

سچوءَ کي پيو پٽ روي جائو هو، پوءِ ان کي لولي ڏنائون:

پالي ڪري آهو، روي پاڻي ڪري آهو

ننڍڙي رويءَ کي ڏاڍو مزو آيو ۽ بود ۾ اچي اٿڻ لڳو. پوءِ ته ساري سنگت ۽ اميراڪن جوڙا به اٿڻ نچڻ لڳا ۽ ڏاڍي موج لڳي وئي.

ڪافي دير سان مچيگان لاءِ روانا ٿياسين.

چڪاگو - اليونس.

٢٠-١٠-١٩٧٩

موهن ۽ جوتي ڪرمچنداڻي جي چڪاگو ۾ رهن ٿا، تازو هندستان آيا هئا ۽ باباجن کي وٺي ڪئي هئائون ته. هاڻي وڏو گهر ورتو اٿن ۽ وٽن چڪاگو ۾ اچي چرن گهمائن. موهن جڏهن وري ڪين مچيگان وٺندي گڏيو هو ته ساڳي وينتي دهرايائين جا مٺي سائينءَ قبول ڪئي هئي. سو صبوح جو ئي چڪاگو لاءِ روانا ٿياسين. واٽ تي ڪلامازُو ۾ گنگو ۽ ڪلان ڪرپالاڻي وٽ رسوئي ڪري آرام ڪيوسين. ڪلان جا سنگيت جي سٺي ڪلاڪار آهي پنهنجي ڪلامن سان اسانکي چڱو وندرايو. مٺو واڌواڻي به شبد ڳايو:

هم سنتن کي رين پياري، هم سنتن کي شرنا.

شام جي ٤ بجي روانا ٿياسون ۽ چڪاگو رات جي ١١ بجي پهتاسين، جا ڏياريءَ جي رات هئي. موهن چڪاگو سنڌي ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ آهي. چڪاگو جي خاص هال ۾ ڪيرتن جو بندوبست رکيو هئائين. مٺي سائينءَ هيٺين شبد سان ڪيرتن جي شروعات ڪئي:

گائو ري گائو دلهنيا منگلاچار
ميري گهر آئي راجا رام پيار

وري موهن جي گهر ۾ به ستسنگ ٿيو. شروعاتي شبد هو:

موهن لالا درشن تيرو لال
تمهاري درشن اوپر وار وار

* ڪٿا موهن ۽ انل باباجي هاڻي. شبد ڳائيندي موهن

* هيءَ ڪٿا هن پستڪ جي ڪٿائن واري وڀاڳ ۾ ڏنل آهي. ڏسو صفحو ٦٠.

سان شروع ٿيو :

جُس سمرت سَپ ڪِل وِک ناسهِ، ٻتري هوءِ اڌارو
سو هر هر نام سد هي جاپهُه، جا ڪا انت نه پارو
پوتا ماتا کي آسيس، نمک نه بسرو تم ڪڏهن هر هر
سدا ڀجهه جڳديس (اڪ رهاءُ)

ٽورنٽو ۾ نائگرا فالس لاشڪ ڏسڻ وٽان هئا. ڇا ته قدرت جو دلڪش نظارو هو. اسان ٻه ٻرساتي ڪوٽ پائي لانچ ۾ چڙهي جهرٽي جي نزديڪ وياسين جتي جهرٽي جون بوندون برسات وانگر ورڪا ڪري عجيب راحت ڏيڻ لڳيون ۽ دلين ۾ امنگ اُٿيو: ڪاش! اسان ۾ به جيڪر پنهنجي مالڪ سان ملڻ لاءِ اهڙي ڪشش اچي جهڙي هن جهرٽي کي هٿي پنهنجي اصلوڪي روپ سان ملڻ جي.

بيلو ٺيٽ، وسڪانسن
١٩٧٩-١٠-١٩

هتي وشو (ونيتا) نارائڻ ڪيولراماڻي رهندا آهن جي مچيگان ونڊي ۾ ٿي سائينءَ کي گڏجي ملائي ويا هئا. وشو جنهن جو ساهرو نالو ونيتا آهي بيشڪ پريم جي پتلي آهي. مٿي سائينءَ جي آجيان ۾ وسان کين گهڻائين. انيڪ پرڪارن جا ڀوڄن تيار ڪيائين ۽ مٿان پنهنجي باغ ۾ پوکيل پپيتا ڪاراڻائين جي ڏاڍا مٺا هئا ۽ مٿي سائينءَ ڏاڍي پريم سان کاڌا. اڳئين ڏينهن ١٨ آڪٽوبر وشو نارائڻ جي شاديءَ جو ڏينهن هو ۽ انڪان اڳ ١٦ ۽ ١٧ آڪٽوبر سندن ڪکي اٺي ۽ دادا هاسارام جا جنم ڏينهن هئا. مٿي سائين جوڙي ۽ ٻچڙيءَ کي آسيس ڪئي ۽ دادا اله ۾ پريم ڀري آسيس ڪيائون. ساڳيءَ رات

رام جي ٻئي ڪمري ۾ ان جي ڀاڄائي پولم ڪرناٽي ڏاڍي پريم سان شيوا ڪئي. صبوح جو آسا ديوار به ڪيائون جنهن جو آرنڀ هن شبد سان ٿيو:

گرهه ڏکايو لوٿڻا
الهه الهه، گهٽ گهٽ، تون ئي تون موهڙا

شام جو مهڇي پيرڻ ٻٽو ليلو پشو ځو ٻهڻداٽي جي باسٽن ۾ رهندا آهن سي وٺڻ لاءِ آيا.

باسٽن - مساچوسيٽس
١٩٧٩-١١-١٠

پيرڻ ليلان ۽ سندس گهوٽ پشو ځو ٻهڻداٽي ٻئي سنڌ جا اُٿي شرڻارٿو آهن. سُکا ڪئي هئائون ته گرين ڪارڊ ملندو ته سري اکنڊ پاٺ صاحب رکائينداسين. سو مٺي سائين سندن اها سُکا پوري ڪئي. پاٺ صاحب جو آرنڀ هن شبد سان ٿيو:

ٺاڪر آيو آه، اپني ڀڳت ابار

روزانو نيم سان آساديوار ۽ آرتي ٿيندي هئي. سومر ڏينهن پوڄ پاٺ ويو. پاڄن سان اهو موڪل جو ڏينهن هو. ڪافي سنگت، جنهن ۾ ڪي آمريڪن جوڙا به هئا، آيل هئي. مٺي سائينءَ پوڄ جي سماپتيءَ کانپوءِ لاڏا به ڳايا:

لاڏا چو نه ڳايان، ڦيرا ٻون چو نه پايان

بس پوءِ ته سڀئي اُٿي اهي لڇڻ ۽ ڳائڻ لڳا. ڏاڍي موج مچي وئي. باسٽن ۾ پيرڻ ليلان جي ساهيڙي سنگيتا جنهن جو گهوٽ نائڪ يو. پي. جو رهندڙ آهي، سنڌن جو ڪيرتن ٻڌي اهڙو موهت ٿي جو مٺي سائينءَ کي سندس گهر ۾ ڪيرتن ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيائين. وينتي قبول پئي.

جو ڳالهه وار وار ٻڌڻ سان سڀئي موهن وارا ٿي پيا.

ڊيٽرائيٽ، مشيگان

١٩٧٩-١٠-٢٢

اڄ چند جي ڏينهن وري اچي لکي پارو مالڪاڻي وارن وٽ ٽڪياسين. هت ٻه هفتا ڪن پروگرام هو. ٻنهي زال مڙس وڏا شردالو پريمي آهن ۽ گهر ۾ گروءَ جي سواري رکيل اٿن. شبد ڪيرتن ۾ متوس اٿن. نت نيم سان ستسنگ ڪندا رهندا آهن. چئن ڏينهن ٻاٻاڄن جو ستسنگ رکي اتي رهندڙ سڀني سنڌين کي ليهي ڏنائون. ستسنگ جو آرنڀ هيٺين شبد سان ٿيو:

پريت جي لون ميرا پران آڌاري
نمسڪار ڏنڊوت وندنا انيڪ بار جائون ٻلهاري

لکي مالڪاڻي وارن جي ڪافي سڃاڻپ آهي. ڪيترن ٻين سنڌين ٻه گورو پرڪاش ڪرائي پنهنجن گهرن ۾ ستسنگ ڪرايو، جن مان ڪن جا نالا هي آهن:

ڊاڪٽر مس پشپا، ڊاڪٽر ڀڳوان ميرچنداڻي، ڊاڪٽر پدو ڪرنا، پرڀتو هنگوراڻي ۽ پرتاب هيمراجاڻي.

نارواڪ ڪنيڪٽيڪٽ

١٩٧٩-١١-٨

هتي سائينءَ جو پريمي رام هرداسمل هنگوراڻي رهي ٿو ۽ هتي جي ميونسپل ڪائونسل جو ميمبر آهي. ٽي ڏينهن هن وٽ مٿي سائينءَ هيٺين شبد سان ڪيرتن شروع ڪيو:

ڪشمالا ڪر پڪاري، ٻُري ٻلي هم ٿاري
سنڌ پيهنتي ناڪر مري، جيئن جمت ليري ڏاري
راکو پنچ لام ابڌي ڪي ڪرن ڪراون هاري

سي هئا:

چندرو ۽ ملو هنگوراڻي، نيو جرسي

چندرو رام هنگوراڻي جو پاڻ ۽ ملو ڊاڪٽر خوشحالداس ماڪاڻي جي ڌيءُ ٿين. "گهر ايندو منهنجو نانڪ شاهه، هيڻن سان نڀندو همراهه"، شبد سان سنگت جي شروعات ڪري چڱي موج مچايائون.

هري هرپاڻي، فلاڊلفيا

ڪٿا نانڪيءَ جي هلي ته ڪيئن گرو نانڪ جن پنهنجي پيڻ جو سڏ اوناڻي سندس ڀيرون پڪل ڦلڪو اچي ورتايو:

"آيا تُنهي سنت سڀا، قول جا ناهن ڪچا".

خوشي مينا ڪرمچنداڻي، فلاڊلفيا

خوشي موهن ۽ لال ڪرمچنداڻي جو ننڍو پاڻ ٽئي. پرسنگ هليو ته ڪيئن گرو نانڪ جن ننڍي وهيءَ ۾ ئي سچ جو سودو ڪيو:

"مون سچ جو سودو ڪرايو آهه.
سنتنام وٽي گهر آيو آهه."

فلاڊلفيا - پينسلوينيا
٩-١٢-١٩٧٩

نيٺ وطن واپس ورڻ جو وقت اچي پهتو. مٺن سنگتن کان ودايس آني چڱو وقت ٿي ويو هو. ١٠-١٢-١٩٧٩ جون نڪتاسون ورثل هيون. آخرين سنگت جو پاڇو وري به پاڻ سچل کي ملو. ڪافي سنگت اچي ڪٺي ٿي. مٺن سنگتن به شبدن جي آها وڪا ڪٿي جو سڀني جي دل ڀار ڀار ٿي وئي. سچو الندرا "گرو

جڏهن سنگيتا نانڪ جي گهر ۾ ستسنگ ٿيو ته گرو ارجن ديو جن لئي پرسنگ هليو. ٻال اوستا ۾ ئي پنهنجي گورن جي مهما ۾ دل ڇهائيندڙ گيت رچيندا هئا ۽ گرو رامداس صاحب جن کيس ڏاڍو ڀانئيندا هئا. هڪ ڏينهن خوش ٿي کيس چيائون: "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي. چيائين ته توکي ماڻڪ لعل هائي گهوڙن سان ڀري ڇڏيون." پر هنن ڪجهه به گهرڻ کان نابري واري ۽ هڪ ئي وينتي ڪيائون ته شل سندن گورن سان پريت رهجي اچي.

اوها پريم پريان
ڪنڪ ماڻڪ گج موتي لعلن
نهه، نانهه، نهين

گرو رامداس چيو ته انهيءَ مان توکي ڇا ملندو ته جواب ڏنائون: "من جي لپت لهندي ۽ آخر ۾ پريان به ملندو." ٻال اوستا ۾ ئي ڪيڏي نه سندن منزل هئي.

ٻاسٽن ۾ رهندي، ڀاءُ رام هرداسمل هنگوراڻي جو فون آيو ته سندس ڀيڻ اندرا جي شادي ١٧ نومبر تي نيوبارڪ ۾ ٿيڻا آهن سو سنڌن کي وينتي ڪيائين ته انهيءَ شڀ موقع تي اچي جوڙي کي آسيس ڪن. شادي هڪ شاندار گردواري ۾ رکيل هئي ۽ هال دلفريب نموني سجايل هو. شادي وِڌِيءَ پوروڪ گرو گرنٿ صاحب جي اڳيان ٿي. ٻاباجن به ڪيرتن ڪيو ۽ سندن هن شبد سان گردواري ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي:

"خوب، خوب، خوب تيرا نام...."

مٿان جو وري لاڏا ڳاڻائون ته سڀيئي موج ۾ اچي لهڻ ۽ جهولڻ لڳا. سچو درشن ڏسڻ وٽان هو.

ٻيا پريمي جن کي ٻاباجن جي ستسنگ جو لاڀ مليو

شبد سنگيت جا مالڪ



بابا شيوارام صاحب اُداسين

آف انڊيا“ جي ناليءَ سان دوڪان کوليا آهن جن ۾ ٻاٻا هرنرام صاحب جن جا لٽ وارا فوٽا رکيا اٿن. ٻاٻاڄن ٻه دل کولي آسيس ڪين:

”دوڪان منهنجي دالا جو، منظور ٿئي وڃو
ديس اور پرديس ۾، مشهور ٿئي وڃو“

ستسنگ جي سماپتي هيٺين شبد سان ڪيائون:

”پيارا پريتم آيا جي، هتي ملڻ جي خاطر لاءِ
ولي، ڳلي ۽ گهمي ڦري، وڃون سڀاڻي ٻيءِ جاءِ“

سڀني ٻرهمڻن جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. چرڻن ۾ مستڪ رکي پريل دل سان آسيس گهريائون ۽ ٻاٻاڄن به سڀني ٿي آسيس جو هٿڙو گهمايو.

هري شيوا ڪنيا مهاوديالين،   ڪماري للسي نوناڻي
ٻڙودا.

شبد سنگيت جا مالڪ

باجي جو سُرُ آهستي وڌڻ لڳندو هو ۽ سندن
گرڻ جي جُنبش پائي اُڀرندي ۽ لسي ٿيندي ويندو هو.
ضا ۾ الوقت هڪ عجيب قسم جي ڪشش پيدا ٿيندي
ٿي. من جهومي اٿندو هو، ذهن ۾ چمڪاٽا اچي ويندي
ٿي ۽ ٻار ۽ جوانن سان گڏ وڏيءَ اوستا جا بزرگ
اُر ۽ پيغمبر ٻه نچڻ لڳندا هئا.

سچو وايو مندل سرن سان ائين گونججي اٿندو هو ڄڻڪ
هن سُرن ڪانسواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪو آواز ئي ڪونهي، ٻيو
ڪو ٽڪو ئي ڪونهي. سائينجن جي مکان نڪرندڙ
ٻدوائيءَ جو ساگر ڇوليون ماريندو رهي ٿو جيون جون
مو رڳون سُرتيون ڪيئن نه لرزنديون.

شبد سنگيت جو راڳ ٻڌندڙن کي گروائيءَ مان رس
وٺائي، وچ وچ ۾ نصيحت آميز ڪهاڻيون ٻڌائي،
سماج سڌاري لاءِ ڏجهيون هدايتون ڏئي. هو ٻڌندڙن
اڏول ٿو بڻائي، ڪين انترگت جو آنند ٿو وٺائي. آتمڪ
ستيءَ وچان ٻڌندڙ ڪٿي جو ڪٿي پهچي ٿا وڃن.
ڙيءَ طرح هڪ پل، ٻه پل، ڪجهه پل، سڀني جو تن ۽
سنگ مستيءَ ۾ مدهوش ٿيو رهي ۽ جڏهن باجي لي
ندن همت هلندو ٿيو رهي ته ائين ٻيو معلوم ٿئي ته
سنگيت جي لئه ۾ تان لڙڪي اٿي آهي. سُر بدلجن ٿا،
يت بدلجن ٿا، سنگيت جون لهرون غوطا کائڻ شروع
ون ڪن ۽ ٻڌندڙن ۾ ائين چرچو ٿي ٿئي ۽ اهائي سندن
ذهن جي هلچل ٿي معلوم ٿئي.

سائينجن سنگيت سکيا ڪين ورتي، پر جڏهن لکندي

لاءِ آراڌنا :

داس شيوو ٿو روئي پڪاري،
آهيان توهان جي چرنن پڄاري،
ڪنڌان ٿون سڀ جي چيٽ،
بابا تون آهين وڏو سيٺ.

(راڳ ڀيروي)

داس شيوي تي مهر ڪجو، جو اننت ڳائين ساکي هجو
ڀلا ڀاڳ ڀاڳان پنهنجي ڪرمن جا، درشن ڏئي سدا صورت جو

(راڳ پٽ منجري)

داس شيوي جو عرض اهوئي
توهان جي گود ۾ آهيون سڀئي

....

انگي ننگپال تون رکيج، توهان پنهنجي چرنن ۾
ڏتو سيين پريم جو پيل، بابا هرنام پيارن ۾

(راڳ آشا)

اهڙي طرح هر راڳ ۾ سائينجن پڪاريو آهي، باباجن کي ٻاڌايو آهي؛ باباجن ۽ سائينجن کي بالڪ اوستا ۾ ئي راڳ ۾ رُچي ڏسي دربار صاحب کي ملپل هارمونيم ڏئي ڇڏي؛ اُهو باباجن ڏنارن ملپل هارمونيم ساهه سان پيا سانڍيندا هئا. وارسڪ اُتسؤ وقت اُجين وارن سنتن جو آديش ٿيو ته سماڌين واري ڪمري ۾ رکيل هارمونيم ڪڍي اچان سو موڪل وٺڻ لاءِ سوامي جن وٽ ويس. موڪل ته ڏنائون پر پڇيائون: "ڪير وڄائيندو اهو هارمونيم." جڏهن کين ٻڌايم ته شانت چت سان چيائون: "پل ڪڍي وڄ پر سنڀال سان ڪم آڻجو. باباجن جي نشاني آهي."

لکندي انسان ليڪ ٽپي ويندو آهي، ٿڻن هو اهي ٻُرڻ
جي ٻاجهن منڊليءَ جي گروهه ۾ رهندي وڏا سنگيتڪار
ٿي ويا هئا ۽ سندن هردي ۾ جڏهن هريءَ جو نانءُ ٿي
هو ته پوءِ سندن مک تي ٻهڪ ۽ پيشانيءَ تي چمڪ ڪين
نه رهندي.

سندن گيتن جا الفاظ تمام سرل هوندا هئا، ته به اُهي
روح کي رولي ڇڏيندا هئا. دل ٽڏي پوندي هئي، اَن
آنند ۽ اُلهاس جي تيز ڌارا سان. شبد سنگيت جي پوري
ٽيڪ ڪالپوءِ اُهي آنند ڏيندڙ اَلفاظ، هوا جي هندوري ۾
لڏندا هئا، لمندا هئا، انهن جيئن ڪ

ڪاپل جهڙو ڪي اوندهه ۾ ڏيئو ٻري پيو
سج اولڙي ۾ چنڊ چڙهي پيو
پونڊ ڪٽوري ۾ ڪنول ٽڙي پيو
هالو - هندوري ۾ پرال لڏي پيو

— نصير مرزا

ڪڏهن ڪڏهن سائينجن باجي تي فلم "نانڪ" جي
طرز وڄائي ٻڌندڙن جي اَحساس، جذبن ۽ اُمنگن ۾ علحدي
لرزش پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. انهن محسوس ٿيندو هو
ته ماحول هڪ نئين رفتار سان وڌي وهيو آهي. راڳ
پهاڙي، راڳ ڀيروي، راڳ آشا، راڳ ڪانرا تين تال، راڳ
پيلو، راڳ ٽوڙي، راڳ جوڳ، راڳ پَٽ منجري، راڳ
پرڀاتي، راڳ ڪلاوٽ، راڳ ڪلياڻ تين تال، راڳ ڀيروي
ٿلواڙ جهڙن ڪيترن راڳن ۽ سرن جا هو ڄاڻو ۽ ماهر هئا.
الهن مڙني راڳن تي هن پنهنجن سنگرن تي سندر شبد
رچيا، جن کي ڳائيندي هو ڏاڍو گد گد ٿيندا هئا، پل پوءِ
الهن گيتن ۾ پڪار هجي پرڀوءَ لاءِ پيا رب راضي ڪرڻ

چڱائيءَ ئالت ” يعني ته لمڙا ۽ مٺڙ واڻي سڀني گڏڻ جو لت آهي، سار آهي. سائينءَ جن اُن گروائيءَ جو زنده مثال هئا. پنهنجو پاٽڪي گرو ٻابا هريرام صاحب جو داس ڪري سمجهندا هئا، اکين ۾ ليکهن، مک لي مٺيا، ڪنهن لاءِ ٻه اُشب ٻڌڻ نه چاهيندا هئا. پنهنجيءَ مٺڙ وائيءَ سان ساري ماحول ۾ مٺڙا ٻري ڇڏيندا هئا.

ٻاءُ منو واڻ واڻي جو 'ٻابل' جي ناالي سان پرسڌ آهي، ليکڪ طبيعت هوندي به هرسال پيلواڙي ايندو آهي ڇو ته هن خود محسوس ڪيو آهي :

پيلواڙي ۾ آسڻ آهي، شبد ٿو هرڪو ڳائي
سائين شيوارام مرلي وڄائي، دکڙا سڀني جا لاهي.

يا

سنت شيوارام جي ڪٿا ۽ ڪيرتن
صاحبن ڏانهن ٿو ٻيرام ڇڪائي
اهانئه هرڪو ٿو هاڪ ڪري، بابا!
بابل شاهدي ٻري.

مون سائينءَ جن کي پهريون دفعو مدبج لي مائيڪ اڳيان ڳائيندو ٻڌو. اهو هو هري شيوا ڪنيا مها ودياليه ٻڙودا جي ساليانيءَ جلسي جو شڀ موقع. هيءُ اسڪول ٻاباڄن جي آشيرواد سان ٻرپا ٿيو هو. اسڪول جي عاليشان عمارت سندن نالو پئي روشن ڪري. جلسي جي پريءَ سڀا ۾ پروفيسر رام پنجواڻي جو هڪ پرسڌ ڳائڪ آهي، سائينءَ جن جي ساراهه جون سُرڪيون ٻريون، ڪين نمسڪار ڪيو ڇو ته هو کين هڪ اوچ درجي جي ڳائڪ هئڻ جي حيثيت ۾ ٻرکي سگهيو هو. عام طور ته سائينءَ جن اهڙن وڏن جلسن ۾ کين ڳائيندا هئا جو ڳائڻ سندن پيشو ڪين هو.

سائينجن کي پنهنجي لالڻ لاءِ لگن ۽ پل پل ۾ پڪار
سان پنهنجي دل جي ڀاونا کي سنت سروڻي جي چرڻن ۾
شبد روپي سوغات بڻائي پيش ڌري ڇڏي آهي. ڪهڙن
نه دل ڇهائيندڙ لفظن ۾ هو پڪار ٿا ڪن:

من ته منهنجو سدا ساري توهانجي درشن کي
ٻيو ڪو ناهي مانت منهنجو توهان کيو پنهنجي کي.

....

داس شيوي کي لانگهه اِهائي، ٻي ڪا ناهي ڪا
درشن پياسي سدا رهي ٿو، راتيان ۽ ڏينهان.

....

جتي ڪٿي مان توکي ڀوليان،
هردي اندر ستگر سائيان
پنهنجي چرنن ۾ ڏيندم جاءِ.

سچ پچ سائينجن کي باباجن جي چرنن ۾ جوڳي جاءِ ملي وئي. هو سدا سنگيتڪار هوندي به نهنا رهيا، نماڻا رهيا، لال لاثاني هئا.

سوامي شيوارام ٿيو نماڻو
لال لاثاني موليءَ جو داڻو
جُهڪي چرنن ۾ سڄو لوڪ سارو
(راڳ ڀيروي - مهراج مولڻ)

سوامي شيوارام کي ڏاڍي آ پروڙت
اُهڙن سنتن جي آهي ضرورت
درشن مان اچي آنند جائي.
(راڳ پهاڙي - مهراج مولڻ)

گروواڻيءَ ۾ چيل آهي: ”ميٺت ليوي نانڪا گرڻ

سگهي چوي ”هاء.“ اسان ٻچين به پائي ”هاء هاء“ ڇوٽا ڪرڻو به چيائون :

”امريڪا ۾ اهو خوش خبر يافت جو طريقو آهي.“ مطلب ته ڪيترن ڪانپوءِ اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي ولدرائيندا ۽ کلائيندا به هئا.

سائينجن ڪي ڪي ڪتائون به ڪٽيندا هئا، خاص ڪري سدن نرملا جي ڪٿا عام ۾ تمام پسند پوندي هئي. شبد ڪيرتن وقت سائينجن پنهنجا انيڪ به ٻڌائيندا، باباجن سان گهاريل گهڙين جون ڳالهيون، ديس پرديس ۾ ڪيل رٿن جا آزمودا اهڙيءَ نوع ۾ ڪندا جو ٻڌندڙن جي اکين ۾ نيون آشائون پرگهٽ ٿي وينديون هيون. ڪمزور کي ٻل ۽ لاچار انسان کي آچرڻ جي شڪتي ملي ويندي هئي. جڏهن پرٿوي ۽ آڪاس ڪنهن مفاصلي تي هڪ ٿي ويندا آهن تڏهن خلق کي به خالق ۾ هڪ ٿي وڃڻ جو احساس پوندا هئا.

ڏياري جا ڏينهن هئا. مان پياوڙي رهيل هوس. احمدآباد آڪاشواڻيءَ تان منهنجو ڏياريءَ جي ڏڻ تي سنگيت روپڪ پرسارت ٿيڻ وارو هو. پروگرام جو ٽائيم رات جا ڏهه ٻجا هو. باباجن انڪل پوڻين ڏهين ٻجي دربار ۾ آيا ۽ متي جوت تي پوڄن ڪرڻ ويٺا. جڏهن ريڊيو تي پروگرام چالو ٿيو ته سڀني ڌيان به اوڏانهن ڇڪجي ويو. رسوئي ڪري متان ٿي آواز ڏنائون: ”سنو پروگرام هو. اسان سان ڳالهه ڪيو ها ته پروگرام ٻڌي پوءِ رسوئي لاءِ وهون ها.“ جڏهن ته پروگرام ٽيپ ڪيو هو سين سووري ٽيپ هلائي ڪين ٻڌايو ويو. مون وٽ پنهنجي هوليءَ جي پروگرام جي به ٽيپ پرال هئي. اها به هلائيسين. ٻڌي

ڳائڻ پنهنجي گروءَ کي مڃائڻ لاءِ سندن ساڌنا هئي. ڇٽن ڏيوارن اندر، ڪنهن گهر ۾ يا نڪاڻي ۾، گرو گرنٿ صاحب جي اوٽ وٺي ڪيرتن ڪندا هئا. نرم طبيعت هوندي به ڪنهن برهمڻ جي قرب ڀري ونتي ڪيرتن ڪرڻ لاءِ قبول ڪرڻ کان رهي نه سگهندا هئا. هڪ دفع اسان وٽ شبد ڪيرتن ڪندي آکيو هئائون: "ڀڳن ڪيون ٿا نڌهن نه ڀڳت کان پوڄن ملي ٿو." اهي اکر منهنجي هردي ۾ چڀي ويا. هن پوڄن پائڻ لاءِ به پنهنجو پرشارٿ ڪرڻ ضروري سمجهيو ٿي.

سائينجن جو ڪيرتن اَڪثر ڪري گرواڻيءَ مان ٿي هوندو هو پر آخر ۾ خوشيءَ جو موقع ڏسي لاڏا به ڳائيندا هئا ۽ پنڌ ٽن کي اڇائيندا به هئا:

"صدقي مان صدقي، لاڏا ڇو نه ڳايان
قيرون ڇو نه پايان."

سائينجن ٿي دفعا ودنش جي ياترائن ڪي ويا. اتي به خوب شبد ڪيرتن جي موج مچايائون. برهمڻ ڪئسيٽ ڀري رکيا. هڪ ڪئسيٽ جو مونکي مليو سو هلايم ته سائينجن جو آواز آيو:

آءٌ ڪرشن، آءٌ ڪرشن، ڪرشن ڪنهيائي
مون نهنجي خاطر گلن قلن جي سيج وڇائي.

سائينجن رهسيه وادورڻ ۾ اهو گيت ڳائي رهيا هئا ۽ ضرور پنڌ ٽن جهومندا هوندا جو سائينجن گيت جا ٻول بدلايا:

"ماءِ ٻانٽر، ماءِ ٻانٽر، ڪرشن ڪنهيائي"

عجب نه سائينجن انگريزي ٻولي گرهڻ ڪري ورتي. هڪ دفعي ٻڌايائون ته امريڪا ۾ جيڪو گڏجي سو ٻهر ان

سائينجن ۾ پورڻ صدق. دل چڪيندي آهي دل کي. ديوان صاحب جن جو وشواس ٻه اٽل هو، هو شرڌا وچان سائينجن کي نمندا هئا ۽ سندن آسيس لاءِ عرض ڪندا هئا.

سائينجن ٻه سندن ياد ۾ ٻچن ٺاهيا آهن:

ستگرن جو هو ٻڪو پريمي
نت نيم جو هو سدا نيمي

نيمي نيڪهن وارو، ديوان چيتانند سويارو
سڀئي گڏجي اُرداس پائون
ملي ڪري گرن کي منائون
ڪهان 'داس' جو ٿون آڌارو، ديوان چيتانند سويارو.

... .

نام جپائيندي گڻ ڳائيندي
ويو وڃائي وارو جانب
واه واه پيارو چيتانند جانب
درويشن جي ٻولي درويش ئي ڄاڻن
ڄاڻ وارو هو پورو جانب
ويو وڃائي وارو جانب

جيتري ئي سائينجن کي ديوان صاحب لاءِ سڪ ۽ سنيهه، اوتري ئي ديوان صاحب کي سندن لاءِ شرڌا. سال ١٩٥٥ ۾ جڏهن هو سائينجن سان گڏيا ته ڪين ٻوڙي ٻهر ڪڍن پيا. ڪنهن ٻرهميءَ هيءَ درشيه ڏسي شڪا اُٿاري ته ديوان صاحب ۽ سائينجن ساڳئي ستگرن جا ٻالڪ، سو جيڪڏهن پيرين پوڻ بدران ديوان صاحب ساڻن ٻاکر پائي گڏجي ها ته اهو سهڻو نه لڳي ها ڇا؟ اهو ٻڌي ديوان صاحب جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو پر مشڪي وراڻيائون: "ها، جي ٻاکر پائي گڏجون ها ته اهو ٻه سهڻو لڳي ها پر

کھٽو خوش ٿيا ۽ آشيرواد ڪيائون.

سائينءَ جن پاڻ گيت ڳائيندا نہ هئا پر ٺاهيندا بہ هئا. اٽڪل ۲۵ کن گيت پاڻ رچيائون جي "سدا سارڀان سچرين" پستڪ ۾ درج ڪيل آهن.

باباجن جي آرتي: "جئہ ستگر بابا...." ۽ هر ايڪادشيءَ تي جو هرمندر ۾ قيصر پوڄا لڳندو آهي، اُن موقع لاءِ بہ سندر گيت سندن رچيا هئي:

بابا هرنرام، بابا ڪرپارام، بابا مهيرام، بابا آتمارام
بابا سرنچند کي نہ ساراهيون، بابا قيصر پوڄ لڳايون.

ڳائڻ جي جو ذات هئن سو ڪتان جا گيت پيا ڳڌ ڪندا هئا. ونن مون وڏا لوٽ پوک ذنا جن ۾ سندن گرمکي اکرن ۾ گيت سنگرہ هو. واند ڪائيءَ ۾ انهن مان گيت پيا ڪنٺ ڪندا هئا. گرواڻيءَ جي ڳٽڪن مان بہ شبد پيا ياد ڪندا. مطلب تہ گيت ڪار ۽ ڳائڪ هئڻ جي هيءَ سندن ٻئي ساٿ نا هئي پنهنجي ستگر کي مڃائڻ جي:

گرو گرنٿ جا شبد اُچاري، سي سڀ سر ۾ ڳائي
مک ۾ ٻاڻي، هساج هئن سان، ساڄن کي سرچائي.

سائينءَ جن جو ڪجهہ لکيو آهي، ڳاڻو آهي ان کي وقت بہ ميساري نٿو سگهي. مالڪ جي ساراهہ ۾ سندن قلم هليو، سندن زبان هلي ۽ ماحول ۾ اهڙو تہ ولولو پيدا ٿيو جو دل دماغ ۽ جذبن تي ان جي ڇاپا رهجي ويئي. ڪين ياد ڪندي اڄ بہ من اُڇلون ٿو ماري. سمنڊ جي لهرن جيان ور ور ڇوليون ٿيون چڙهن، من جي مٿل کي ڌونن ٿيون احساس ۾ اُڇلون ٿيون آڻين، جذبن ۾ جوت ٿيون جاڳائين، اُڌما اٿارن ٿا ۽ اُمنگہ لرزش ٿا ڪن.

ديوان جيٺانند ٻجلاڻيءَ جو باباجن ۾ پڪو نشچو هو ۽

اُتم شيواداري

هت جن ٻن شيوادارن جو ذڪر ڪيل آهي سي سچ ۾ شيواداري ۽ ٻه درٻار صاحب جو مکيه انگ آهن ٻاپي ٻيڪ ورتل ڪونه اٿن .

۱. ماتا گوڪل ما -

هيءَ ماتا ٻابا هرٻرام صاحب جن جي پاتشاهيءَ کان درٻار صاحب جي شيوا ۾ رهي آهي . رواجي طرح ڪنهن ۾ ماتا جي درٻار صاحب اندر رهڻ لي روڪ هوندي هئي سو رات جو پاسي ۾ رهندڙ ڀائي لعلچند جي گهر وڃي وسرام ڪندي هئي . جڏهن پرٻن مان درٻار صاحب کجي پيلوارڙا ۾ استاپن ٿي ۽ هتي ۾ اچي شيوا ۾ لڳي . پنڊاري جي شيوا ، ٻالڪن جي ديکڀال ، آئي وٺي جو آدرستڪار سندس مول ڪرتوبه هو . ڪڻڪ چهرو ، لمبو موڪرو سرير ، وڏيڙ جا سڀ نشان ، نيڻن ۾ عجيب ڪشش ، مڌر واڻي هر ڪنهن جو من هڪدم کيڇي ٿو وٺي . گهڙيءَ ۾ پراون کي ۾ پنهنجو ڪري ڇڏي .

هت شروع ۾ ٻابا شيوارام صاحب جن سندس درٻار صاحب ۾ قائم رهڻ جي فائدي ۾ نه هئا ؛ موقع وٺي کيس واپس پنهنجي گهر وڃڻ جي آگيا ڪيائون . تنهن تي ماتا وراڻيو : "مان پنهنجي مرضيءَ ٿي ٿورو ئي آئي آهيان . ٻابا جن (ٻابا هرٻرام صاحب) کين موڪي ڇيو هو ته ڪنواري ڌيءَ پرڻائي ، چلا مڌٻون لاهي اچي رهجانءِ ، سو ڏسو ته چلا مڌٻون لاهي آئي آهيان نه ." بس پوءِ ته ٻاٻاجن ڪڇيو ئي ڪين . سندس هڪ ئي ڌيءَ جي شادي ٿي چڪي هئي جا ٻئرائڙه (پوٻال) ۾ پنهنجي ور گهر سان

سونهاري سنگرن، جوتي جوت سمائڻ مهل کين ٻارڻ وٽ گهرائي گرٻاڻيءَ جي گدي بخشيندي ٻڌهجي جوت منجهن وجهي، سندن اڳيان مٿو نِيڪيو هو. جنهن جي اڳيان منهنجي سنگر سيس نوايو، تنهن اڳيان مان جيڪڏهن هر هر ائان ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي. ليڪن ته جوت ته ساڳي سنگرن واري آهي."

سائينجن هر هڪ گيت ۽ راڳ کان واقف هوندا هئا، منهنجي دکي کان نالو پڇيائون. ٻالڪ ٻڌايو: "لليت" ٻڪدم وڏي آسيس ڪندي گروٽيءَ جو شبد اچاريائون: "لليت بلاول گائيجي ابني ابني ٻانه."

سندن منڙو ۽ ٻاند آواز اچڻ بعد پيو ڪمن ۾ وڃي ۽ سدائين وجند ۾ رهندو. لاشڪ هو شبد سنگيت جا مالڪ هئا، ڏاڍي هئا.

فسٽريڪٽ ڊيپارٽمينٽ،
ويراول.

ڪمل ڪيولراماڻي
(پياسي)

ڏينهن پيلوڙا ڍرڀار ۾ اچي رهيو. سڀني شيوا ڪيائين.
ٻرانگهه نه ٻيو صاف ڪندو هو. هڪ ڏينهن امان چيس:
"ايشور، گهر ۾ به اسين ڪم ڪندو هوندين نه!" جواب
ڏنائين: "امان، گهر ۾ اهو ڪم ڪريان ته شرمندي ڪڏهن
چوندي ته مٽي ۾ سور آهي ته ڪڏهن ٻيٽ ۾ سور، ٻوءِ
ته منهنجو مٿو ئي وڃو." امان ورائيس: "اهيءَ ۾ ڪهڙو
عيب آهي. جي ٻني پنهنجيءَ لاءِ پرميشور آهي ته پنهنجي ٻ
ٻنيءَ لاءِ لڇمي آهي. سو ڪڏهن پنهنجي شيوا ڪندي ته
ڪڏهن ٻني نه شيوا ڪندو." سالائون امان جون اهي
ڳالهيون ڪن ڏئي ٻڌندو هو. ڪي وري ڪانئس پڇن:
"امان توهان گرو ڪيو آهي." هڪ دفعي وجهه وٺي امان
بابا شيوارام جن کي چيو: "بابا سائين، دادڙين ٿيون پڇن
ه گرو ڪيو اٿئي سو مان ڇا چوان." جواب ۾ چيائونس:
"چئين ها گرو ڪيو اٿم." ٻئي دفعي وري باباجن کي
چيائين: "هيءَ دادڙي ٿي چوي ته مونکي سکيا ڏيو."
جواب ڏنائونس: "صبوح کان شام تائين پيا ٿا سکيا ڏيون،
تو کا ياد سکيا. چئينس ته مان هيڏي ساري اٽ ٿي
هيان ته ٻه سکيا وٺي ڪانه اٿم." ٻوءِ ڪاي ڪاي چوندي:
"پلا سمجهن ٿا ته مائي آهي آلسياٽي، منتر جنتر جپي نه
پي، سو مونکي ته بابا سائينءَ چيو ته گرو انهن ئي ڪيو
هي؛ ڪير پڇيئي ته چئين ته گرو ڪيو اٿم." بس انهن
ي سڀني کي کلائيندي ۽ وندرائيندي. وقت ٿي ستسنگ
ساڌن جي سنگ ڪرڻ سان جو لاڀ ملي تو تنهن جا ٻ
رشتالت ٻئي ٻڌائيندي. چي: "هڪڙيءَ ماءُ ٻت کي
ار پئسا ڏنا ته ڪجهه وڪر وٺي اچ. تنهن وقت پئسي جو
ماهه هو. ڇوڪري کي رستي ۾ هڪ ساڌو مليو جنهن
يس ته چار پئسا ڏي ته توکي چار ڳالهيون ٻڌايان.

سگهي هئي. دربار صاحب جي هر شيوا ۾ پنهنجو تن من ارپڻ ڪري ڇڏيائين ۽ سڀڪو کيس پيار وچان اَما ڪري سڏڻ لڳو.

اَما گوڪل ما کي نه رهڻ لاءِ ڪوٺي نه ڪالهه کپندي هئي ۽ سڀ ڏينهن ڪا نه ڪا شيوا پيئي ڪندي هئي. ڀنڊاري جو سڀو ڪم مٿس هو لڏهن به ٽڪي ڪالهه. هميشه پئي ڪلمندي ۽ لنڊن چيلن جا آرا الڪل پئي ٻورا ڪندي. رهڻ لاءِ الڳ ڪوٺي جا ڪاڻ هئس نه ڏاڪڻ ۾ اُئي پئي گذر ڪندي هئي. چوندي نه ڏاڪڻ ڏاج ۾ ملي اٿم. پوءِ ڏاڪڻ بابت اهي ڳالهيون ٻڌائيندي جو ٻڌندڙ اچي کل ۾ پوندا. چي: ”شادي ڪيم نه وٺي هليا ڏاڪڻ چاڙهي. ووهت ڏٺو هوم نه چيائون ڏاڪڻ (نشان) کي ووهت ڏج. هت به وٺي آهيان ڏاڪڻ ۾. مرندس نه به وٺي هلندا ڏاڪڻ تي.“ شهر جون ماڻهون جڏهن سنسنگ پورو ٿيندو نه اَما گوڪل ما کي ائين ورائي ويندا هون جڏهن پتنگ اچي جوت تي مڙندا آهن. اما به دربار جو ڪو نه ڪو ڪم ڪندي وهندي هئي. ڪٽڪ سو اُٿي هوندي، چيرو صاف ڪرڻو هوندو، داليڻ مان ڪڪرو ڪڍڻو هوندو، سڀئي ماڻهون ساڳئي ڪم کي لڳي ويندا هون. اَما پاڻ به پئي ڪم ڪندي نه سڀني کي پنهنجي ميٺاج پري واٽيءِ سان پئي وندرائيندي. ڪڏهن باباجن جون ڳالهيون، ڪڏهن سنسنگ جا درشٽانت نه ڪڏهن پنهنجي انڀوءَ جا آزمودا. مطلب نه ڪم سان گڏ سنسنگ به ٿيندو رهندو. موڪلائڻ وقت آسيس ڪندن: ”چڱو پٽ، بابا ڏيندو پٽ ۽ پوٽا، اَنت ۽ جوٽا، ڪو نه پوندو توٽا.“

اَما گوڪل ما ڪا وڏيا ڪاڻ ورتي نه به ڪيڏي نه سياڻپ سان ڀرپور آهي. ايشور ناواڻي (مفاس) ڪجهه

۾ پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي آهي. البت آئي وئي جو آدر ضرور ڪندي رهي ٿي. ڪو به ونس درشن لاءِ ويندو ته خالي هٿين ڪين ايندو. پاڻي ۽ ڦلن جو پرساد وٺي ايندو. اهڙي اما جي مهما جهڙي ڪجهه اوتري ٿوري آهي.

هري شيوا ڌام، هاسو ڪيوا راماڏي.
پيلواڙا.

٣. ٽيڪم درويش -

هو اَلمست درويش آهي. پنهنجو پاڻ ۾ ٿي پورو هوندو آهي، نه ڪنهنجي هٿين ۾ نه ڪنڌين ۾. ڪڏهن نه ڪنهن سان به بلڪل ڳالهائيندو ئي ڪين، وري ڪڏهن ڏس ته پنهنجو پاڻ اچي پيو دل وڻڻ جهڙيون ڳالهيون ڪندو. پنهنجي نه ڪا سانڀهه ٿي ڪالهه پرواهه پر ٻين جي پيو اون رکندو. درويش آهي، المست آهي، پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ آهي. هو جتي آهي، جيئن آهي، ائين لڳندو آهي ته هڪ ليڪ جي طرح هر ڪنهن کي ڏسندو ويندو آهي. هن جو چهرو عام طرح ته ٿو مون جهڙو آهي پر اهو ڪڏهن شعاع ڏيندو آهي ته ڪڏهن مرجهايل به هوندو آهي. هو نه روز سنان ڪرڻ جو عادي آهي ۽ نه ڪپڙن مٿڻ جو هوش رکندو آهي. مٿي تي ساڍن واري گول ٽوپي، پٽي واري پتلون گوڏن تائين سفيد خميس ٿن ڪيسن واري - به پاسن کان ۽ هڪ مٿي ساڄي پاسي - اها آهي سندس پوشاڪ. خميس جا ٽيئي ڪيسا سدائين ڀريل ٿي هوندا آهن. ڪنهن کي به ڪيسن کي هٿ لائڻ نه ڏيندو. رستي مان لنگهندي جي ڪو چانهه جو دڪاندار واقف هوندس ته اُلي وڃي ويهندو ۽ هو به ڪيس اَلله

ڇوڪري به هرکجي ها ڪئي ۽ ويتر ڳالهيون ٻڌڻ ساڌ چيو:

”ويتر ڪومت ويتر ڪومت، هڪ ڳالهه، ڏي پئسو.
نور جهان پيو نهاري، ٻي ڳالهه، ڏي پئسو.
وهان ڪين وڃان، ٽين ڳالهه، ڏي پئسو.
اهو تو وڃئي، چوٿين ڳالهه، ڏي پئسو.“

ڇوڪرو چار ئي پئسا ساڌ کي ڏيئي واپس ماءُ وٽ آيو ۽ سڀ بيتو حال ڪري ٻڌايائين. ماڻس ڏمرجي پڇيس ڪهڙيون ڳالهيون ٻڌءِ؟ ڇو ته ان وقت هڪڙي چور سندن گهر کي کاٽ پئي هنيون. ڇوڪري به ماءُ کي ڳالهيون ٻڌائڻ شروع ڪيون: ”ڪومت ويتر ڪومت، پهرين ڳالهه.“ چور جي ڪن تي اهي اکر پيا ته نهارڻ لڳو ته ڪير شايد ڏسي ويٺو. ”نور جهان پيو نهاري، ٻي ڳالهه.“ هاڻي ته چور کي پڪ ٿي ته ڪير ضرور ڏسي ويٺو سو ويچار ڪيائين ته ڀتر ٽپندو ته پڪڙي وڃان. ڇوڪري به ڳالهين جو سلسلو چالو رکيو. ”وهان ڪين وڃان، ٽين ڳالهه.“ چور کي هاڻي پڪ ٿي ته ڏسندڙ ڪو انترجامي آهي جو سندس من جو ويچار به ڄاڻي ورتائين سو اٿي ڀڄڻ لڳو. اڳي ڇوڪري چوٿين ڳالهه به چئي ٻڌائي: ”اهو تو وڃئي.“ اهو آهي پرتاب ساڌن جي ٿوري ئي سنگ جو.

سمي ٻائي برڌ اوستا ڪارڻ اما ڀنڊاري جي شيوا مان هٿ ڪڍي ڇڏيو هو پر الٽ ولي لائين باباڄن جي شخصي شيوا، اسنان ڪرڻ، ڀوڄن ڪرائڻ پاڻ ڪندي رهندي هئي ۽ باباڄن به سندس خوب خيال رکندا هئا. باباڄن جي اوچتو برهم لين ٿيڻ سان جو انهي دل کي صدمو رسيو آهي سو حٿر ڪو ٻئي ٻرامپه کي ٿيو هوندو. ٻهڪندڙ چهرو اڄ مرجهائل پيو لڳي. سڀو وقت سانت

ڪم لاءِ واجهو اچڻ به نه ڏيندو. باغ لي چيٽو به ڪٽي نڪالي ڪندو ۽ دربار لاءِ گهرائل ڪير به پاڻ ڪٽي ايندو. باغ ۾ بابا جن براجمان هوندا ته سندن پاسو ڪين ڇڏيندو ته متان ڪيس سڏ ڪن ۽ بابا جن به ڪنهن مهل سڏ ڪيس: "نيڪم،" ته يڪدم جواب ڏيندو: "ها سائين" ۽ ٽپ ڏيئي آديش ٻڌڻ لاءِ وٽن ويندو.

دربار ۾ آئي وٽي جو جيترو هو خيال رکندو اوترو ورلي ڪو ٻيو رکندو. ڪڏهن به پنگت ۾ ويهي ڪونه کائيندو ۽ پنهنجي رسوئي رڪائي ڇڏيندو. رات جو دير سان ڪو مهمان اچي ته پنهنجي رسوئي ڪيس آڇيندو. چوندو ته مونکي بک ئي ڪانه آهي، رسوئي ٿڌي وڃيم يا بهانو ڏيندو ته پيٽ ۾ سور اٿم. مطلب ته مهمان کي بکيو رهڻ نه ڏيندو. هونءَ به جيسين باباجن ڀوڄن نه ورتايو آهي تيسين وٺو رهندو ۽ جڏهن باباجن ڀوڄن ڪري اُٿندا ته سندن ٿالهيءَ ۾ بچيل پرساد وٺيءَ شرڌا سان ويٺل برهمڻن ۾ ورهائيندو ۽ جنهن سان حجت هوندس انکي سڏي به ڏيندو ۽ ٻيو ٿورندو.

گرميءَ جي موسم ۾ هرڪو دربار نواسي ڇتي تي سمهندو آهي ۽ انهن سڀني لاءِ بسترا رچائڻ جو ڪم به پاڻ خوشيءَ سان ڪري. عجب ته هڪ دفعو ڏٺائين ته ڪهڙو بسترو ڪنهنجو آهي ۽ ڪٿي وڇائڻو آهي ته ڪڏهن به اُن ۾ ڀل نه ڪندو.

نيڪم الله لوڪ آهي پر لهانت هڏ ڏوکي، سڀ سان قرب ونديندو. ڪنهن کي مايوس ڏسندو ته پڇندس: "ڪهڙا جهاز ٻڏي ويا اٿيئي؟" دربار ۾ ڪو ناچاڪ ٿيو ته متو ئي ڪين لڳندس. هر هر پيو وٽس ويندو. باباجن

لوڪ جاٽي ڇانهه ٻيار ٿيندس، ڇانهه پڙهڻ کان اڳين ته انڪار نه ڪندو پر گهرج نه هوندس ته آئل ڇانهه ڇهندو نه ڪين. ٽيڪم جو ڪيچ اڄ آهي، گهڻو بهتر آهي. هو نئين پڙهڻ کان ٿي اڳين الَمست هو. هاڻ ڪيس سنڌ ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏٺو هو. سارو ڏينهن پيو گهمندو ڪچهريون ڪندو هو. ٻار ڇيڙائيندا هئس ۽ پٺيان پوندا هئس. ٽيڪم جي اڄ ۽ ڪالهه ۾ گهڻو تفاوت آهي. هو جنهن ماحول ۾ هاڻ وقت آهي، ان ۾ ڪيس ماضي بلڪل ياد ڪين آهي، سڀاڻي جو ڪيس فڪر ڪونه آهي، هو حال جو رهبر آهي، اڄ جو پانڌي آهي.
ورهاڱي کانپوءِ جڏهن ٽيڪم مائٽن سان ڪراچيءَ مان دهلي آيو ته گهر جي ڀاتين لاءِ هڪ وڏو مسئلو ٿي پيو. گهر مان هليو ويندو، دهليءَ جهڙي وڏي شهر ۾ ڪٿي جو ڪٿي وڃي نڪرندو ۽ ڪڏهن نه راهيون نه ٻاهر گهار ٿيندو. هيءَ حالت ڏسي مائٽن ٽيڪم کي بابا جن جي حوالي ڪيو. ۽ جڏهن کان هن گروءَ جي شرن ورتي آهي تنهن ڪيس پنهنجو ماءُ پيءُ نه ياد ڪين آهن.

ٽيڪم ۾ ووڪ آهي، ڪيس ٽپ آهي. دربار ۾ اچڻ کانپوءِ هن ڪنهن ٻي طرف ڏٺو ٿائين ڪين آهي. ڪيس پورهيي لاءِ پرت آهي. گروءَ ۾ صدق اٿس. دربار جي هر چيلي سان هو ادب ۽ عزت سان ورتاءُ ڪندو آهي. دربار کان باغ ۽ هر مندر، ڪلو ڏيڍ ميلن جي دوريءَ تي آهي جتي مندر جا پوڄاري، زمين تي ڪم ڪندڙ هاري ناري ۽ چوپائي مال جي رکوالي ڪندڙ دائم رهن ٿا ۽ انهن لاءِ ٽيئي وقت ڀوڄن پهچائڻ جو ڪم هن تي رکيل آهي. ڏينهن هجي يا رات، اونهاري جي تيز اُس يا ٿڌ، سياري جي ولهه جو ڪو به خيال نه ڪري پنهن جي ڊيوٽيءَ تي پورو هوندو. ٻئي ڪنهن ڪسي الهيءَ

هو مندر جي پڇاڙيءَ جي شيوا ۾ ٽيڪم ڪري. اُن جي هڪ جاءِ ۾ سنتن مهاتمائن جون مورتون رکيون آهن جن ۾ هڪ ڀڳت ڪنور رام جي به مورت آهي. روز اگر بتيءَ جو ڌوپ واس ڪندو آهي ۽ سانجهيءَ وقت ڇپن ۾ ڪجهه پڙهڻ به ڪندو آهي. ڇا چوندو آهي سا ته خبر ڪانه پوي پر ائين لڳندو آهي ته ڀڳت صاحب سان ڪيس ڏاڍي لنءُ آهي. هونءَ به باباجن جي وارسڪ تِٿ تي جو ميلو لڳندو آهي ۽ ٻاهران ڀڳت اچي رنگ مچائيندا آهن ته پاڻ هيڪو ٽِڪيو حاضر رهندو آهي. ڪڏهن ته نهي نچڻ به لڳندو آهي. ٽيڪم اَلمست هوندي به دل وارو آهي، درويش آهي. هو پيار ڏئي ۽ پيار جو بکيو به آهي. صورت کان وڌ هو سيرت ۾ سٺو آهي. ورلي ماکيءَ کان ڇٽي آئس. ٻهراڻ پال ٻوءِ ڪهڙو به هجيس. اسان جو ڪجهه اَربيون ٿا سو سڀ ديوي ٻدارت آهي. پر هن پنهنجا سڀ اَرمان، اَحساس ۽ جذبا باباجن کي ارپڻ ڪري ڇڏيا آهن. جو ڪجهه هن وٽ آهي، هن جو نه آهي. هو خود پنهنجو نه رهيو آهي. هن سڄي زندگي باباجن جي قدمن ۾ اَرپي ڇڏي هئي ۽ سندن وڇوڙي کانپوءِ ڪڏهن ڪڏهن مايوسيءَ وچان چئي ويندو آهي: ”مان ته هاڻي اَڪيلو ٿي ويو آهيان.“ ڏسن آهي اهڙو درويش، اهڙو اَلبيلو لوڪ جو ٽيڪم جي ٽالي پنهنجيءَ ۾ پورو آهي.

ڪمل پياسي

(ڪمل پياسي جي پستڪ ”ڪچا ڌاڳا پڪي ڏور“ تان ورتل)

اسٽان تي هوندا ته ڪين جل پڙهي ڏيڻ لاءِ وينتي ڪندو ۽ اچي بيمار کي پيار ڪندو ۽ ٻا ڌوتي صاحب تان پٽو لئي ڪٽي اچي سندس پيشانيءَ تي لڳائيندو ۽ چوندس: ”هاڻي جلد ٺيڪ ٿي ويندين.“

ڪڏهن ڪڏهن موٽي اچي اوچتو پٺيان ڌڪ هڻندو ۽ جي ڇرڪ ڀري آواز ڪيم ته ٻاکر پائي چوندو: ”ڇا نه به نٿو پيار ڏين.“ چوانس هل ته هاڻي پڻ اچون ته جواب ڏيندو: ”مان پاڻيهي پيئندس، روپيو ڏيئي ڇڏ.“ اهو روپيو کيسي ۾ سنڀالي رکندو، خرچيندو اصل ڪين. اُئين ويندو روپيا گڏا ڪندو. ڪنهن کي پئسو نه ڏيندو. راڳ سان جيئن جو تيئن شوق اٿس. پاڪيٽ ريڊيو دٻار مان مليل اٿس ۽ ڪٿي نه ڪٿي لڳائي رکندو. جڏهن به ڪٿي اڪيلو ويٺو هوندو ته ريڊيو ڪڍي ويهي راڳ ٻڌندو. خاص طرح رات جو جي اڪيلو سمهيل هوندو ته جيسين ريڊيو پروگرام ڪنهن به اسٽيشن تان ايندو هوندو ته اهو پيو ٻڌندو. پوءِ پاڻ ڳائڻ شروع ڪندو. جتان ايندس تتان پيو ڳائيندو. انهن ۾ ٻاٻاجن جو شبد: ”تون به تنهنجو، من به تنهنجو ۽ تن به تنهنجو آ“ ۽ ٻاڻي جا اوراڻا به هوندا. ڳائيندي دل ڀرجي ايندس ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته سندس سڏڪن جا آواز به ٻڌڻ ۾ ايندا. راڳ سان جو ايڏو شوق اٿس سو سئنيما ڏسڻ جي به چاهنا رهندي اٿس. پيو ٻاڏائيندو ته ڪير کيس ٽڪيٽ ڏياري وٺي ها. جڏهن سندس اهو لاڏ کٽيو آهي ته کيسي ۾ جمع ڪيل رقم ڪڍي اڳيان رکندو ۽ پاڻ فقط ٽڪيٽ جا پئسا گهري وٺندو، باقي پئسا وڃي ٻاٻاجن اڳيان مٿو ٽيڪي ڀيٽ رکندو.

ڪان پوءِ ڪين گهمندا هئا. طبيعت سانگي منهنجي لاءِ اڪيلو ٻاهرا ڪرڻ ڏکيو ٿيندو آهي ۽ سائينجن جو ساٿ ۽ سهارو ضروري هوندو هو. منهنجي وڃڻتي ڪرڻ لاءِ هردوار امرتسر ۽ ٻيا تيرٿ پڻ گهمايائون پر ٽن وڏشي ٻالڪن ۾ به ساڻ هليا ۽ اُتي جي رهندڙ ٻراهمڻن کي ستسنگ جو لاڀ ڏنائون.

صحت جي ڪري ڇا حد ٿيندي آهي. هڪ دفعي بمبئي کان ٻاهر ٻي ويس نه استيشن تي فون رستي سڌ ملي ته ٻاباجن ميلواٽين ومت پهچي ويا آهن. ٻاءُ مدوءَ ڪي پڇايم ته ڪين عرض ڪري ته موڪي هت استيشن تي درشن ڏيڻ. سائينجن به ٻيا ڪم ڇڏي گاڏي ڇٽڻ کان اڳ استيشن تي اچي درشن ڏنئي ڪرتارٿ ڪيو. مطلب ته سندن قرب جو ڪاٿو ئي ڪونه هو. ڪابه مشڪلات اينديون هئي ته ڪين ياد ڪرڻ سان دور ٿي وينديون هئي. پياوازي وڏن سنتن جي وارسڪ تٿ تي هرسال وڃڻ ٿيندو آهي. ڪئن سفر سولو ڪندا هئا تنهن جو هڪ هيءُ مثال آهي. رستم ۾ گاڏي به بدلائڻي پوندي آهي. هڪ ڀيري جڏهن پيلوازي واري گاڏيءَ ۾ چڙهياسين ته ڀيڙ جي ڪري پوري جاءِ ڪانه هئي. ڇو ته ڪي مسافر جي ان برٿن تي سمهيل هئا ٿي ڏنئي اُٿيا ۽ اسان کان پڇڻ لڳا ته اسان ڪاڏي وڃي رهيا آهيون پنهنجا ٻئي برٿ اسان کي ڏنئي پاڻ ٻئي تي سمهي پيا. اُهي ٻيا اُڻ ڏني سهائتا ڪندا هئا. ڪين ياد ڪندي دل ڀرجي ٿي اچي.

لالم هريءَ جو جپي جپائي، هاي وڃو هري ڏام
پيلوازي جو شاهن شاهه، هڪو سوامي شيوارام

ڀاڱو ٽيون

قول مالها

هن هيٺ جن برهمڻ باباجن جي برهم لين ٿيڻ جي دکدائڪ خبر ٻڌي پڙهندڙ شوڪ، باباجن جي شخصيت ۽ سندن سمپرڪ ۾ اچڻ سان حاصل لاڀ جو پترن دوارا ذڪر ڪري جي شردا جا قول چاڙهيا آهن تن جو مکيہ سار ڏجي ٿو.

١. مٺو واڌواڻي، ٻمبئي -

اسان جا مٺڙا، شاهن جا شاهه، مالڪ مهروان، اڪثر ستسنگ ۾ ڳائيندا هئا: ”الله آدمي ٿي آيا ....“ سندن لاءِ ائين چئجي ته وڌاءُ ڪينهي. هيءُ برهمڻ جو پيارو، بابا هريرام صاحب جو دلارو، جنهن برهم جو ڏيو ٻاريو، انتل هردي کي ٺاريو ۽ وڪارن کي ماريو، سو پاڻ پهريائين بابا هريرام صاحب، پوءِ بابا شيوارام صاحب جي روپ ۾ پرٿويءَ تي پڌاريا ۽ سندن شيوا ڪندي ان جو روپ ٿي ويا؛ ڪوئي فرق نه رهيو. پريم، نمرتا، شيوا، ڌيرج، سادگي، صفائي، سچائي، مٺو ٻولڻ، ڳجها دان ڪرڻ، ڀياڻين جا ڪارج ڪرڻ، اهي سڀ سندن خاص گڻ هئا. پڙهندڙن ستسنگرن تان ٻلهار پيا ويندا هئا. سندن ڳائڻ ۾ عجيب تاثير ۽ ڪشش هئي جئن ڪرشن جي مڌر مرلي سڻي ڪي ازخود کيڏيچي ويندي هئي ۽ گوپ گوپيون ست ٻڌ پلجي، بار بار اهيءَ مٺڙي آواز کي ٻڌڻ لاءِ بي چئن رهندا هئا.

اُپار قرب هئا مٺي سائينءَ جا. برهمڻ جا انگل ڪٽڻ

ٻڌايوسين ته فرمايائون: ”ڪٽ کي چار پاوا ٿيندا آهن سو ڇو نه فليٽ ۾ وٺي ڇڏيو.“ انهيءَ وقت ڪا به فليٽ خالي ڪانه هئي. اچانڪ هڪ فليٽ واري ٻئي هنڌ مڪان ورتو ۽ سندس فليٽ نمبر ١٠٤ جنهن ۾ مان رهان ٿو سا خالي ٿي ۽ پيسن جو به بندوبست ٿي ويو. جئن ته اڳ ڪمري واري فليٽ ۾ رهندو هوس جا رٽائر ڪرڻ تي خالي ڪرڻي هئم، مان اها سندن وڏي بخشش سمجهندو آهيان.

فيبروري ١٩٨٤ ۾ وڏن سنتن جي شب جنم ڏينهن (٢١ مانگهه) تي اسين امبيسيڊر ڪار بابا جن کي پيش ڪرڻ لاءِ بمبئي مان روانا ٿياسين. ڪار ۾ مان ۽ منهنجي فئملي سان ۽ منهنجو سهرو راجچند تلريجا ٿي به هليا. رات جو سورت کان اوري ڪار خراب ٿي پئي. اهڙي اڌائي وقت اوجهڙ ۾ ڪٿان مستري اچي جو ڪار جي رپيئر ڪري سو سائينءَ کي پڪاريوسين ته اچي سهاءِ ٿين. سامهون هڪ جهوپڙو هو. اوڏانهن وڏي وياسين ته هڪ سڪوٽر وارو بيٺو هو جنهن کي ٻڌايوسين ته ڪار کي ڏسي ته ڪهڙي خرابي اٿس. ڏسي ٻڌايائين ته ائڪسيليٽر ٽٽي پيو آهي. اهڙي ڪا ٽُل ڪيائين جو ڪار هلڻ جهڙي ٿي ۽ صلاح ڏنائين ته اسٽيشن تي پهچي پرسان گراج ۾ ڪار ٺيڪ ڪرايو. پاڻ به سڪوٽر تي گڏجي سورت اسٽيشن تائين آيو ته متان وري ڪار بيهجي وڃي. انهيءَ سڄيءَ تڪليف جا صرف ڏهه روپيه ورتائين. رات جو اتي وسرام ڪري ٻئي ڏينهن ڪار ٺهرائي بڙودا مان ٿيندا، هڪ ڏينهن دير سان پيلواڙا پهتاسين. اتين اسان جو جهنگ ۾ منگل رکيائون.

٢. منوهر واڌواڻي، بمبئي -

باباجن اسان سان ڪيڏا نه قرب ڪيا تنهن جو ڪجهه وستار منهنجي ڀاءُ منوهر پنهنجي پتر دناران ڪيو آهي. اسانجي ڪٽنب جو هن در سان سمبنڌ سال ١٩٤١ کان شروع ٿيو جڏهن ڪراچيءَ ۾ وڏن سنتن اسانجي هڪ ٿي ڀيڻ راڄوءَ جو ازخود اچي ڪشٽ ڪٽيو. هتي مان ٻاڻ لئي ٿيل ڪجهه مهر جو ذڪر ڪيان ٿو.

جڏهن سال ١٩٤٨ ۾ ڪراچيءَ کان بمبئي آياسين ته مونکي ڪنهن ڪارخاني ۾ مئنيجر جي جڳهه ملي. پر سيٺ کي پئسي جي لالچ هئڻ سبب ڪارخانو ٺيڪ ڍنگ سان نٿي هليو سو مون نوڪري ڇڏڻ جو سوچيو. باباجن سان صلاح ڪيم. فرمايائون: "توکي سيٺ کي ههڙي وقت ڇڏڻ واجب نه آهي. ڪيس ناڪاميءَ ۾ ساٿ ڏي ته هو به وقت سر توکي ساٿ ڏيندو." ٿيو به ائين. جلد ئي ڪي جرمن اهو ڪارخانو ڏسڻ آيا ۽ سيٺ جي سفارش ڪرڻ تي مونکي پنهنجي مشهور سيمينس ڪمپنيءَ ۾ سٺي عهدي تي رکيائون.

منهنجو ڪڪو هريش ڊاڪٽريءَ جي پوئين سال ۾ هو پر امتحان ڏيڻ کان پٺي ڪيرايائين جو ڪورس پورو ڪونه ڪيو هئائين. باباجن انوقت اسان وٽ پڌاريا هئا. جڏهن ساڻن اها ڳالهه ڪيم ته پاڻ هاسٽل ۾ گڏجي هليا ۽ هريش جي مٿي تي هٿڙو گهمائي چيائونس: "تون امتحان ڏئي اچ. گرو بابا ڀلي ڪندا." هريش امتحان ۾ ويٺو ۽ سٺين مارڪن سان پاس ٿيو.

بمبئيءَ ۾ جڏهن ڪرسينٽ جڳهه ۾ رهيل آهيون اتي پهرين ٿي فلئٽ ٽن ڀائرن لاءِ ورتاسين. جڏهن باباجن کي

...سلوڪ ياد ڪرائيندا هئا. هاڻي اُها ڳروائي لاءِ منهنجو
...وڏو سهارو آهي.

مونکي انجنيرنگ جي پوئين سال ۾ پاس ٿيڻ جي لار
... پيداوار ۾ ملي ۽ جلد ئي راڻيءَ ليڪچرر ٿي ويس.
...لان وري روڙڪيءَ آيس ۽ آخر ۱۹۶۵ ۾ ريجنل انجنيرنگ
...ڪاليج ڪروڪيتر ۾ پروفيسر جو چانس مليو. اتي اچڻ
...ڪانپوءِ سورج گرهڻ جي ميلي لاءِ سائينجن سان ٻئي دفعا
...ڪاهيلو ٿيو. پوئين پيري ڪشن واڌوائي به ساڻ هون.
...ساڻهي بنگلي ۾ گراج ڏسي سائينجن کي چيائين: "لکي
...ي ڪار ڪڏهن ته ڏيارينس." تڏهن ته سائينجن وراڻيو:
"لکو به ڪارن جي ملڪ ۾ وڃڻو پوندو ڪيس کهڙي
...ڪارن جي کوٽي ٿيندي" اُهڙا ته ڳاڻا مونکي جلد ئي
...اميريڪا جي ڊيٽرائت شهر ۾ نوڪري ملي وئي. اڄ
...ساڻهي ڪٽنب ۾ چار ڪارون آهن. گهر هڪ ته
...ملن چار!

نباهڻ ته ڪو سمجهن ڪين سگهي. اميريڪا اچڻ کانپوءِ
...وري پنجين سال اسانجو پيداوار درشن لاءِ وڃڻ ٿيو.
...ٻين اميريڪا اچي اتي جي ڀرامين کي ستسنگ جو لاڀ
...ڻ جي ونتي ڪئي سڀني جا قبول پيئي. اميريڪا پڌارڻ
...سان ستسنگ ڪري جو سنڌي پاڙن ۾ پيج چيائون تڏهن
...سنڌن روحاني خيالي ۾ ڪافي فرق آندو آهي. اسانجي
...ڪٽنب لئي به سندن اُپار ڪرڻا ٿئي. اسانجو ڪڪو
...ڊاڪٽري پاس ڪري اميريڪا ۾ ڊاڪٽر ٿيو ۽ سندس
...شادي به هڪ سهيل ڇوڪريءَ سان ممبئيءَ ۾ پنهنجن
...شن سان ڪرايائون.

اپريل ۱۹۸۴ ۾ دادا جشن واسواڻي اميريڪا اچڻ وارا

٣. لکو مانڪائي، اميريڪا -

ستگرن جي مهما مان کهڙن لفظن ۾ ظاهر ڪريان. گرون جي ٻاڻي ڳائي وڃائي ته ٻڌايائون ته ان تي هاڻي ۾ ڏيکاريائون. سچو وقت پنهنجي ستگرن جي ذات هيٺ جن جي تن من ڌن سان شيوا ڪري پنهنجو پاڻ پيلائي ڇڏيائون. ايڏي اوچي منزل تي رسيا پر ڪنهن کي لکه نه ڏنائون. هميشه شانت روپ، سڀني جا ڏک ڏکڻ وارا ڪنهن جي به اوگهڙ ڪين ڏٺائون. اسان جي ڪٽنب تي سندن اپار آسيسائون آهن.

مون بنارس مان الجنيرنگ جي ڊگري ورتي. چارئي سال اُتي پڙهيس ۽ هر سال وئڪيشن ۾ ٻاٻا جن وٽ پيلواڙي ايندو هوس. ٽئين سال ۾ مونکي اجمير لوڪوشيڊ ۾ پرئڪٽيڪل ٽريننگ وٺڻ لاءِ اچڻو هو. پوءِ جڏهن پيلواڙي آيس ته ٻاٻاجن هڪ جهولو پاڄو مونکي ڏنائين چيو ته اجمير هالائي دربار صاحب ۾ پاڄو هلائڻ سکج. مون به مهنا ٻاجي سان خوب مٺو هنيون پر سُر منهنجي ذهن ۾ نه ئي نه وهن. پاڄو کڻي جڏهن پيلواڙي موٽيس ته سوامي جن پڇيو: ”پاڄو سکي ورتين.“ مون ته سچي حقيقت ڪري ٻڌائي. تنهن تي چيائون: ”اسانجي سامهون پاڄو کولي وڄاءِ.“ ڪندا اعتبار ته پاڄو کولي ان تي هٿ رکڻ سان منهنجون آڱريون پاڻهي هلڻ لڳيون ۽ سُر نڪرندا ويا. هاڻي ته ڪهڙو به سُر کڻي وڄندو آهيان ۽ اميريڪا ۾ اهائي منهنجي وڏي واندر آهي.

گرواڻيءَ جو ابياس به مونکي ٻاٻاجن ڪرايو. جڏهن ۾ بنارس ايندا هئا ته گنگا گهاٽ تي پيڙيءَ ۾ چڙهي ٻئي ڪناري وڃڻو هو. اندي وندي پيڙيءَ ۾ مونکي پنج

آرڊر رد ڪري ساڳئي عهدي لئي دهليءَ ۾ ٽي رکيو اٿن. پوءِ نه پئي ڪالي ۾ اڪائونٽس آفيسر جي انٽرويو ٿي جنهن ۾ پهريون نمبر آيس ۽ پڇاڙيءَ ناسائين الهيءَ عهدي لئي دهليءَ رهيس.

ڪيترا نه احسان اسانجي ڪٽنب لئي سائينجن جا ٿيل آهن. منهنجو ڀائٽيو ايشور ننڍي هوندي پڙهڻ ڪرڻ جيڏو ٿيو ته پڙهي ڪري ٿي نه سگهي. گهڻيئي علاج ڪياسين پر ورِيو ڪجهه ڪين. جڏهن سائينجن سان ڳالهه ڪئي سين ته رکيائون ٿالهي ڪيس جل ۾ پيارڻ جي آگيا ڪيائون. برابر هفتي ڪانپوءِ ايشور پڙهڻ ڪرڻ لڳو. منهنجي ننڍي ڀاءُ سندر ڪي به سندن آشيرواد سان الهان آئل ڪارپوريشن ۾ راجڪوٽ ۾ وڏو عهدو مليو. اسانکي دهليءَ ۾ پنهنجي رهڻ جي جڳهه ڪانه هئي. هڪ دفعي جڏهن سائينجن دهليءَ ۾ پڌاريا ته آکيائون: ”اسان هت ٻن ڪارجن لاءِ آيا آهيون. هڪ آهوجا جي نياڻيءَ جي شادي ۽ ٻيو پرمانند جي جڳهه جو.“ پڌي اسانکي نه عجب لڳو جو اها جڳهه جي لاءِ پلاٽ به ڪونه ورتو هوسين. پر جلد ئي هڪ سهوليت وارو پلاٽ ملي ويو ۽ جڳهه ٺهرائي ١٣ اپريل ١٩٧٧ تي وساکيءَ ڏينهن سائينجن کان مهورت ڪرائي اچي پنهنجي جاءِ ۾ ويناسين. پوءِ ته منهنجي پٽ پيٽوئي کي به سندن آسيس سان اسانجي ويجهو ئي جڳهه ملي ويئي.

مولڪي اک ۾ موتيو اچڻ ڪري آپريشن ڪرائڻو هو پر همت نه پئي ٿئي. سائينجن جو وچن: ”جس پر پربُ اپني ڪرپا ڪري، سو سيوڪ ڪهه ڪس لي ڏري،“ ياد ڪري آپريشن ڪرايم ته ائين پئي سمجهيم ته سائينجن پاڻ اچي مٿان بيٺا آهن ۽ آپريشن بلڪل سٺو ٿيو. ڪيڏا نه پال پلايا اٿن. پڇاڙيءَ ۾ هڪ عجيب واقع جو ورنن ڪرڻ

هئا ۽ سندن رهڻ جو بندوبست ڊيٽرائيٽ ۾ اسان وٽ رکيل هو. اوچتو باباجن جي برهم لين ٿيڻ جي خبر پيئي ۽ من هڪدم پيلواڙي وڃڻ لاءِ ڪڇي بيٺو سو منجهي پياسين ته ڇا ڪريون. اُنهيءَ اسان کي ٽيليفون آئي ته دادا جشن ڊيٽرائيٽ اچڻ جو پروگرام رد ڪيو آهي. من جي مونجهه لهي ويئي ۽ مان به هڪدم تيار ٿي پيلواڙي ٽائيم لاءِ پهچي ويس. ڪيئن نه دلهي ڇڏڻ ڪانپوءِ به پنهنجو ساٿ ڏنائون ۽ عرض اُنايائون. شل اسين به سندن خيال موجب هلي جيون سڦل ڪريون.

٤٠. پرمانند ناواڻي، دهلي-

سوامي جن امر آهن. اسان کي ڇڏي ڪونه ويا آهن. سڏ ۾ سڏ ڏيندا هئا، ڏين پيا ۽ ڏيندا رهندا.

جاڏي نهاري سڳر منهنجو سپرين
پنهنجي مهر ميا سان اِنڌو اِنڌو سڀ ٺاري
ڏار منجهان ڏاري، ڏيئي هٿ همٿ جا.

پنهنجا هٿ ڏيئي سوامي جن ڪيترن پريمين جا ڪارج سنواريا. اسان سان به ڪيئي قرب ڪيائون. سال ١٩٤٨ ۾ جڏهن سنڌ ڇڏي هند ۾ آياسين ته مون کي دهليءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو ۾ نوڪري ملي. باباجن جي آسيس سان سال ١٩٥٦ ۾ اڪائونٽس جو امتحان پاس ڪيم ۽ جلد اُسي هيڊ ڪلارڪ جو عهدو مليو پر بدلي ڪري حيدرآباد دکن ۾ رکيائون. جڏهن باباجن سان ڳالهه ڪيم جي انوقت دهليءَ ۾ هئا ته فرمايائون: "حيدرآباد ڪيڏانهن ويندين، تون هتي ئي هوندين." عجب جي حد نه رهي جو ٻئي ڏينهن جڏهن آفيس ۾ ويس ته معلوم ٿيو ته منهنجو حيدرآباد جو

بلڪل چڱا ڀلا هئا ۽ ڪڏهن به انهن لئي جاڳو نه جلد وڃڻ وارا آهن. ستگورن ڪئن نه اساڻي لڄ رکي جو ٻچاڙيءَ ۾ سڀني سان مڪاملو ڪرايائون.

پتاجن جي اوچتي وڇوڙي منهنجي هڪ ڀيڻ جي حالت ڪافي لوڏي ڇڏي ۽ بلڪل سانت ۾ رهڻ لڳي. ايتري قدر جو سنڌس لاءِ گهر ڳولهڻ به مشڪل ٿي پيو. پتاجن جي پرلوڪ پڌارڻ جو ٻڌي باباجن به بمبئيءَ مان جلد ئي ٻڙودا پهچي ويا. منهنجي اُنهيءَ ڀيڻ لئي اهڙي ڪريا ٿي جو آهستي بلڪل ٺيڪ ٿي وئي ۽ سنڌس لاءِ گهر به سٺو مليو. گهوٽس جئپور ۾ وڏي عهدي تي آهي ۽ ٻارن سان سکي جيون پئي گذاري.

ڪٽنب جي هر ڀاتيءَ تي باباجن جي اُپار ڪريا ٿيل آهي. اسين پاڻ ۾ ٽي ڀائر ۽ پنج ڀينر آهيون ۽ سڀني جو جيون سٺي روپ ۾ پيو گذري. منهنجي اولاد تي به ساڳي مهر هئن. منهنجي ڪڪيءَ جي مصري ڏيڻ جي پڪ ٿي. دل ٿي ته جيڪر سنت پنهنجن هٿن سان ڏين. پر نه ان وقت باباجن سورت پڌاريا هئا ۽ ٺيڪ مصريءَ جي ڏينهن ٻڙودا اچي اڪتا ۽ پنهنجن هٿن سان مصري ڏنئي داس جي دل پوري ڪيائون. بيشڪ جاٽي جاڻهار ۽ سڏ ۾ سڏ ڏيڻ وارا هئا.

جڏهن به باباجن بمبئي ويندي ٻڙودا مان لنگهندا هئا ته اسانکي احوال ايندو هو ۽ اسين به سنڌن درشن لاءِ ستيشن تي ضرور ويندا هئاسين. هڪ دفعي منهنجي ڌرمپتني مٺدا کي آسيس ڏيندي چيائون: "مٺدا، تون هاڻي جلد ڏوهٽن پوٽن واري ٿيندينءَ." سنڌن وچن سچا نڪتا جو جلد ئي منهنجي ڌيءَ ۽ پٽ کي ڪڪا ڄاوا اسين ڏوهٽي پوٽي وارا ٿي وياسين.

ڪانسواءِ رهي نٿو سگهان.

بابا جن دهليءَ مان پيلواڙا وڃي رهيا هئا. سندن لاءِ ٽڪيٽون ورتي ۽ رسوئي ڪٽي موڪلي وقت سر اسٽيشن تي پهچڻ هو پر ڪنهن ڪارڻ ايندي دير ٿي جو گاڏي ڇٽڻ جو ٽائيم ٿي ويو. اسٽيشن تي پهتس ته معلوم ٿيو ته برابر گاڏي اُن وقت ڇُٽي چُڪي هئي ۽ اُئين وسمهه ۾ بيٺو هوس ته ساڳي گاڏي موٽي پليٽفارم تي آئي ۽ جنهن گاڏي ۾ سائينجن براجمان هئا سو سامهون اچي بيٺو. ٽڪيٽون ۽ رسوئي ڏيئي پال بخشايم. اڄ تائين عجب لڳندو اٿم ته ڪئين هڪ ڇٽل ٽرين پليٽفارم تي آئي ۽ منهنجو لڄ رکيائون. سچ ته "سڏ ۾ سڏ سدائين گڏ" وارو نالو اسان سان سدائين نباهيندا آيا ۽ آشا اٿئون ته نباهيندا رهندا. وڌيڪ ڪهڙا گڻ ڳايان. هن قلم کي نه طاقت ڪانه آهي جو سندن ڪيل عنايتن جو پورو ورنن ڪري سگهي. شل سندن مهر هميشه ٿيندي رهي.

٥. لوڪ نوناڙي ۽ بڙودا -

بابا شيوارام جن جو اسانجي ڪٽنب مٿان خاص هٿ هو. جڏهن به بڙودا ۾ سندن اچڻ ٿيندو هو ته آسڻ اسانوٽ ڪندا هئا. تاريخ ٢٠ سيپٽمبر ١٩٦٠ تي منهنجي پتا ديوان قيمترام سان گڏجي بمبئي ويا جو ڪجهه مٽي مائٽيءَ جو ڪارج هو. ڏينهن به مس گذريا ته سائينجن کي پرون پيا ته ديوان کي واپس بڙودا وڃڻ کپي سو کيس چيائون ته توهين هاڻي بڙودا وڃو. مٽي مائٽيءَ جا ڪم پيا ٿيندا. سائينجن جي آگيا پٽاندي ٢٤ سيپٽمبر تي بڙودي پهتا ۽ ٢٦ سيپٽمبر تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلائي ويا. ڏسڻ ۾

اڄ بہ سندن جوت قائم آهي. پاڻ ٿي چوندا هئا: ”اسان جي جوت اٿو بابا شيوارام.“ سو بلڪل سچ آهي ۽ اسان اکين سان ڏٺا ڏسون. ٻارن ۾ اسانجو گهر دربار صاحب جي ڀر ۾ هوندو هو. آءٌ بہ روز دربار صاحب ۾ ستسنگ تي ويندو هوس. اسانجي گهر جي پاسي ۾ هڪ زمين جو ٽڪر هو جنهن ۾ مون ڪجهہ لاهور مان گهرايل ڪرڙن جو ٻج پوکيو هو. ڪرڙا تمام سٺا ٿيا هئا. هڪ ڏينهن انهن ڪرڙن جي پاڇي ٿورائي باباجن لاءِ ڪٽي ويس. ان وقت اهو ستسنگ پئي هليو تہ ڪنهن تولئي کي چوي تہ مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي، جلدي ڀوڄن ڪراءِ. مونکي ڏسي اُملڪ باباجن چيو: ”ڏسو پاڻي، اسانجو ڀوڄن تيار ٿي اچي بہ ويو آهي.“ پوءِ تہ ڏاڍي پريم سان ويهي ڪاڏائون ۽ سنگت کي بہ پرساد ڪري ڏنائون. آسيس ڪيائون: ”سدائين سکي رهندا، ڪڏهن هٿ نہ منجهندءِ.“ سو اڄ ڏينهن تائين سٺو وقت پيو گذري.

ورهاڱي ٿيڻ کان اڳہ ٿي ٻارن مان ڪيترا گهر لڏي ويا هئا ۽ گهٽيءَ ۾ صرف اسانجو گهر وڃي بچيو هو سو مون بہ پوڙا ڇڏڻ جي پڪ ڪئي ۽ بس واري سان بولي بہ ڪري آيس. جڏهن دربار صاحب ۾ متو ٽيڪڻ ۽ باباجن کان موڪلائڻ ويس تہ چيائون: ”لهرو ٽون بہ ٿو وڃين تہ اسانکي الائي ڇا ٿو ٿئي.“ اهي اکر ٻڌي منهنجي دل ڀرجي آئي ۽ چيم تہ سائين ڪونہ ٿو وڃان. گهر موٽي، بس واري کي منع ڪري آيس. الهيءَ ۾ بہ ڪو راز هو. مون ٿي ڄاتو تہ باباجن جلد ٿي چولو ڇڏڻ وارا هئا پر اهڙو ڪو فرق ڦريو جو پاڻ اگم ديس ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪيائون ۽ هن داس کي سندن پڇاڙيءَ جو درشن ۽ ڪريا ڪرم ۾ شامل ٿيڻ جو لاڀ مليو.

منهنجي ڀيڻ ڏاسيءَ لي ٻه اڏي ڪرڻا ڪيائون جو هن ڏاڍو سڪول ڇڏي پنهنجو ڇوڪرين جو سڪول ٻرڻا ڪيو ۽ اڄ پنهنجي سڪول لاءِ عاليشان عمارت ٺهرائي هري شيوا ڪنيا ودياليه جو نالو ڏيئي آهي پرنسپال ٿي ويٺي آهي. انهيءَ ودياليه جي هن اوج لاءِ وسڻ ۾ باباجن جو وڏو هٿ هو. ڀيڻ ڏاسي باباجن جي ٺهي وديشي ٻالڪائن ۾ گڏ هئي جنهنجو وستار هن پاڻ هن پستڪ ۾ ڪيو آهي.

باباجن جڏهن ٻه ٽڙودا پڌار ٿا هئا ته ڪٿهن دوکي ٻه اچي سنڌن در وٺندا هئا. هڪ ڀيري هڪ برهمڻي واڌومل مولچندائي چانهين واري جي حالت بلڪل نازڪ هئي. سنڌس گهر واري اچي ويٺي ڪين ته آسيس ڪري سهاڳ بخشيو. باباجن سائينس گڏجي سنڌن گهر ويا ۽ جل ڇڙهي پيار ڏنائونس. جلد ئي بلڪل ٺيڪ ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ٻئي ڀيري هڪ حيدرآباد جي رهندڙ برهمڻيءَ لي به سنڌن آسيس ٿي جنهنجي جيئڻ جي اميد ختم ٿي ڪا هئي.

مطلب ته هو سرب سک ڏاتا هئا ۽ سڀني جو ڪلياڻ چاهيندا هئا. چوندا هئا ته اهو سڀ سنڌن ستگرو ٻالا هرپرام صاحب جن جي مٺن نيل مهر جو ڦل هو.

٦٠ * لهروءَمل ڏالسياڻي، دهلي -

پوڄيه بابا هرپرام صاحب ساکيات ديوتا سروپ هئا.

---

* هيءَ سائينءَ جو پيارو راهه رهاني وٺي چڪو آهي. پڇاڙيءَ وقت گهڻي جي تڪليف ڪري جنهنڪري ڳالهائڻ بند ٿي ويس پر باباجن جون ياد گيريون قلم سان لکندو رهيو جن مان ڪي ٽڪر هت ڏجن ٿا.

”شيوي جيڏي نه شيوا سان اسانجي دل خوش ڪئي آهي سو جي اسانکي نه پيئڻ جهڙي شيء به پياريندو ته. اسين بي وپنداسين.“ واه بابل! رام به پرم وس ٿي ڀيلڻيء جا جوٺا بير کاڌا هئا!

پوري پوڄيء وارو هوندي به ڪڏهن همت نه منجهيو ۽ سڀ ڪاروبار نروگهن داس ٿيا سو هن دز جي آسيس جو ڦل هو. هندستان ۾ اچڻ سان دهليء ۾ نوڪري مليي. پوري ساري نوڪري هئي. وڏي ڪٽنب جون گهرجون به وڌيون ٿيون ٿيون. سال ۱۹۶۲ ۾ باباجن سان ڪٽنب جي ميلي جي بالراءِ ۾ گڏ هوس ته. انهي ٽائم مليو ته موڪي امريڪا جي اي آء ڊي کاتي ۾ نوڪريء جي آڇ ٿي آهي. ان وقت سرڪاري پڪي نوڪري هئم پر امريڪا وارن جي نوڪريء ۾ پگهار تمام سٺي هئي سو باباجن سان صلاح ڪيم ۽ هڪدم آڇ قبول ڪرڻ لاء چيائون. سندن آگيا پائي سرڪاري نوڪري مان اڳ ۾ ئي رٽائر ڪري امريڪا وارن جي نوڪري تي چڙهيس. ان مان ايڏو ته اپراسو ٿيو جو راجيندر نگر واري پراڻي جڳهه نئين سر سٺي نمولي ٺهرائي سگهيس ۽ ٻيء طرح به ڪٽنب جي سڀني گهرجن کي سٺي طرح منهن ڏئي سگهيس.

سال ۱۹۸۰ ۾ مون بمبئي ۾ اک جو آپريشن ڪرايو. ان سانئين وقت ٻئي به ڏک لڳل هئا سو چنتا هئم ته آپريشن الائي ڪئين ٿيندو. رات جو باباجن سپني ۾ درشن ڏيئي آسيس ڪئي ته سڀ ڀلي ٿيندي ۽ ٿيو به ائين جو آپريشن بلڪل ڪامياب ويو.

وقت اوقت ڀلوارڙا پيو ويندو هوس. سال ۱۹۸۰، ۱۹۸۲ ۾ هيڏي اچڻ ڪان اڳ فبروري ۱۹۸۴ ۾ باباجن جي درشن

ورهاڱي کانپوءِ اسان اجمير ۾ آياسين. ڪجهه وقت نه نه رهڻ لاءِ جڳهه ۽ نه ڪو روزگار جو سنئو ٿيو. هڪ ڏينهن اچانڪ بابا شيوارام جن سان اجمير ۾ هڪا ميلو ٿيو جي به پريا ڇڏي آيا هئا ۽ پهاوڙي وڃڻ کان اڳ. ڪجهه ڏينهن اجمير ۾ ترسيا. انهن جي آسيس سان مونکي جلد ئي اجمير اسڪول ۾ ماستري به ملي ۽ رهڻ لاءِ مڪان جو بندوبست به ٿي ويو. پوءِ نه منهنجا ٻالڪ دهليءَ ۾ وسي ويا ۽ مان به رٽائر ڪري دهليءَ اچي ٿيس. دهليءَ ۾ پنهنجو مڪان اٿئون. هڪ ٻالڪ امريڪا ۾ آهي.

بابا شيوارام جن جي روپ ۾ مونکي بلڪل بابا هريرام صاحب جن ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جڏهن به دهليءَ ايندا آهن ته اسانجي گهر ضرور پير گهمائيندا آهن ۽ سندن درشن ڪري پاڻکي نهايت ڀاڳن وارو سمجهندو آهيان جو هن داس تي مهر ڪري وڏن سنتن وارو لاڏو نباهيندا پيا اچن.

٧. رامچند تلسياڻي، آمريڪا-

اسانجي سڄي ڪٽنب جو وڏن سنتن ۽ پوءِ باباڄن ۾ اٽل وشواس رهيو آهي ۽ اسانجا سڀ ڪارج سندن ئي آسيس سان سڌي امولي راس ٿيندا رهيا آهن. مونکي ٽي نياڻيون ۽ ٻه پٽ آهن جي سڀئي سکي آهن. ٻئي پٽ ۽ ٻه ٻين نياڻي آمريڪا ۾ آهن ۽ مان به انهيءَ ڪارڻ آمريڪا اچي رهيو آهيان.

شروع ۾ سنڌ ۾ زرعي ڪاليج ۾ پدعيدن فارم جي چارج ۾ هوس ۽ وڏا سنت وقت به وقت اتي چرڻ گهمائي آسيساڻون پيا ڪندا هئا. ساڳئي وقت باباڄن کهڙي نه سندن شيوا ٻئي ڪئي تنهن جا به ٻڌڪ پرڀندا هئا. چي:

٨. جڳديش (منو) ناواڻي، دهلي-

منهنجي ڏاڏي رڪمڻي ۽ ڏاڏي هوندراج ناواڻي جي سچي ڪٿا تي باباجن جي اپار ڪرپا رهي آهي. ڏاڏي ڳالهه ڪندي آهي ته سنڌ ۾ اسانجو حال ڀورو ڀنو هو ۽ هت هند ۾ اچڻ سان به گهڻيئي لاها چاڙها ڏسڻا پيا. هڪ دفعي باباجن ڏاڏيءَ رڪمڻي جي سيوا تي اهڙو ته خوش ٿيا جو چيائون ته مائي اوهان وٽ سڀ رڌيون سڌيون ٿينديون. پوءِ ته گهر جو نقشو ئي ڦري ويو. رهڻ لاءِ عاليشان مڪان اٿئون ۽ سڀ سکن ڏاتن ۾ اڳل آهيون. باباجن ڪيڏا نه اسان سان وڙ ڪيا آهن:

ڏاڏا هوندراج جن دهليءَ ۾ لوهه جي اوزارن ٺاهڻ جي هڪ وڏي مشين لڳائي هئي. ڪنهن ڪارڻ اهڙو بگڙي پيئي جو ڪو ڪاريگر ٺاهي نه پيو سگهي. باباجن دهليءَ آيا ته کين اچي وٺي وياسين. باباجن ڪو سلوڪ پڙهي مشين کي هٿ لڳايو ته مشين چالو ٿي ويئي.

وري ڏاڏا جن کي اهڙي اچي هڏڪي ٿي جو اسپتال ۾ علاج ڪرڻ سان به نه بيٺي. آلائي ڪٿان باباجن دهليءَ اچي نڪتا ۽ کين اسپتال ۾ وٺي وياسين. باباجن رڳو مٿي تي هٿ رکيس ته هڏڪي بند ٿي ويئي. خود ڊاڪٽر حيران ٿي ويا.

منهنجي ڀيڻ ڀڪيءَ لاءِ مائٽيءَ جون ڳالهيون هلي رهيون هيون پر ڪوئه ڪو انڪار پيو پوي. باباجن سان ڳالهه ڪئي سين ته وچن ڪيائون: "ڀڪيءَ کي ملندو ڀڪو، ڪوشش ڪندا اچو." چوته جلد ئي ڪوشش ڪامياب ٿيئي ۽ هڪ سٺي ۽ آسودي ڪٽنب جي ڇوڪري پرڪاش ڀمڀاڻي سان مائٽيءَ جي پڪ ٿي. اسانکي ٻڌي

لاءِ ويو هوس. خوب شرڌالو پريمين جا ميلا لڳي ويندا هئا ۽ ڪيئي سوالي به اچي ڪٺا ٿيندا هئا. باباجن ڪنهن کي به خالي ڪونه موٽائيندا هئا. ڪائي هٿ سان پريمين کي ٻڪرون پرساد ڏيندا ۽ گهرجائن جون گهرجون پوريون ڪندا هئا. هڪ ڏينهن سال ١٩٨٣ ۾ مان ويٺو هوس ته ڪنهن پيڙي چادر جي گهر ڪئي. چيائونس ته گهرائي ٿا ڏيون، پر هو لڪڙ ۾ هو سو پنهنجي آسڻ واري چادر لاهي کيس ڏنائون. وري ٻئي دفعي منهنجي روبرو ڪنهن سادُ تُنبيءَ جي گهر ڪئي. چيائونس ته فلاڻي هنڌ تُنبيون پيون اٿئي جيڪا وٺئي سا کڻي وڃ، پر هن کي ڪا پسند نه آئي. تنهن تي کيس پنهنجو اسٽيل وارو لوٽو ڏئي خوش ڪري روانو ڪيائون.

سال ١٩٨٤ ۾ جڏهن پنهنجي ناٺي ۽ سندس ڀاءُ مٺو واڌواڻيءَ سان گڏ ڪار ۾ آيس ته باباڄن جي طبيعت ڪافي نرم هئي پر مونکي ايڏو هوش جو اهڙي ڪا لڪ نه ڏنائون. البت امرت ويلي جو وچن ورنائون تنهن مان اٿين لڳو ته باباڄن سنسار جا ناتا جلد ٽوڙڻ وارا آهن جيئن وڏن سنتن به مک مان پڇاڙيءَ جي سمي ۾ اهڙو وچن ڪيو هو. پر اسين مورهل ماڻهو اهو ڪٿي ٿا سمجهون.

ڪار ۾ ايندي رستي ۾ جا واردات ٿي تنهن جو سربستو احوال منهنجي ناٺيءَ موهن پنهنجي پتر دئاران ڏنو آهي. سنت سدائين پنهنجن پريمين جي سار لهن پيا ۽ لهندا ايندا جو هو ته امر آهن.

نڪرڻ جي ٻئين ڏينهن کي پرس مان جاچ ڪيم ته
ٻڌايائون ته منهنجو نالو پاس واريءَ لسٽ ۾ ڪونه آهي.
ڏاڍو اداس ٿي پيس ۽ ماتا پتا کي ٻڌائي روئي ڏنم. رات
جو سپني ۾ ڏسان ته باباجن کي زور ۽ پيو ڏيان ته رزلٽ
۾ پيو. باباجن سبب پڇيو. جڏهن ٻڌايومان ته امالڪ چيائون:
”تون ته پاس ٿيو آهين.“ ٻئي ڏينهن آفيس ۾ وڃس ته
۽ منهن لٽڪيل هوم. دوستن ان جو ڪارڻ پڇيو ۽ ٻڌائڻ تي
چيائون ته هيءَ رزلٽ ٽئين ايل - ايل - بي ڪورس جي
آهي ۽ مون جنهن جهوني ايل - ايل - بي ڪورس جو
امتحان ڏنو آهي ان جي رزلٽ اڃا نڪرڻ واري آهي.
انهن وچي دلجاءِ ٿي ۽ جڏهن مون واري ڏنل امتحان
جي خبر پئي ته مان پاس واري لسٽ ۾ هوس. منهنجي
خوشيءَ جي حد نه رهي. ڪٿي باباجن کي منهنجي پاس
ٿيڻ جي اڳواٽ ئي سڌ پيئي، سا ڳالهه ته هن ٻندي جي
سمجهه کان ٻاهر آهي.

١٠. وڏيو جيئانند ٻجلاڻي، بمبئي -

بابا شيوارام صاحب جن سروشڪتيوان، ديا جا ساگر، ڪرپالو، هيڻن جا همراه آهن. جيتوڻيڪ سريري چولو ڇڏيو اٿن ته به سدا هر هنڌ موجود آهن. مون مٿان سندن مهر نظر جو هڪ انوکو آزمودو هيٺ ورڻن ڪريان ٿو:

مان دربار صاحب پيلواڙا ۾ هر سال پيرو ڪندو آهيان ۽ درشن ڪري پرسن ٿيندو آهيان ۽ هميشه آسيس ٿيندي اٿم. تاريخ ٢٨ مئي ١٩٨٥ تي اک جي بيماري جي تڪليف محسوس ڪيم ۽ اک ۾ اڇي ڳوڙهي لڳي. سڄي رات بي چينيءَ سان گذاريم ۽ دل ئي دل ۾ باباجن کي ونتي

عجب لڳو ته پرڪاش کي گهر ۾ ٻڪو ڪري سڏيندا هئا. شادي پڄاڻان ته بابا جن ٻه جوڙي کي آشيرواد ڪرڻ لاءِ دهليءَ پڌاريا. دهليءَ ۾ هر هر نئين بجلي بند ٿئي سو شاديءَ کان ٿورو اڳ بجلي بند ٿي پر جڏهن ڪمري ۾ منهنجي ڀيڻ پنڪي هار سينگار ڪري دلهن ٺاهي ورتي هئي، تنهن ۾ لائيٽ ۽ ايئرڪنڊيشنر چالو هئا. اها به هڪ حيرت جي ڳالهه هئي. پوءِ ته بجلي جلد ئي اچي وئي ۽ شادي بابا جن جي هٿن سان ڌوم ڌام سان ٿي گذري.

سچ ته ستگورن جي اسان تي ڪيل مهر جو ڪاٿو ئي ڪونهي ۽ سدائين اهڙي مهر ڪندا رهندا.

۹. نارائڻ ڪٽوائي، بمبئي -

سنڌ ۾ ٺاروشاهه جا رهندڙ هئڻ سبب منهنجي پتا چوٿرام ۽ ماتا مينگهي بائي جو ناتو بابا جن سان ڪافي وقت کان رهيو آهي. پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ اسان بمبئي چيمبور ۾ اچي رهياسين ۽ بابا جن سان اسانجو سنبنڌ وڌندو رهيو. منهنجي شادي بابا جن پنهنجن هٿن سان ڪرائي.

بابا جن جي آشيرواد سان مونکي رزرو بئنڪ ۾ نوڪري ملي جيتوڻيڪ صرف بي. اي پاس ڪيل هوس. جڏهن به ڪنهن وڏي عهدي لاءِ انٽرويو ٿيندي هئم ته بابا جن جي پڙهيل مصري مُک ۾ وجهي ويندو آهيان ۽ هميشه سو پارو ٿيو آهيان. ايل. ايل. بي جي پڇاڙي سال واري امتحان لاءِ به بابا جن جي آشيرواد ورتي هئم ۽ اهو به عرض ڪيو مان ته هاڻي وڌيڪ امتحان ۽ انٽرويو ڏيڻ کان ڇڏايو. ڪايءَ دل سان آشيرواد ڪئي هئائون. امتحان جي رزلٽ

١٢. ڪمل ڪيولراماڻي (پياسي)، ويراول -

باباجن وڇوڙو ڏئي ويا. ته نه ائين ڪئن ٿيندو، هو سدائين اسان سان آهن ۽ هوندا. سندن مٺيون مٺيون يادگيريون وسرڻ جون نه آهن. سال ۾ هڪ ٻه ڀيرو پيلواڙا وڃڻ ٿيندو اٿم. هڪ ڀيري پيلواڙا استان تي باباجن جو روزانو ڪار ۽ چاهه سان پسڻ لڳس ۽ جو آنند پراپت ٿيم سو ٻين پريمين سان ونڊڻ چاهيان ٿو.

امرت ويلي سائينجن کي هڪ پريمي خاص اشنان ڪرائڻ لاءِ اچي حاضر ٿيندو هو. سر تي ڪؤڙي تيل جي مالش ڪندو هو. باباجن کي اُن وقت صرف لنگوٽي پيل هوندي هئي. دربار صاحب هال ۾ پرئين ديوار جي پاسي گرو گرنٿ صاحب ڏانهن منهن ڪري بند اکين سان مالش ڪرائيندا هئا. سندن اهو تپسيا تياڳ ۽ يوگ روپ چٽو اڄ به منهنجي اکين اڳيان آهي. مون اُن وقت سندن تصوير ڪڍي هئي. ڪئميرا جي ٽڪ جي ڪين جاڳ پئي پر ڪڇائون ڪي ڪين. اُن وقت سندن شخصيت ۾ تيج هو. چنڊ جي سهانئي وارو تيج. منهنجون اکيون ان تيج جي اڳيان جهڪي وينديون هيون. سائينجن مالش ڪرائڻ کانپوءِ ترسان ئي سنان کوٺيءَ ۾ اشنان ڪندا هئا ۽ جڏهن اشنان ڪري ٻاهر ايندا هئا ته بابا گنگارام سندن وارن کي ڪنگي ڏئي ڪپڙا بدلائيندا هئا. اُن وقت ڪي آسائو ڪنگيءَ ۾ اٽڪيل وار چوچ سان گهري وٺندا هئا ۽ مون وٽ به هڪ ننڍڙي دٻليءَ ۾ محفوظ آهن. باباجن اُن وقت بلڪل سانت، مک تي ٻاٽي، چهري جي رونق تمام دل کڇيندڙ هوندي هئي. سندن چپن جي چرپر ۾ هئي وندنا. چٽڪ هو اُن وقت پڙهڻجي لاءِ ڪين هئا، ڪڇڻجي لاءِ ڪين

ڪيم نه ڪئي نه ڪري هيءَ منهنجو ڪشٽ جلد ئي دور ڪريو جنهن مان سک جو ساهه کڻان ۽ ڦلواڙي دربار صاحب ۾ وقت سر اچي بابا هريرام صاحب جن جي وارسڪ تت جي اتسو ۾ شامل ٿيان. ڦلواڙيءَ جو ڏئل گهرو ڏس ڪيم ۽ باباجن جي ڪرپا سان منهنجو دک دور ٿي ويو ۽ مان تاريخ ١٦ جون ١٩٨٥ تي پنهنجي دل جي چاهنا انوسار سولائيءَ سان سفر ڪري اچي ڪاريه تي حاضر ٿيس ۽ ستسنگ جو خوب رس ورتم ۽ خوشي حاصل ڪيم. شل اڳتي لئي پنهنجي مهر نظر ڪندا اچن.

١١. ٿارومل ڪنڊر، راجڪوٽ-

باباجن جي جوتي جوت سمائڻ جو سماچار ٢٥ اپريل ١٩٨٤ تي مليو. سنت سدائين قائم دائم آهن. مونکي ڪي اهڙا پروڻ اڳم پيا. ٢٢ اپريل ١٩٨٤ تي جڏهن ڌيان ۾ ويٺس ته ڏٺم ته جڏهن آسڻ تي باباجن ڦلواڙي ۾ براجمان ٿيندا آهن سو خالي هو ۽ سماڌين واري هرمندر ۾ هڪ سماڌي ونديل هئي. روئي ويٺس پر باباجن درشن ڏيئي آٿت ڏنو: ”سنت مئي ڪيا روئڻي جو اپني گهر جاءِ.“ اسان کي بابا هريرام صاحب جن هٿن ۾ کڻي ڀڳوان سريچند جي گود ۾ رکيو جن وري وشنو ڀڳوان جي چرڻن ۾ رکيو آهي. هاڻي سوکيم سرير سان پنهنجن پيارن جي پڪار تي سولو پهچي سگهندا سين. لون سالت ۾ رهو.“ ائين چئي الوپ ٿي ويا. بيشڪ اڄ به پريمين کي سڏ ۾ سڏ ڏيندا رهن ٿا.



سنت سرومڻي بابا شيوارام صاحب اُداسين
پنهنجي آسڻ تي براجمان

هئا، هئا نه صرف هڪ پرڀوءَ جا، پنهنجي رب جا. سندن اکيون عجيب نموني چمڪنديون هيون، پر انهن ڏانهن ڪير به نهاري ڪين سگهندو هو. اهي گهڙيون تمام دلفريب لڳنديون هيون جڏهن باباجن مٿي تي نوال رکي آهستي اچي گروءَ جي تخت تي براجمان ٿي، ادب مان گرو گرنٿ صاحب کولي، پترا اٿلائي، پنهنجي مُک اڳيان نوال آڻي وچن وٺندا هئا ۽ اهو "ڏينهن جو وچن،" ٻاهر برهمڻن کي ۽ پترن دئاران لکائي آشيرواد جا وردان ڪندا هئا. سندن وچن وٺڻ واري اها ويل ڪوئي وڃائڻ ڪين چاهيندو هو جيتوڻيڪ ڪنهن تي ان گهڙيءَ حاضر رهڻ لاءِ بندش ڪين هو. هيءَ سڀ انهيءَ ايشوريه شڪتيءَ جي جهلڪ هوندي هئي.

نمرتا پوروڪ، هڪ ٻالڪ جيان هو ارداس پائي پنهنجي مالڪ کي منائيندا هئا، ٻاڏائيندا هئا؛ ۽ ڏنڊوت پرڻام ڪري، آشيرواد وٺندا هئا؛ ۽ ان کانپوءِ آسڻ واري ڪوٺيءَ ۾ اچي وڏن سنتن جي کٽ ۽ تصوير کي پرڻام ڪندا هئا. اُن وقت هرڪو حاضر پريمي ڪين نمي سندن چرن رج پنهنجي نيڻن تي لائيندو هو. وڏي هئي اها سندن وڏائي.

باباجن پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ ايندا هئا. پنهنجي کٽ جي پاسي ۾ هيٺ آسڻ تي ويهندا هئا. ٻاهر جا آيل مهمان پوءِ اتي ملڻ ايندا، جو ڪجهه آڻيو هوندائون سو پيش ڌريندا، پيش ڌريل پرشاد وٺندا ۽ ورهائيندا ۽ ڪجهه وري ٻاغ وارن لاءِ رکائي ڇڏيندا. چانهه پيڪ پي، آيل ٽپال پڙهندا ۽ جواب لاءِ آديش ڏيندا. جي ڪوئي پريمي اڪيلائيءَ ۾ حال اورڻ چاهيندو ته ٻين کي چوندا: "هاڻي چانهه پيئو."

ان کانپوءِ بابا جن اُتان اُٿي مٽي کڏ ٽي ننڍڙي ڏاکڻ
واري ٻٽ جي ڇانوَ ۾ فراسيءَ تي ويهندا هئا. آسون
اَيدون رکي آيل وري اُٿي اچي بابا جن سان دل جو حال
ڪندا هئا يا وري انوقت ڪنهن ڌارمڪ پستڪ جا وچن
ٻڌندا يا پاٺ ابياس ڪندا هئا. انهيءَ وچ ۾ هيٺ دربار
صاحب ۾ آسا ديوار شروع ٿي ويندي هئي ۽ بابا جن به
سيني سان سنمک ٿي هيٺ لهندا هئا.

سندن دربار صاحب ۾ پهچڻ سان هڪدم شانت
ٿي ويندي هئي. آسڻ تي ويهڻ کان اڳ، بابا جن جي
تصوير کي امسڪار ڪندا هئا، گرو گرنٿ صاحب اڳيان
نمندا هئا. سائين گنگارام ڀاڄي ٽي طبلي جي تار ملائيندو ۽
سلوڪ سان شروعات ڪندو. ننڍا ٻارا خواه چوگرد ويٺل
پريمي به سلوڪ چوندا. بابا جن مونکي به سلوڪ چوڻ
لاءِ اشارو ڪندا هئا پر منهنجي زبان ڪڏهن به ڪين کُلي.
ان کانپوءِ بابا جن پاڻ گرواڻيءَ جي شبد سان ڪيرتن جي
شروعات ڪندا ۽ وچ وچ ۾ سکياداٿڪ پرماڻ به ڏيندا
رهندا. سنگت جو رنگ ئي نرالو ٿي پوندو هو. هوا
جون لهرون سنگيت جي ڌُن ۾ لچڻ لڳنديون هيون.
ڪيرتن جي سماپتي بابا هريرام صاحب جي ساکي ۾ سندن
ٿي تاهيل شبد ۽ آرتيءَ سان ڪري چپ چاپ پنهنجي
ڪمري واري آسڻ تي وڃي براجمان ٿيندا هئا. جڏهن
پرساد ورهائجي ويندو ۽ سنگت به موڪلائڻ لڳندي ته
پاڻ باغ ٽي يا پاندل واري کيت تي وڃڻ جو سعيو ڪندا
هئا. پاندل وارو کيت اٽڪل پنج ڪلوميٽر دوريءَ تي
آهي ۽ ان کي ٿاروشاه ڪري چوندا هئا. ڇاڪاڻ ته اڳ
۾ ٿاروشاه واري زمين جهڙو انس جٽي وڏا سنت گهڻو
ٽڪو آسڻ ڪندا هئا. ننڍڙي ٻڪٽي جيان ڪٽيا، پر ڪوه!

درشن ڪري اُٿي وڃڻ لاءِ اُتاولا ھئا پر بابا جن پنھنجو ڪاربار پوري ڪرڻ تائين ڪنھن نموني کين ترسائي ٻاڻ سان ڪجھ جھوپڙيءَ ۾ وٺي ھليا جو اُچا سماڌن واري ٻڪي ڪٽيا نھيل ڪاٺ ھئي. اُتي پاڻ ڪٿ تي ويھي، ٻرامڻن کي ھيٺ ڳوڻين واري آسڻ تي ويھڻ جو اشارو ڪري، آکيائون: "اڄھو ٻائو شيوا رام ھيءَ ٿي آھي." آئل ٻرامڻ جي ڀرسان پنھنجي پوشاڪ ۽ ھيٺ پٿاريل ڳوڻين جي آسڻ کي ڏسي ويھڻ کان انڪار ڪيائي سي ترس ٿي ويھي رھيا. بابا جن جي سادگي ۽ پريم ڀريل وچنن کين اھڙو ته موھي ڇڏيو جو پوءِ وڃڻ جي ڳالھ ئي نه ڪيائون پر ھميشه لاءِ سنڌن شش بڻجي پيا.

ڏينھن جو ٻاغ تي ھوندا ھا ٻانڌل واري ڪيمت تيءَ سنجھا ناٿي، ڪرپا لاھي، سماڌن لي، ڏونٽي صاحب جي پاسي ۾ پنھنجي آسڻ تي اچي براجمان ٿيندا ھئا ۽ اتي جي آرتي پوڄا واري نت نيم تي نظر رکندا ھئا. آرتيءَ ڪاٻوءِ پرساد ورھائبو ته 'ستنام، ستنام، ستنام جي، سري واھگرو، واھگرو، واھگرو جي' ڌُني پڇن مدبليءَ وارا ٻالڪ چالو ڪري ڇڏيندا ھئا. رات جو پوڄن جي ڏائيم لي بابا جن دربار صاحب ۾ ٻھچي ويندا ھئا ۽ پنھنجي ڪمري ۾ ڪپڙا بدلائي گرميءَ سبب مٿي ڪنڌ تي چڙھي ويندا ھئا. اُتي ھڪ سادي آسڻ تي ويھي رسوئي ورتائيندا ھئا ۽ اُما گوڪل ما ٻه اوقت کين ڪجھ ڪجھ نه ڏيڻ لاءِ ھڪ حاضر رھندي ھئي. رسوئي ڪرڻ

نهر جي پاڻيءَ جي سهوليت واري ويٺن ۽ ڳهڻ جي زمين تي بابا جن پنهنجي هٿن سان ڪافي محنت ڪئي. ٻالڪن ۾ اِنهيءَ تي هوندي شيوا جو اُتڪ پيدا ٿئي، مون ڏٺو ته وڏن سنتن جيان ڪي شهر جي برهمڻن جا ٻالڪ ۽ ننڍي ٻائي سان گڏجي بيل گاڏيءَ ۾ چڙهي آئي اچي نڪرندا هئا ۽ زمين مان پٿريون ڪڍڻ، صاف صوف ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هئا. بابا جن اُنهن ٻالڪن جي ٽوليءَ کي ٻين منڊلي ڪري ڪوٺيندا هئا جو شام جو ساڳيا ٻالڪ سماڌي تي آرتيءَ ۾ شامل ٿيندا هئا. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته اُنهن ٻالڪن ۾ وڏڙي چيٽن جي ڏاڏي سرڳواسي ٿارو مل دربار صاحب جي چڱي شيوا ڪئي ۽ سندن سڄو ڪٽنب نهايت شرڌا وارو آهي.

بابا جن جتي به هوندا هئا، باغ تي يا پاڙل واري کيت تي ته منجهند وارو ڀوڄن ته رڳو سندن پر اِلي حاضر سڀني شيوادارن لاءِ دربار صاحب مان تيار ٿي پهچي ويندو هو ۽ اهو سڀني سان گڏ پنگت ۾ ويهي پريم سان ورتائيندا هئا.

بابا جن جڏهن به زمين جي ڪم کي لڳندا هئا ته پهريان ڪپڙا بدلائي هيٺ گوڏ ٻڌي ۽ ننڍو چولو پائي پوري ڪسان جيان ڪم کي لڳي ويندا هئا. ٻڌم ته هڪ ڀيري ڪو سڪر پرش جنهن بابا جن جي هاڪ ٻڌي هئي سو دهليءَ مان بمبئي ڪار ڏنارن ويندي رستي ۾ پيلواڙي اِنهيءَ باغ وٽ لهي پيو ۽ اندر اچي بابا جن، جي زمين جي ڪم ۾ لڳل هئا، تن کان ٿي پڇيائين ته دربار صاحب جا مهنت ڪٿي آهن. اُتر ڏنائون. "ڪجهه ٻاڪ ٿرسو، جل پان ڪيو. پاڻ اچهو آهيو." آيل پريمي

شبداولي

(١)

ٻاٻا شيوارام هئا هيري ڪڻي، گهرج اڇا هئي سندن گهڻي

١- سيرت جا سوٻارا هئا، سنسار سڄي کان نيارا هئا
جنهنجي رڳ رڳ هئي رام مڻي، گهرج اڇا هئي سندن گهڻي

٢- سنتن ۾ سڄان هئا، ودوانن ۾ ودوان هئا
ٻڌن ٻوڌن جي موج گهڻي، گهرج اڇا هئي سندن گهڻي

٣- سنگت اوهانکي ساري ٿي، پل پل توهانکي پڪاري ٿي
سائينءَ کي ڪيئن ڳالهه وڻي، گهرج اڇا هئي سندن گهڻي

٤- نارائڻ جي ارداس اهائي، جنم مرڻ ۾ نه ايندءِ ڪڏهين
ونڪنت ڏيندو پاڻ ڌڻي، گهرج اڇا هئي سندن گهڻي.

- ڪوي نارائڻداس،
ڊوڀال

ڪجهه وقت ٽهلندا ۽ پوءِ سيڙهي کي سنڌام چڙهي وڃي پنهنجي بستري تي آهلندا هئا. مان کين پيرُون ڏيندو هوس ته يڪدم چوندا: ”بس ڪمل، گرمي ٿي ٿئي، وڃي آرام ڪر.“ پاڻ به ڪيترن سوهلو پڙهي وسرامي ٿيندا هئا.

عام طرح باباجن جو روزانو ڪاريه اِئين ئي ٿيندو هو جو مون پاڻ ڏٺو ۽ سدائين ياد رهندو.



(٣)

ڀاڳ ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو، سائين شيوارام جن
سادگيءَ ۾ پڻ سونهارو، سائين شيوارام جن

١- جنهن جهڙو سنڌ ۾ سدائين، آءُ ڪنڌ آهيان سدائين
سو هئو اولاد پيارو، سائين شيوارام جن

٢- ڀاڳ ڀرپور ڪي سُڀاڳو، ۽ سڀاڳي خوب ڀاڳو
دل گهرو دلدار نيارو، سائين شيوارام جن

٣- ڀرڻ جي دربار ٽڪي، خوب راجستان ۾
ڀيلواڙو ٿيو ڀلارو، سائين شيوارام جن

٤- ڪي وڃن ڪاشي پُري، گرنار ۽ راميشورم
گهر گورو جو تيرٿ سارو، سائين شيوارام جن

٥- ڪمت ۾ قادر ڏنو، امرت ڀريو آواز ڪو
جڻ ٿي، ماڪيءَ جو ڦوهارو، سائين شيوارام جن

٦- هر دکيءَ جي سڏ ٿي ٿو وڃي هيءُ سرومڻي
پيڙتن جو ٿئي سهارو، سائين شيوارام جن

٧- ڇا ته جڳتي، ڇا ته ڀڳتي، ڇا ته شڪتي هئي سندس
دل گهرو دلبر دلارو، سائين شيوارام جن

٨- منش جي جيون سڌارڻ لاءِ هُن، شيوا ڪئي
گيان جو ڪوڙهو اشارو سائين شيوارام جن

٩- سنت سادن مهنت جوڳين جيان رهيو وراڳ ۾
هو سائين ڌرج وارو، سائين شيوارام جن

١٠- ديش ڀارت جي اندر يا ديش ڀارت کان ٻاهر
وڃو وڃائي هر جو نارو، سائين شيوارام جن۔

- ڪمل پياسي،
ويراول

(٢)

١- شيوا جو شڪ ڀاؤ ڀڃائي، هوي ء سان من هرکائي ويا
ڀرڀر آڳن جي جوت جڳائي، روشن راهه ٻڌائي ويا

٢- هڙئي روپ اوتار لٽي، آهو هت اسرار لٽي
اڄ به سڌن آ مورت سامهون، پاڻ پرپاڻ پسائي ويا

٣- مهاپرش هت مهر ڪري ويا، رنگ پرپاڻ رنگائي ويا
سار سڀو سمجهائي ويا، ’پياسي‘ من ترڦائي ويا.

- ڪمل پياسي،
ويراول

(٥)

بابا جي در اچي، تون ڪول مون جي دري
شيوا سان من جوڙي، رهجاءِ تون هري

١- اچي هن جڳت ۾ شيوا نه ڪئي تو
هڪ هڪ گهڙي جا گذري، برباد هو ڳئي

٢- شيوا جي هڪ ڳڻ سان هر شخص ٿو ٻڌي
پاپي هجي يا ڌاڪو انسان ٿو ٻڌي

٣- شيوا جو اُپهار ٿو پاڻ سان ملي
ٽڙندو رهي سدائين گل گلاب جيان ڪلي

٤- جنهنجي لڳن شيوا سان، ڏن رات آ لڳي
ٽهڪي نه ڏکڙو ڪوئي، جڳ جڳ رهي سکي

٥- شيوا ڪار جڳت ۾ جنهن جنهن آ اُٿي
ڦيري جنم مرڻ کان هو ڳئي اسڪي ڇُٽي

٦- چاڪان نه پاپ پوڄا، ٻيٽيم نه مندر مڙهي
سويڪار سوامي ڪندا، جهڙي مان ڪوني ڪڙي

٧- شيوا ماءِ تو راجي، دور نا هري
شيوا هري آ هڪ ئي، فرق ناهي ذري

٨- همت شاهد ڦر نا اچي، هڙي تو گهڙي
ستسنگ ڪري سنتن جو، وڃ پار تون تري.

- ڪماري راجو مهر وتري،
بمبئي

(۴)

شوق سان شيوا ڪري شيوا سان شيوارام ٿيو
هو سدا سرهو رهيو، هر ڪم اندر اشڪام ٿيو

۱- هن هوءِ ڪي خوب ڄاتو، هن اڳيان سجدو ڪيو
اڪري اڄ پاڻ پريو روپ ۾ گهنشيام ٿيو

۲- نيڪ ناميءَ جو جهنڊو، هن جو سدا بلند رهيو
لوڪ واسين لاءِ لالڻ، پريم جو پيغام ٿيو

۳- هن چيو آهي سماڌين ۾ اڪل سچ جو ڏٺي
هن اڳيان هردم پڪاريو جو رحيم ۽ رام ٿيو

۴- جن رکي آ جاءِ دل ۾، تن جو خاوند ٿي پيو
مشڪلاتن ۾ پڪاريو تن لاءِ پڻ آرام ٿيو

۵- سڪ شردا ۽ صدق سان چيا نه ٿو پرايت ٿئي
ٻاجهه ٻاجهارو ڪري، پوءِ خاص ٿي پڻ عام ٿيو

۶- مهر جو مالڪ وسائي مينهن پل پڄي مٿان
اي اڄهن، در بدر ڏکين جي، دل اندر وسرام ٿيو

۷- جي 'پياسي' ۽ اداسي، سڪ رکي هن ڏي پڳا
پڻ جڏن محتاج مالدن لاءِ سندر شيام ٿيو.

- ڪمل پياسي،
ويراول

(٧)

سُرُ: رگھوپتي راگھوَ راجا رام، پتت پاون سيتارام

ٿلهه: دل ڙي لڳي وئي ڏسان شيام، بابل منهنجو شيوارام
شهرَ جهنگل مسان ڳوليان گام، بابل منهنجو شيوارام.

١- جوڳين ۾ تون جوڳي مهان، وِدوانن ۾ تون وِدوان
تون شاهه سچو، آءٌ ليچ غلام، بابل منهنجو شيوارام.

٢- شبد سچي سان گهائي وڌين، جان ۾ جادو لائي وڌين
ڪَن ۾ گونجي تنهنجو ڪلام، بابل منهنجو شيوارام.

٣- ڪين ھُيڙ. لڌ ليڪن ۾، چِمٽ هري ۽ جسي جڙن ۾
رڳ رڳ ۾ تنهنجي هرنام، بابل منهنجو شيوارام.

٥- 'ڪملي' ماڳي اهو وردان، مانُ شانُ ۽ هري ڏيان
تون ڀڄُ شڪر ٻولي پڳوان، بابل منهنجو شيوارام.

- ڪشن واڌواڻي 'ڪملي'
دهلي

(٦)

١- سائين منهنجي سار ۾ رڳ رڳ تي رباب
وڄندي ويندي مون سان ڪيئن ٿا هڪڙي ٻاس
ڀڄڻ کان ڀهرڻ ٻرڻ کسڪي وئين اگهات
روئي ساري رات، وهاڻا ولير ٿيا.

٢- لڪڙو لڪڙو اهڙو، ڪهڙي ٻاج ٻٽي
قياس ٿا ٻيٺ جڏيءَ جو، ٿيندي اڏ مٽي
دم ڪرڻ ها ڏيرَ جي، ڪهڙي ميراث ڪٿي.
وڙئي ڙي وڙئي، آءُ ٿا مٺيس ٻس ماٺ ۾

٣- سائين مون ٿا سوچيو، هيئن تي وڃڻ لون ڏار
دل ۾ ڪيڏا انسنا، واهي ڳالهيون ڏکڻ هزار
هڪ ٻرانءِ جو ٻسڻ، ٻيو ٻرانءِ جي ٻچار
اُنهن ٻنهي کان ڏار، شال قادر ڪنهن کي نه ڪري.

٤- ٻاڻ سڏائي مونکي سمهڻ کي سمهئين
ڳجهه اُجهاندڙ ڳالهڙي، سانڍي دل وئين
دل ۾ ٻيهد دکڙا، ٻاهر مُرڪندو رهئين
سڏڙي سائينءَ جي، دم ڏير نه لائڻ هڪڙي.

٥- سڄڻ ٿا هڻڙا، ٻيا سڀ ڏجن ٻُن
دل لائجي تنهن هيڪڙي، ٿورڙي سؤ سکن
چُڻن جي لال هڙڙا، سي ماڻر ٻال مُرڪن
جيڄل منهنجي پاڳ ٿي، ڏيو ڏيوا ٻرن ڪن
جڻ جڻ ٻنهي لوڪن، ٻازي ڪٿي وئين هڪ ڪيپ ۾.

- ڪشن واڌواڻي 'ڪملي'،
دهلي

(٩)

بابا شيوارام سائين

طرز - ان آنکون کي مستي کي (فلم - أمراو جانِ)

ٽلهه - بابا شيوارام سائين مالڪ دنيا جو آهين
هيءُ عرض ٻڌي منهنجو، ڏک درد منهنجا لاهين.

١- هڪ مونکي کپي لڳي منهنجي چرنن ۾ جڳهه سائين
ٻيو صبر ملي من کي، چنتا رهي نه ڪائي.

٢- نيڻن من ۾ نه لالچ لڳي، پر ڏن کي ڏسي بابا
چولن مان ڏسان سڀ ۾ صورت توهانجي سائين.

٣- چارئي ملن پدارٿ پوءِ ٻيو ڇا کپي دانا
اکڙين ۾ منهنجي بابل واسو ڪريو سدائين.

٤- هن در سان رکي نينهڙو پالو هو 'پرمانند' ٻي
مان ٻي سوالي آهيان منهنجي دنيا جو سائين.

- رميش ساولاڻي، 'پرمانند'
اجمير

(۸)

هري شيواڏام

طرز- پربتون سي آج مٿن ٽڪرا گيا (فلم- بيتاب)

ٽلهه- سرڳ کان سُٺو آهي، جنهنجو شانُ آ
هري شيواڏام ڏهنجو نام آ

۱- چار پد آهن سچارا ڏس سماڌيون سي سٺيون
ڏوٽي صاحب جي اڳيان پرامي سيڏي ٿا جهڪون
هريءَ جو لالو بابا هربرام آ.

۲- باغ باغيچا ۾ سهڻي آ ڌرمشالا هتي
بابا شيوارام جي سرڪار عاليه آ جتي
مک ۾ بابل جي سدا ستنام آ.

۳- 'پرمانند' هن در سان ممهنجو صدق شل رهجي اچي
مان اچان هر روز بابل، لڄ ۾ پت رهجي اچي
دل ۾ ڏهنجو ڌيان او ڀڳوان آ.

(۱۱)

پڳڙيءَ جا پنڌار

طرز - نگري نگري ڍُنڍاري ڍُنڍاري (فلم - مدر انڊيا)

ٿلهه - بابا شيوارام اُداسي، پڳڙيءَ جا پنڌار هئا
ويس غريبي نظر نماڻي، الله لوڪ اوتار هئا.

۱- لنڊڻ کان ٿي گور پڳڙيءَ ۾ گور چرڻ جو ڌيان هو
پڳڙين جا ڪم پاڻ ڪرڻ لاءِ، آئو جڻ ڀڳوان هو
مٺڙي سُرُ سان سڀ کي موهيو، سنگت جا سينگار هئا.

۲- مک ۾ ٻاڻي هاج هٿن سان، سچ جو ڪندا واپار هئا
سنتن ۾ سوڀارا صاحب، پريمين جا آڌار هئا
سهڻي صورت، موهڻي مورت، موهن جيان مٺار هئا.

۳- 'پرمانند' جن کٿي آ شيوا، سک سان هن دربار جي
پابل لکي اڏي ڇڏيو آ، ناهي ڪمي ڪنهن ڳالهه جي
نام دواءِ ڏئي دوکين کي، نيڪ ڪندا ڪرتار هئا.

- رميش ساولاڻي، 'پرمانند'،
اجمير

(رميش ساولاڻيءَ جا هٿ ڏنل گيت سندس
پستڪ "شرڌانجلي" تان ورتل آهن)

(١٠)

بابا شيوارام مهان

طرز- هونٺن سي ڇولو نہ (فلم - ٻوٻهگيت)

ٽيڪ - بابا شيوارام مهان، سنگت جو ڪريو ڪلياڻ
سڀ ۾ شل ڏيو سڏڙو، سدا رهجو سنگت سان ساڻ.

١- ڏينهن رات لوهاڻو ٿي، بس تنهان گهرون بابا
سمرڻ چئون بابا، ايمان گهرون بابا
شل اچي پهر ڏسون تنهنجي صورت او ڀڳوان.

٢- تنهنجو نانءُ وٺي بابا سڀ جو واپار ڪيون
تنهنجي ٻيڙي لي وٺي ڀَوَ ساگر پار ڪريون
تنهنجي ٻاٽي روز پڙهون، او هيڻن جا همراهه.

٣- دربار سڄڻ تنهنجي جنت سرڳ، پُري آهي
لت ليم سان پڄن ٿئي، پوڄن پيي ڪابل آهي
ڪوئي خالي ڪين وڃي 'پرمانند' نشچيم جاڻ.

- رميش ساولاڻي 'پرمانند'،
اجمير

ڀلنامو

رچنا	صفحو نمبر	سٽ نمبر	غلط	برابر
پرستاونا	٢	١٢	آتمڪ	آتمڪ
”	٦	١٣	سوئيا	سوئيا
پرڀن جي دربار	١٢	٥	سندن	سندس
”	٢٣	٩	ڪيٿن	ڪٿين
”	٢٩	٨	جٽيٿي	جٽيٿي
”	٣٩	٩	ٻيو	پيو
”	٥٣	١٠	ٻارا	پارا
”	٥٥	٥	مولد	مولِد
”	٧٢	١٤	ٿي	ٿي
”	٧٣	١٣	سندي	سندي
”	٨٤	٢٠	پت	پت
”	٩٨	٢١	سائيجن	سائيجن